شاهه ڪريم جو ڪلام

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

شاهہ ڪريم جو ڪلام

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ايڊيشن 1995

روشني

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

فھرست

نئين ايڊيشن لاءِ ٻہ اکر	4
ٻہ اکر	5
فصل پھريون سوانح حيات	6
فصل ٻيو شخصيت ۽ ڪردار	21
فصل ٽيون علمي لياقت ۽ مشرب	25
فصل چوٿون سنڌ جون سياسي حالتون	27
فصل پنجون سنڌ جو علم ۽ ادب	35
فصل ڇھون شاھ ڪريم جي شاعري	39
فصل ستون بيان العارفين	59
باب پھريون شاھ ڪريم جي ولادت ۽ پيري مريدي	67
باب ٻيون حق جي واٽ جي طلب	69
باب ٽيون نماز ۽ ورد وظيفا	91
باب چوٿون سوال جواب	92
باب پنجون حلم، تواضع ۽ مجاھدي جي بيان ۾	99
باب ڇھون سخاوت جي بيان ۾	103
باب ستون محبت ۽ شوق جي بيان ۾	104
باب اٺون سماع ۽ وجد جي بيان ۾	107
باب نائون توحيد جي بيان ۾	109
باب ڏھون نبين جو احوال	114

باب يارهون بزرگن ۽ ولين جا نڪتان	115
باب ٻارهون سنڌ جي بزرگن جون حڪايتون	123
باب تيرهون شاهه ڪريم جي تصرف بابت	126
فصل ٻيو اهي بزرگ، جن جو ذڪر بيان العارفين ۾ آيل آهي	154
فصل ٽيون بيان العارفين ۾ آيل سنڌ جا شهر ۽ پرڳڻا	167

نئين ايڊيشن لاءِ ٻه اکر

خدا جي فضل سان ”ڪريم جو ڪلام“ جو پهريون ايڊيشن به جلد ختم ٿي ويو. ڪيترو وقت کان ان جي گهرَ ٿيندي پئي رهي، انهيءَ ڪري هي ٽيون نئون ايڊيشن، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو نئين سر ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪرائي ڇپائي پڌرو ڪري رهيو آهي، جنهن لاءِ محترم علي نواز گهانگهرو صاحب بيشڪ ڪيرون لهڻي.

هن ايڊيشن ۾ ڪيترائي سڌارا ۽ واڌارا ڪيا ويا آهن. خاص طرح سان پهريون حصو وڌايو ويو آهي، جيڪو ٻئي ايڊيشن ۾ ڪونه هو. هن حصي ۾ اُنهن شخصيتن، شهرن، ڳوٺن، ماڳن ۽ مڪانن جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي، جن جو ذڪر شاهه ڪريم جي ملفوظات، ”بيان العارفين“ ۾ آيو آهي؛ نه فقط ايترو پر آخر ۾ شاهه ڪريم، قاضي قادن ۽ ٻين شاعرن جا بيت پڻ الڳ ڪري، سلسلي وار ڏنا ويا آهن، ته جيئن بيتن پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي. انهن خصوصيتن جي ڪري، هي ايڊيشن بلڪل نئون نظر ايندو.

پياري شاگرد بدر ڌامراهه جا لک لائق، جنهن مسودي جي آخري حصي جي نقل ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ سات ڏنو.

دُعا آهي، ته الله تعاليٰ ڪتاب جي هِن نئين ڇاپي کي محققن، شاگردن ۽ سنڌي ادب سان پيار رکندڙ پڙهندڙن ۾ مقبول بنائي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد　　8 مارچ 1994ع

لاڙڪاڻو- سنڌ

ٻه اکر

شاھ ڪريم جي فڪر، تعليم ۽ بيتن بابت "ڪريم جو ڪلام" جي نالي سان راقم الحروف جي ڪتاب 1963ع ۾ ڇپيو هو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ختم ٿي ويو هو. ان ڪان پوءِ ان جي ٻئي ڇاپي ڇپائڻ جي تقاضا ٿيڻ لڳي، پر مون ان کي نئين سر سڌارڻ ۽ وڌائڻ ضروري سمجھيو. هوريان هوريان اهو ڪم ٿي رهيو هو، تہ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ جو موقعو مليو. هن ڊگريءَ لاءِ مون شاھ ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين سنڌي جي ترتيب ۽ اُپٽار" جو عنوان منتخب ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ بيان العارفين سنڌي ۽ فارسي جا قلمي نسخا نظر مان گذريا.

هي ڪتاب، پي ايچ. ڊي جي ڊگري لاءِ لکيل ڪتاب جي روشنيءَ ۾ سڌاريو ۽ وڌايو ويو آهي. ايتري قدر جو هي هڪ نئون ڪتاب ٿي پيو آهي. هن جو مقدمہ وڏيڪ جامع آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي ڳالهين جي وضاحت موجود آهي. متن ۾ شاھ ڪريم جا بيت نئين سر سڌاري ڏنا ويا آهن، ۽ حاشيءَ ۾ مختلف قلمي ۽ ڇاپيل نسخن جون پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن. اپٽار واري ڀاڱي ۾ لفظن جي معنيٰ ۽ شرح بہ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان پيش ڪئي وئي آهي. انسان خطا جو گھر آهي، ڀل چڪ جو امڪان رهي ٿو. جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي نظر اچي تہ آگاھ ڪندا.

آخر ۾ آءٌ استاد محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو ٿورو مڃڻ پنهنجو فرض ٿو سمجھان، جنهن لفظن جي معنائن ۾ مدد ڪئي. ان سان گڏ سيد محمد مظهر سلطان بخاري جو بہ شڪر گذار آهيان، جنهن هن ڪتاب جي پروفن پڙهڻ ۽ عبارت کي صحيح صورت ۾ ڇپڻ جو ڪم سرانجام ڏنو.

لاهوري محلو، لاڙڪاڻو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

10 آڪٽوبر 1976ع

مقدمہ

فصل پهريون

سوانح حيات

حسب نسب

حضرت شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، متعلوي (مٽياري) ساداتن جي خاندان مان هو. هن خاندان جو وڏو ڏاڏو اَصل هرات جو ويٺل هو. سندس نسب جو سلسلو امام موسيٰ ڪاظم سان وڃي ملي ٿو. جيڪو هن طرح آهي:

سيّد عبدالڪريم شاھ بن سيّد لعل محمّد شاھ عرف لَلُه شاھ بن سيّد عبدالمومن عرف مينه شاھ بن سيّد هاشم شاھ بن سيّد حاجي شاھ[1] بن سيّد جلال محمّد عرف جرار شاھ بن سيّد شرف الدين شاھ بن سيّد مير علي شاھ بن سيّد حيدر شاھ بن سيّد مير علي شاھ بن سيّد يوسف شاھ بن سيّد حسين شاھ بن سيّد ابراهيم بن سيّد علي الجواري بن سيّد حسن الاڪبريٰ بن سيّد جعفر ثاني بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق[2].

”سيّد علي الجواري“ شيراز ۾ رهندو هو. ”سيّد ابراهيم شاھ“ ۽ ”سيّد حسين شاھ“ بہ شيراز ۾ رهيا. ”سيّد يوسف شاھ“ شيراز مان لڏي اَچي ترمذ ۾ ويٺو. ”سيّد علي شاھ“ ۽ ”سيّد حسين شاھ“ ترمذ ۾ رهيا. سيّد محمّد شاھ ترمذ ۾ بہ رهيو، تہ شيراز ۾ بہ رهيو. ”سيّد حيدر شاھ“ هرات ۾ اچي رهيو.[3]

سندن وڏن جو سنڌ ۾ اچڻ

مٿئين بيان مان معلوم ٿيندو، تہ شاھ ڪريم جا وڏا پهريائين شيراز ۽ ترمذ ۾ رهندا هئا. ”سيّد حيدر شاھ“ لڏي اچي هرات ۾ ويٺو. ان ڪان پوءِ سيّد حيدر شاھ جا پونير هرات مان لڏي سنڌ ۾ ڪيئن آيا، اهو احوال هن طرح آيو آهي:

”امير تيمور جڏهن ايران ۽ توران هٿ ڪري 2 لک، 62 هزار، 3 سؤ[4]لشڪر سان هرات[5] تي چڙهائي ڪئي، تڏهن سيّد مير علي سندس خدمت ۾ لشڪر جي تعداد جيترا روپيہ نذر رکيا. تيمور مٿس ايڏو راضي ٿيو، جو انعامن اڪرامن ڪانسواءِ سندس پٽن مان مير عبدالباقيءَ کي اجمير، مير عبدالواحد کي ملتان، مير عبدالرزاق کي بکر ۽ مير ابوبکر کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيائين. سيّد

صاحب جي ڇهين فرزند حيدر شاهہ پنهنجي پيءُ سان گڏ امير تيمور ساڻ همرڪاب ٿي رهڻ جي خواهش ڏيکاري، جا امير قبول ڪري، ڪين هندستان وٺي آيو.[6] مير حيدر جلدئي پائرن سان ملاقات ۽ سير سفر جي خيال ڪان اجازت وٺي اتي نڪتو، ۽ گهمندو ڦرندو سنڌ ۾ آيو.[7]جڏهن هالا ۾ آيو، تہ شاهہ محمد پٽ دريا خان هالي جي حويليءَ جي سامهون گهر ڪري ويهي رهيو. شاهہ محمد هالي سندس خاطر خواهہ خدمت ڪئي. ڪجهہ وقت رهڻ ڪان پوءِ اتي جي حاڪم مير محمد هالن جي ماڻهن تي 525 روپيہ ڏنڊ رکيو، جنهنڪري هو ويچارا ڏاڍا اچي ششدر ٿيا. سيد حيدر ڪي قياس اچي ويو ۽ ساري رقم پنهنجي هڙان ڀري، غريبن جي جند ڇڏايائين. شاهہ محمد هالو ڏاڍو متاثر ٿيو، ايتري قدر جو سيد صاحب ڪي هميشہ رهائڻ لاءِ سنگ جي آڇ ڪيائين. سيد صاحب سندس آڇ قبول ڪري، سندس نياڻي بي بي فاطمہ سان نڪاح ڪيو. جيئن تہ سيد صاحب جي والده جو نالو بيبي فاطمہ هو، تنهنڪري سندس نالو مٽائي بي بي سلطانہ رکيائين. هڪ سال 5 مهينا[8]سنڌ ۾ رهڻ ڪان پوءِ اوچتو پنهنجي والد جي وفات جو ٻڌي هرات وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ان وقت سندس گهرواريءَ ڪي اميد واري هئي، جنهنڪري اڪيلو وڃڻو پيس. وڃڻ وقت پنهنجي گهرواريءَ ڪي ٽي شيون نشانيءَ طور ڏنائين: منڊي، جنهن تي سندس نالو لکيل هو، جڙادار خنجر ۽ هڪ ٻانهي، جا هرات ڪان آندي هئائين. ان سان گڏ وصيت ڪيائين تہ. ”جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ نالو ”مير علي“ رکجوس، پر جي نياڻي ڄمي تہ ڏاڏهنس وارو نالو رکجوس.“

هرات پهچڻ ڪان پوءِ گهرواريءَ ڪي خط پٽ لکندو هو. آخر سنڌ ۾ اچڻ جو ارادو پئي ڪيائين، تہ موت مهلت نہ ڏنس ۽ 3 سالن ۽ 27 ڏينهن ڪان پوءِ هرات ۾ گذاري ويو.[9] هرات ۾ اڳين گهرواريءَ مان ٻہ پٽ: سيد محمد ۽ سيد حسن هئس، جن پيءُ واري ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڪنئين.

سيد حيدر جي وڃڻ ڪان پوءِ سندس گهرواريءَ ڪي پٽ ڄائو، جنهنجو نالو وصيت موجب ”مير علي“ رکيائين. جڏهن وڏو ٿيو تہ، ڏنئي نشانيون پاڻ سان کڻي هرات ڏانهن اسهيو. اتي پهچڻ سان ڪيس معلوم ٿيو، تہ سندس والد گذاري ويو هو. پائرن ڪان ملڪيت جو حصو طلب ڪيائين، جيڪو هنن گهڻي ڪشمڪش ڪان پوءِ ڏنس. جيڪي مليس اهو وٺي واپس وطن وريو. پاڻ سان گڏ چاچي شرف الدين ڪي بہ ساڻ ورتيون آيو، جنهن ڪجهہ وقت سنڌ ۾ رهڻ ڪان پوءِ وفات ڪئي. سيد مير علي سنڌ

۾ اچڻ کان پوءِ پنھنجي ملڪيت جا ٽي حصا ڪري، ھڪ حصو وري بہ پنھنجي پيءُ ۽ ڀائرن ڏانھن موڪلي ڏنا. سيد مير علي سنڌ مان بہ شاديون ڪيون. ھڪ ھالا ذات مان ۽ ٻي ترڪ قوم مان.

بيان العارفين موجب ڪيس بہ پٽ ٿيا: ھڪ شرف الدين، جو ھالا حويلي مان ٿيس، ۽ ٻيو سيد احمد جو ترڪ گھرواريءَ مان ڄائس. پر محترم جي. ايم. سيد لکيو آھي، تہ سيد صاحب کي مرتضيٰ نالي ٽيون پٽ بہ ٿيو، جيڪو بنان اولاد گذاري ويو. ھو شاھ پريا جي نالي سان مشھور ٿيو. سندس مقبرو مانجھند جي اتر ۾ آھي[10] سيد احمد پيءُ سان گڏ ھيو، پر سيد شرف الدين شادي ڪرڻ کان پوءِ جدا حويلي ٺاھي. سيد شرف الدين جو اولاد "شرف پوٽا" سڏجڻ ۾ آيا، ۽ سيد احمد جي اولاد سندس پٽ مير جي نالي پنيان "ميرڻ پوٽا" جي نالي سان مشھور ٿيو[11].

ڪجھ وقت ھالن ۾ رھڻ کان پوءِ ھي خاندان لڏي، ڪجھ پنڌ ڪري، رستي لڳ ھڪ ننڍي ڳوٺ ۾ وڃي ويٺو. ان ڳوٺ جي ٻاھران رستي تي ھڪ فقير مٽي پيري رکندو ھو، جنھنڪري ان ڳوٺ تي "مَٽ وارو ڳوٺ" نالو پئجي ويو، جو اڳتي ھلي "مٽياري" مشھور ٿيو. سيدن پنھنجي عروج واري زماني ۾ ان ڳوٺ جو نالو بدلائي "مٽ علوي" رکيو، جو پارسي رسم الخط ۾ "متعلوي" لکجڻ ۾ آيو[12].

جي. ايم. سيد صاحب ڄاڻايو آھي، تہ ھي خاندان 840ھ (1436ع) جي وچ ڌاري ھالن مان لڏي ويل ٿو ڏسجي.[13] مٽيارين ۾ رھڻ کان پوءِ ھي خاندان چئن قبيلن ۾ ورھائجي سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو. انھن چئن قبيلن جا نالا ھي آھن:

جرار پوٽا، 2- باقيل پوٽا، 3- موسا پوٽا، ۽ 4- مئين پوٽا.

"جرار پوٽا"، "شرف پوٽا" جي شاخ آھي. اسان جو شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ھن خاندان مان ھو. لس ٻيلي وارو مشھور شاعر "ڪبير شاھ" ۽ مخدوم بلال جو مريد "سيد حيدر شاھ سنائي"، مئين پوٽا" قبيلي مان ھئا.[14]

ولادت

حضرت شاھ عبدالڪريم مٽيارين ۾ 20 شعبان سنہ 944 ھجري (مطابق 20 جنوري سنہ 1538ع) تي تولد ٿيو.[15] سندس والد سيد لعل محمد شاھ عرف سيد الله شاھ پنھنجي وقت جو بزرگ ٿي گذريو آھي.

تعليم ۽ تربيت

شاھ ڪريم اجا ننڍو ئي هو، تہ سندس والد هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس تربيت سندس والده ماجده ۽ سندس مربي ڀاءُ سيد جلال جي زير نظر ٿي. جڏهن پنجن ڇهن ورهين جو ٿيو، تہ مڪتب ۾ وهاريائونس، پر پڙهڻ سان دل نہ لڳس. مس مس ڪري قرآن شريف جا ٻہ سيپارا ناظران پڙهيائين. بيان العارفين ۾ شاھ ڪريم جي پنهنجي زباني آيل آهي:

”ننڍپڻ جي زماني ۾ آخوند ٻين خطابين سان گڏ ڪاتين ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. حرف ڏيئي ڇڏيندو هو، تہ واٽ سان ياد ڪندا وڃو. جڏهن جهنگ ۾ ويندا هئاسون، تہ ٻيا سڀ سبق ياد ڪرڻ ڪي لڳي ويندا هئا، پر مان رڳو الله جو نالو پيو ياد ڪندو هوس. موٽڻ مهل ٻيا خطابي سبق ٻڌائي هليا ويندا هئا، پر مون کي اکر بہ نہ ايندو هو. پڙهائڻ لاءِ گهڻا حيلا هلايائون، پر وريو ڪجھ بہ ڪونہ.“

هن بيان مان نہ فقط شاھ ڪريم جي تعليم تي روشني پوي ٿي، پر ان وقت جي تعليم ڏيڻ جي طريقي جي خبر بہ پوي ٿي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ شاھ ڪريم کي پڙهڻ کان وڌيڪ ذڪر سان شوق هو. ان سان گڏ سماع سان بہ ننڍپڻ کان ئي دلي لڳاءُ هوس. ۽ پڙهڻ ڇڏي وڃي سماع جي محفلن ۾ وهندو هو. ان سلسلي ۾ هڪ ڀيري ڀاءُ جي هٿان مار بہ کاڌائين. بيان العارفين ۾ شاھ ڪريم جي ڀاءُ سيد جلال جي زباني آيل آهي:

”جڏهن سيد عبدالڪريم کي ٿڦ هڻي، سماع تان اٿاري ماءُ وٽ وٺي آيس، تڏهن والده مون کي ڇينڀ ڪندي، نصيحت ڪئي، تہ متان ان کي ڪجھ چيو اٿيئي، توکي ان جي مرتبي جي ڪل ڪانهي. سندس ڄمڻ جي بشارت پنهي جهانن جي سردار ڏني هئي.

...... ان کان پوءِ مون هن کي ڪجھ نہ چيو، جيئن چوندو هو. تيئن ڪندو هوس. ڪيس عيال جي ذري بہ تڪليف نہ ڏنم.“

ڀاءُ جي اهڙي قرب ڪري گهر جي جنجال کان آزاد ٿيو، وتندو هو درويشن جا وعظ ۽ نصيحتون ٻڌندو. بيان العارفين ۾ ٽٽي جي مخدوم ضياءالدين[16] جي زباني آيل آهي:

”هڪ ڀيري اسان جو وعظ شاھ ڪريم ڪنڊ ۾ ويٺي ٻڌو. ان وقت اجا هو معصوم هو. جڏهن وعظ بس ڪيم ۽ سڀ اٿيا، تڏهن هي بہ اٿيو ۽ گهر وڃڻ لڳو. منهنجي نظر سندس پٺيءَ تي پئجي ويئي. سندس منزلت جو اندازو لڳائي چيم: هي ڇوڪرو هنن ڏينهن ۾ ئي مهتر حضرت خضر عليہ السلام سان صحبتي آهي، جيڪڏهن جوانيءَ ۾ ڪيس ڏسان تہ کهڙو نہ چڱو ٿئي.“

جواني

پنھنجي مربي پيءُ جي وفات کان پوءِ گھر جو سمورو بار سندس ڪلھن تي اچي پيو. انھيءَ ڪري گھر جي گذاري لاءِ محنت مزدوري ڪرڻ لڳو. بيان العارفين ۾ اھو احوال ھن طرح آيو آھي:

”اوائلي عمر ۾ والده شريفہ جي خدمت ڪندا ھئا. پورھئي سانگي ٻين مزورن سان گڏ ڪم تي ويندا ھئا، ۽ جھنگ ڪپي زمين صاف ڪندا ھئا. مزوريءَ دوران منڍ آواز سان سنڌي بيت آلاپي، مزورن کي مست بنائي ڇڏيندا ھئا. انھيءَ ڪري مزور ڪين منت ڪندا ھئا تہ اوھين ويھي بيت چئو، اسين اوھان جو حصو بہ صاف ڪري ڇڏينداسون. اھڙيءَ طرح ھو ڪيس ڪم ڪرڻ نہ ڏيندا ھئا، ۽ پنھنجو ڪم ڪري، سندس حصي وارو جھنگ بہ صاف ڪري ڇڏيندا ھئا.“

شادي

شاھ ڪريم شاديءَ جي سخت خلاف ھو، پنھنجي مريدن ۽ معتقدن کي شادي نہ ڪرڻ جي نصيحت ڪندو ھو. سندس نظريو ھو، تہ عام ماڻھن لاءِ نڪاح جو شري حڪم چڱو آھي، پر سلوڪ جي راھ جي طالب کي شادي ڪرڻ نہ جڳائي، ڇاڪاڻ جو اھا سندس راھ ۾ وڏي رڪاوٽ آھي.

ان سلسلي ۾ بيان العارفين ۾ سندس ڪيترائي قول آيل آھن. اھڙا خيال رکڻ جي باوجود شاھ ڪريم شادي ڪئي ۽ ڪيس اولاد ٿيو. بيان العارفين ۾ سندس شاديءَ جو ذڪر سندس زباني ھن طرح آيل آھي:

”ھڪ ڏينھن مٽيارين ۾ سماع جي ھڪ محفل ۾ وينو ھوس، تہ وڏو پاءُ اچي نڪتو ۽ ٻانھن کان وٺي اچي، انھيءَ جاءِ تي ويھاريائين، جتي اڳي ئي قاضي ۽ سادات وينا ھئا. ويھڻ کان پوءِ قاضيءَ مون کي چيو، ”فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي ساڻ چئني شرطن جي توکي قبول آھي؟ “منجھي ڪٽي مات ڪيم. سيني وٺي زور ڀريو ۽ منتون ڪيون تہ ھائو ڪر. ڏاڍو شرمندو ٿيس، ۽ ساداتن ۽ بزرگن کي ڏسي ڪٽي قبول ڪيم، پر پرڙٽي ڪان پوءِ شاديءَ مان مون کي ڪابہ خوشي حاصل ڪانہ ٿي.“

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو، تہ جيتوڻيڪ شاديءَ سان دلي لڳاءُ ڪونہ ھوس، تڏھن بہ گھر ٻار جو پورو پورو حق ادا ڪيائين.

ھندستاني (بھار) بزرگ جي صحبت

سيد صاحب کي ننڍي کان ئي بزرگن جي صحبت ۾ ويھڻ مان روحاني راحت ملندي ھئي. انھيءَ ڪري جتي بہ ڪو بزرگ ۽ اھل دل ٻڌندو ھو، تہ ڪھي وڃي ان جي صحبت ۾ ويھندو ھو. ھڪ ڏينھن ھڪ پرديسي سلطان ابراھيم نالي، بھار جو رھاڪو، اچي سندس ڳوٺ واري مسجد ۾ رھيو. شاھ ڪريم کيس مسجد ۾ ٽڪيل ڏسي سندس خدمت ڪندو رھيو. جڏھن خبر پيس تہ بزرگ کي پيچل ڪڪڙ کائڻ جو شوق آھي، تڏھن کيس ڪڪڙ ڪھي، رڌرائي اچي کارائيندو ھو. ڇھن مھينن کان پوءِ ان بزرگ کيس پنھنجو احوال ھن طرح ٻڌايو:

”آءٌ ڪنھن بادشاھ وٽ فوج ۾ سپاھي ھوس. ھڪ ڏينھن لڙائيءَ ۾ ايترا ماڻھو ماريم، جو ترار جو مُٺيو ھٿ ۾ برف جيان ڄمي پيو. اھو ڏسي خدا جي خوف اچي ورايو. انھيءَ ئي وقت گھوڙي جي واڳ پائرن جي ھٿ ۾ ڏيئي، بھانو ڪري نڪري پيس. پوءِ تہ بر منھن ڪري وٺي پڳس، ۽ جھرجھنگ جھاڳيندو، سير و سفر ڪندو، قدرت جا عجائبات ڏسندو ھت اچي نڪتو آھيان.“

ان کان پوءِ شاھ ڪريم کان سنڌ جي بزرگن جو احوال ورتائين، ۽ سندس ذڪر جي طريقي بابت پڇيائين. سيد صاحب کيس مخدوم نوح ۽ ٻين بزرگن بابت احوال ڏنو. ميران سيد يوسف جي ”الله“ جي ذڪر وارو طريقو کيس وڻيو. ان کان پوءِ اڻ ڏٺي ئي ھميشہ ميران يوسف جي تعريف ڪندو رھندو ھو.

---

[1]. ڊاڪٽر دائود پوٽي ”شاھ ڪريم جو ڪلام“ (ص 1 کان 5) ۾ سيّد امير علي بن سيّد محمّد تائين شجرو ڏنو آھي، جنھن ۾ ”سيّد حاجي شاھ“ جو نالو ڪٽل آھي. مرزا قليچ بيگ جي ڏنل شجري ۾ سيّد حاجي شاھ جو نالو آھي. (رسالہ ڪريمي ص-2).

[2]. ميرعبدالحسين سانگي: لطائف لطيفي، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، 1967ع، ص 17.

[3]. ميرعبدالحسين سانگي: لطائف لطيفي، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، 1967، ص 17 حاشي.

[4]. لشڪر جي تعداد ۾ وڌاءُ آھي. تاريخ موجب سمورو لشڪر 92 ھزار ھو. (شاھ ڪريم جو ڪلام : ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص- 92).

[5]. ابن حوقل ۽ مقدسي جي بان مطابق ”ھرات“ ھڪ وڏو شھر ھو، جنھن ۾ ھڪ قلعو ھو ۽ شھر جي چوڌاري فصيل ھئي، جنھن ۾ چار دروازا ھئا. مغلن جي ڪاھن تائين شھر جي رونق ۾ ڪوبہ فرق نہ ايو. ”مستوفي“ جي بيان مطابق 12 صدي عيسويءَ ۾ غوري خاندان جي حڪومت جي زماني ۾ ھرات پنھنجي انتھائي عروج کي پھتو. اُن وقت شھر جي بازارين ۾ 12 ھزار دوڪان، 6 ھزار حمام ۽ 608 مدرسا ھئا. ۽ ان ۾ چار لک 44 ھزار آبادي رھندڙ ھئي. (جغرافيہ خلافت مشرق: جي- لي استرينج. اُردو ترجمو. محمّد جميل الرحمان، ص-625 کان 628 تائين).

معلوم ٿئي ٿو، تہ شھر جي رونق ۽ علمي ڪشش، شاھ ڪريم جي وڏن کي ”ھرات“ ۾ آندو. امير تيمور ھرات تي ڀھريائين سن 1381ع ۾ قبضو ڪيو. ھن شھرين تي ايڏو وڏو ڏن وڌو جو شھري تباھ حال ٿي ويا.

(A Literary History of Persia: Browne, 1956, P.P, 185-86)

[6]. تاريخ ۾ انهيءَ مقرريءَ جو ڪو ڏس پتو ڪونه ٿو ملي. تاريخ ٻڌائي ٿي، ته امير تيمور پنهنجي پوٽي "پيرمحمّد" کي سنه 794ھ (1391ع) ۾ ثغور هند جو والي مقرر ڪيو. جنهنجو صدر مقام قنڌار هو. ۽ پنهنجا ڪجهه امير به ان سان شامل ڪيا هئائين. مثلا: برلاس قبيلي جا امير سينهل، محمد درويش، بهلول (محمد درويش جو پٽ) ۽ قماري انياف ۽ قبيلي دوڪلات جو امير قطب الدين ۽ نايمان قبيلي جو امير تيمور خواجه آقبونما. (اردو دائره معارفِ اسلاميه. زير اهتمام پنجاب يونيورسٽي، لاهور، جلد-6، ص- 934).

[7]. هندستان تي ڪاهه جو منصوبو امير تيمور 1398ع ۾ رٿيو هن پنهنجي لشڪر جا ٽي دستا ٺاهيا. هڪ دستو پنهنجي پوٽي پير محمد جي ڪمان هيٺ ملتان موڪليائين. ٻيو پنجاب ڏانهن اماڻيائين ۽ ٽيون پاڻ سان ڪنيائين. پير محمد، امير تيمور جي اچڻ کان اڳ مئي 1398ع ۾ ملتان تي قبضو ڪيو. امير تيمور اپريل سنه 1398ع ۾ سمرقند ڇڏيو. واٽ تي ڪن انتظامي ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه وقت ترسي پيو. آخر 15 آگسٽ تي ڪابل ڇڏي، سنڌوندي پار ڪري هندستان ۾ داخل ٿيو. (شاهه ڪريم بلڙيءَواري جو ڪلام: ڊاڪٽردائودپوٽو 1937ع، ص 1 ۽ 2)

[8]. ميرعبدالحسن سانگي (لطائف لطيفي، ص-20) ڊاڪٽر دائود پوٽو (شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام، ص-3)

بيان العارفين جو بيان قبول ڪري ساڳيو عرصو ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي (مقدمه لطيفي، ص-12) 3 سال 8 مهينا ڏنو آهي، جنهن جي سند نه ڄاڻائي اٿس.

[9]. اها بيان العارفين جي روايت آهي، جا پوءِ جي سوانح نگارن قبول ڪئي آهي. پر تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو، ص- 441) مان معلوم ٿئي ٿو ته:

سيد صاحب مٽيارين ۾ رهي پيو. تحفته الڪرام جي مقابلي ۾ بيان العارفين جي روايت صحيح سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اها بزرگن کان سيني به سيني آيل آهي.

[10]. جي. ايم. سيد، "پيغام لطيف"، ص-3

[11]. ميرعبدالحسين سانگي، "لطائف لطيفي"، ص-22

[12]. بيان العارفين: مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (اڻ ڇپيل)، ص 7

[13]. جي. ايم. سيد: "پيغام لطيف"، ص-3

[14]. جي. ايم. سيد: "پيغام لطيف"، ص- 4

[15]. اها تاريخ بيان العارفين ڄاڻائي آهي. تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو ص-1)، ڊاڪٽر دائود پوٽي (شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام: ص-1) ۽ مرزا قليچ بيگ رساله ڪريمي، ص-1) اتان نقل ڪئي آهي.

[16]. هي مخدوم ضياءُالدين، اهو نه آهي، جنهن جي "سنڌي" مشهور آهي. هي مخدوم صاحب کان اڳ ۾ ٿي گذريو آهي. سندس وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي.

هڪ ڏينهن سيد صاحب کي وظيفو ڏنائين، پر ٻئي کي ٻڌائڻ جي منع ڪيائينس. ڪنهن ڏينهن اوچتو سيد صاحب اها ڳالهه ظاهر ڪري ويٺو. ان کان پوءِ مسجد ۾ وڃي ڏسي ته نهي ئي نه. اهو ڏسي حيران ۽ پريشان ٿيو. ڳولهيندي اچي ڪيس "ميران يوسف" جي دائري ۾ ويٺل ڏٺائين. هو سندس ذوق ۽ شوق

ڪي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. روح رهاڻ ڪان پوءِ ڪيس مانيون آڻڻ لاءِ چيائين. سيد صاحب مانيون وٺي جڏهن دائري تي پهتو، ته بزرگ وڃي چڪو هو. سيد صاحب کي ڏاڍي تشويش ٿي. ڳوليندي اچي بندر جي شهر (شايد لاهري بندر) جي پيڙو ٿيو. ڇا ڏسي، ته بزرگ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي رهيو هو. تڪڙو وڃي ادب سان مانيون اڳيان رکيائين. هن خوش ٿي ڪيس دعا ڪئي، ۽ چيائينس: "موتي وڃي پنهنجي عيال جي خدمت ڪر. اسان حج تي اسهيا آهيون." ائين چئي ڪائنس موڪلايائين. ٻيڙي رواني ٿي ۽ اکين کان غائب ٿي ويئي.

اتان ٿي پير پني جي زيارت لاءِ ويو. جتي ڇئن فقيرن کي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل ڏٺائين. روزي ڇوڙڻ جي وقت، انهن فقيرن مان هڪ فقير وڃي گدائي ڪري آيو. گدائيءَ واري ڪاڌي جا پنج حصا ڪري، چار پاڻ کاڌائون ۽ پنجون شاهه ڪريم کي ڏنائون. بيان العارفين ۾ شاهه ڪريم جي زباني آيل آهي ته، ڪاڌي سندس اندر اجاري ڇڏيو. ان کان پوءِ هڪ بزرگ ڪيس لٺ ڏني، جيڪا کڻي موڪلائي، گهر آيو.

مخدوم نوح جي مريدي

ان کان پوءِ سيد يوسف بکري، مخدوم آدم سميجي ۽ مخدوم نوح جي صحبتن مان فيض پرايائين. خاص طرح سان مخدوم نوح کان گهڻو فيض ورتائين، ۽ ان جي چوڻ تي اچي بلڙي وسايائين[1]. ان سلسلي ۾ دليل الذاڪرين ۾ وڌيڪ احوال هن طرح آيو آهي:

"سيد صاحب فرمايو: جڏهن مون سلوڪ جي واديءَ ۾ قدم رکيو، تڏهن مون تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿيندي هئي، جو چوندو هوس، ته اُگهاڙو رهان ۽ گوڏڙي به لاهي ڇڏيان. پر جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيس، ته اهو خيال منهنجي دل مان نڪري ويو. شريعت جي اتباع تي پختو ٿي ويس."[2] "سيد صاحب فرمايو: هڪ پيري اسان ٽي ڄڻا جدا جدا هڪ تمنا دل ۾ رکي حضرت مخدوم نوح جي خدمت ۾ وياسون. جيئن ئي سندس منهن مبارڪ ڏٺوسون، ته اسان ٽنهي (شاهه ڪريم، ميرڻ ڪاتيار ۽ هڪ بلوچ) جون تمنائون پوريون ٿي ويون."[3]

"دليل الذاڪرين" مان معلوم ٿئي ٿو، ته مخدوم نوح کي باقاعدي مرشد ڪري ورتو هئائين، ۽ سندس عزت ۽ اطاعت تمام گهڻي ڪندو هو. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن ڪنهن اچي ڪيس چيو ته مخدوم صاحب اوهان کي ياد ڪري رهيو هو. ٻڌڻ سان هر- ڦار وارو ڪارائتو ڏاند الله جي راهه ۾ ذبح ڪري فرمايائين: "الحمد لله اِها ڳالهه ڪيڏي نه شڪر ۽ فخر جي آهي، جو مخدوم صاحب جن مون

ڪي ياد ڪري رهيا آهن، حالانڪ سندس ڪيفيت اها آهي، جو ڪڏهن تہ پنهنجي فرزندن کي بہ نہ سڃاڻندا آهن.“[4]

مرشد جي اطاعت بابت هڪ ٻي روايت خود شاهه ڪريم جي زباني هن طرح آئي آهي:

شاهه ڪريم فرمايو: ”انهيءَ خيال کان تہ حق جي طالبن کي کائڻ نہ گهرجي، مون کائڻ بلڪل ڇڏي ڏنو هو. جڏهن اها خبر حضرت مخدوم صاحب کي پيئي، تڏهن فرمايائون: خدا تعاليٰ فرمايو آهي: ”ڪلوا واشربوا“ انهيءَ کان پوءِ ٿورو گهڻو کائڻ لڳس.“[5]

پير پائن جي محبت

سيد صاحب کي پنهنجي پير پائن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي، ۽ انهن جو ڏاڍو احترام ڪندو هو. سيد جعفر بکريءَ جو بيان آهي، تہ:

”حضرت مرشد سيد عبدالڪريم پنهنجي مريدن سان حضرت بهاؤالدين گودڙئي جو وعظ ٻڌڻ ويا. جڏهن وعظ ختم ٿيو، تہ حضرت سيد صاحب پنهنجي چادر ڪڍي حضرت گودڙئي جي پيرن هيٺان پٿاري، ۽ جتي ڪڍي صاف ڪري ڏني. حضرت جن سان جيڪي مريد هئا، انهن کي اها ڳالهہ ناگوار لڳي. آخر انهن مان هڪ مريد سيد عبدالقدوس نالي عرض ڪيو: سائين اول حضرت گودڙئي جي جتي ڪڍي رکي، تعجب آهي، جو هن صاحب ڪنهن بہ قسم جي معذرت بہ ڪانہ ڪئي؟ پاڻ فرمايائون: ”معذرت جو تعلق بيگانگي سان آهي. پر اسان ٻئي تہ هڪ وجود آهيون. انهيءَ کان سواءِ ٻنهي جهانن جي سردار جي ڪچهريءَ ۾ آءٌ گهڻو پري ٿينءَ صف ۾ ويهندو آهيان ۽ حضرت گودڙئو بلڪل ويجهو هوندو آهي. هينئر اوهين انصاف ڪريو، تہ منهنجو اهو عمل ڪيتري قدر درست آهي.“[6]

جواني ۽ وچين وهي

بيان العارفين ۾ شاهه ڪريم جي وڏن يارن جي زباني آيو آهي، تہ پاڻ جواني جو گهڻو عرصو هن طرح گذاريائون:

”صبح جو وڏي اسر مهل بانگ ڏيئي، ويهي ذڪر ڪندا هئا، جماعت سان نماز پڙهي مراقبي ۾ ويهندا هئا. اشراق پڙهڻ کان پوءِ مسجد مان نڪرندا هئا، ۽ گهر وڃي عورتن وارو سمورو ڪم ڪار جهڙو: ڏاٽو ڏوئڻ، رڌڻ پچائڻ وغيره پاڻ ڪندا هئا. چانور رنڌي ٻارن کي کارائي، ڪاسو هٿ ۾ ڪڍي گدائيءَ تي نڪرندا هئا. گدائيءَ تان آندل ڪاڌو فقيرن کي کارائي، ڏاند ڪاهي ٻنيءَ تي ويندا هئا. ڳچ زمين کيڙي،

هر بند ڪندا هئا، ۽ وچي ڳاهه ڪندا هئا. سج لڙي گهر موٽندا هئا، ۽ وچي ڳاهه ڏاندن ڪي وجهي، اتي ئي ٻه رڪعتون نفل پڙهي وچي، ٽيپهريءَ جي بانگ ڏيندا هئا. جماعت سان نماز پڙهي، وري ڏاند ڪاهي هر تي ويندا هئا، ۽ سانجهيءَ سومهاڻي جي نماز پڙهي، گهر ايندا هئا. ڪارائڻ ڪان پوءِ وري سنڀال ڪندا هئا، ته متان ڪو بکيو رهجي وچي. جيڪڏهن ڪو بکيو رهجي ويندو هو، ته پنهنجو ڪاڏو ان کي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

جڏهن سڀ فرزند ۽ مريد خادم ڪائي ڍو ڪري سمهندا هئا، ته وضو ساري نفل پڙهندا هئا. ان ڪان پوءِ ٻاهر نڪري ”راهوٽ“ شهر جو رخ ڪندا هئا. واٽ تي ننڍن ڳوٺن جي مسجدن ۾ وچي پاڻي ڀريندا هئا ۽ وٽ لاءِ پتر رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو ستل هوندو هو، ته ان کي زور ڏيندا هئا. واٽ تي جهنڊي پاڙي ۽ ٻين بزرگن جون زيارتون ڪندا ويندا هئا. ٺٽي جي هرهڪ مسجد جو پاڻي ڀريندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪو ستل هوندو هو، ته ان کي زور ڏيندا هئا. ٺٽو ڇڏي، پير پٺي ۽ ٻين بزرگن جون زيارتون ڪري، ڳوٺ موٽي اچي صبح جي بانگ ڏيندا هئا. ماڻهو چوندا هئا، ته شاهه ڪريم کي ننڊ ئي نه ٿي اچي، جو هميشه هھڙو ساجهر اچي ٿو بانگ ڏئي. پوءِ نماز پڙهي اهڙيءَ طرح ڏينهن گذاريندا هئا، جيئن مٿي بيان ٿي آيو.“[7]

عبادت ۽ رياضت

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو، ته حضرت شاهه ڪريم شريعت جو اتباع ڪندي، باقاعدي نماز پڙهندو هو، ۽ محنت ڪري پنهنجي آل اولاد جا حق باقاعدگيءَ سان پورا ڪندو هو. ان سان گڏ فقيرن جي به پوري پوري خدمت ڪندو هو ۽ هر لحاظ کان انهن جي سارسنڀال لهندو هو. ايتري قدر جو گداءُ ڪري، ۽ پاڻ نه کائي به انهن کي کارائيندو هو. پنهنجي اولاد کي وري پنهنجي پگهر جو پورهيو کارائيندو هو. پر جيئن ته مسڪين هو، فقيرن کي پنهنجي طرفان کارائي نه سگهندو هو، انهيءَ ڪري انهن کي کارائڻ لاءِ گداء ڪرڻ کان به حجاب نه ڪندو هو.

ان مان واضح ٿيندو ته، هن عبادت ۽ رياضت کي گڏوگڏ هلايو، ۽ هر حال ۾ شريعت جي اتباع کي ضروري سمجهيو. شريعت جي پابندي ڪندي، نه فقط فرضي نماز ادا ڪندو هو، پر نفلي نمازون به باقاعدگيءَ سان پڙهندو هو. اشراق ته نه گسائيندو هو، پر تهجد به پڙهندو هو. تهجد جي نماز پڙهندي پهرين رڪعت ۾ ايڏو ته گريو ڪندو هو، جو مٿس بيخوديءَ جي حالت طاري ٿي ويندي هئي، ۽ پره

ڦٽيءَ تائين سامت ۾ نہ ايندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيس ٻي رڪعت هٿ نہ ايندي هئي. عجب ڪائيندو هو تہ ماڻهو تهجد ڪيئن تا ادا ڪن.[8]

سير و سفر

جيتوڻيڪ گهر جو سمورو ڪاروبار سندس سر تي هو، تڏهن بہ ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڍي سير سفر ڪيائين. سنڌ ۾ لاڙ ۽ وچولي ۾ گهڻو گهميو. سري جي سير جو پتو نہ ٿو پوي. البتہ سندس هيئين بيت مان اهڃاڻ ملي ٿو، تہ سري جو سير بہ ڪجهہ قدر ڪيو هئائين:

”جي اتر جي لاهہ، سڄڻ سپ پرڪئا،

ري پاجي ڪنئي، سير بري نہ ٻاهہ.“

بيان العارفين مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ کان ٻاهر گجرات تائين بہ ويو هو، چاڪاڻ جو هڪ هنڌ احمد آباد جو ذڪر آيو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ هندي دوهو بہ سندس زباني آيل آهي. سندس ارد گرد جيڪي بزرگ سندس همعصر هئا، تن سڀني سان صحبت ڪئي هئائين، ۽ جيڪي درگاهون هيون، سي سڀ ڏٺيون هئائين.

ڪسب معاش

سهروردي سلسلي جي باني حضرت ابوانجيب عبدالقاهر سهروردي (وفات 563 هجري) پنهنجي مشهور ڪتاب ”آداب المريدين“ ۾ ”صوفي ۽ ڪسب معاش“ تحت لکيو آهي:

”صوفين کي ڪسب معاش ۽ حلال رزق جي تلاش ڪرڻ گهرجي. صوفين جو ان اصول تي اجماع آهي، تہ حلال رزق لاءِ پورهيو ڪرڻ گهرجي. سڀ متفق آهن، تہ پورهيو ۽ واپار، ۽ هنر ۽ ڪاريگريءَ جو ڌنڌو مباح ۽ عمدو ڪم آهي. البت رزق جي طلب ۾ پاڻ کي صفا گم ڪري ڇڏڻ، لالچ ۾ منهن وجهڻ، ۽ مال گڏ ڪري رکڻ کي صوفي خراب سمجهن ٿا.“[9]

حضرت شاهه عبدالڪريم، انهيءَ اصول جو عملي نمونو پيش ڪيو آهي. حلال رزق جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جو پورهيو ڪيائين. جهڙوڪ: جهنگ وڍڻ، ڪاتي ڪٽڻ، هر ڪاهڻ، پوکي راهي ڪرڻ وغيره. پورهيو ڪندي بہ الله جي ياد کان غافل نہ رهيو ۽ شريعت جي اتباع ۾ بہ ڪمي نہ آندائين. يعني رزق جي طلب ۾ گم نہ ٿيو ۽ نہ ڪجهہ ميڙي رکيائين. بيان العارفين ۾ هڪ روايت آئي آهي:

”هڪ ڀيري احمد فقير ڪائنس پڇيو، تہ قوت گذران لاءِ ڪهڙو ڪم ڪريو؟ فرمايائونس: ڪوڏر هٽندو آهيان ۽ ڪيڙڻ جو ڏنڌو ڪندو آهيان.“ تنهن تي وري چيائينس: ”ڪوڏر هٽندي ۽ هر ڪيڙيندي اوهان خدا کي ڪيئن ساريندا هوندا؟“ تڏهن سيد صاحب مشڪي فرمايو: ”اسان کان موليٰ سائين ڪڏهن بہ وسرڻ جو نہ آهي. اي احمد فقير، ان لاءِ مثال وٺ، تہ جڏهن ڪا عورت دلا ڀري مٿي تي رکي هلندي آهي، تہ اهي دلا ڪيس هلڻ ۽ ڪچڻ کان روڪيندا آهن ڇا؟“

هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ سيد صاحب ڪيئن نہ صحيح عملي زندگي گذاري. سندس هڪ بيت جي هيءَ مصرع سندس عملي زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿي:

”هنيون ڏجي حبيب کي، لڱ ڳڏجن لوڪ.“

مسڪيني

پورهيو ڪرڻ جي باوجود مال ميڙي نہ رکيائين، ۽ ”الفقر فخري“ کي پنهنجو اصول بنايائين. شروعات ۾ تہ مالي حالت ڏاڍي تنگ هيس. ايتري قدر جو سندس فرزند پورهئي ۾ ٻڪ سبب ماندا ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري تہ مالي حالت اهڙي خراب ٿي وين، جو لڏي وڃي ٻيءَ ديهہ ۾ ويٺا. لڏي وڃڻ کان 25 ڏينهن پوءِ جهنگ ۾ شيخن سندن مينهن ماري وڌي، جنهن ڪري سندس اهل عيال کي اڃا بہ وڌيڪ مصيبت پيش آئي. ڇاڪاڻ جو گذاري لاءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ بچن. انهيءَ زماني ۾ سندن هڪ فرزند پورهئي سانگي ڪنهن ڪري تي پهتو، جتي جو پئي ڪٽيائون. ديري جي ٻاهران پٽڪو ۽ چادر رکي. جڏهن جو ڪٽڻ وينو. انهيءَ وچ ۾ ڪو شاهينگ سندس پٽڪو ۽ چادر چورائي ويو. جڏهن جو ڪٽڻ کان واندو ٿيو، تڏهن بہ ٿويا ڪميت جا اجورو مليس. اهي وٺي ڪپڙن ڏانهن جو ڏسي، تہ اهي ٿهن ئي ڪونہ. لاچار جهڙي تهڙي حال گهر پهتو.

بيان العارفين ۾ هڪ ٻي روايت آهي، تہ انهيءَ مسڪينيءَ واري حالت ۾ هڪ ڀيري پنهنجن فرزندن سان گڏجي پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪِر چونڊڻ ويو. سنگ چونڊيندي، سندس هڪ فرزند ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. گهٽي وقت کان پوءِ سامت ۾ آيو ۽ ٻڌايائين، تہ: ٻڪ جي غلبي ۽ هيٺائيءَ جي ڪري. اهو حال ٿيو. پوءِ ڪجهہ سنگ مهٽي کيس کارايائون، تڏهن وڃي هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو.

اهڙيءَ تنگيءَ ۾ ٻڪ ۾ گذاريندي بہ ڪنهن کي پنهنجي حال جي خبر نہ ڏيندا هئا. سڀ ڪو ائين پيو سمجهندو هو، تہ خوش پيا گذارين. اهڙي حال ۾ بہ فقيرن جي خدمت ڪندا هئا، ۽ جيڪڏهن ڪو بکيو

ڏسندا هئا، تہ پنهنجو ڪاڏو بہ ڪٽي ان کي ڏيندا هئا. بلڪ پنهنجو رات جو ڪاڏو تہ ڪيترو وقت رکي چڏيندا هئا، تہ متان ڪو اويلو مهمان يا فقير اچي نڪري. جيڪڏهن ڪو اچي ويندو هو، تہ پنهنجو ڪاڏو ان کي ڪارائي چڏيندا هئا. تمام دير تائين ڏسي ڏسي، جڏهن ڪنهن مهمان يا فقير جو آسرو لاهيندا هئا، تہ پوءِ پاڻ ڪائيندا هئا.

پڇاڙي ۽ وفات

پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ رياضتن، فاقن، اوجاڳن ۽ عبادتن جي ڪري، سندس فاني جسم جهري پيو. ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪو سوالي ايندو هو، تہ ان سان گڏجي گهوڙي تي چڙهي حاڪمن ڏانهن ويندو هو، جيتوڻيڪ پاڻ کي جهلي بہ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان سگهندو هو. بيان العارفين ۾ سندس زباني آيل آهي:

"چوويهہ سال تي ويا آهن جو چار پنج مرض گهر ڪري ويا آهن."

زندگيءَ جا پويان ڏينهن حجري ۾ گذاريائون، جتي اڌ رات جو اٺي سنڌي بيت ڳائيندا هئا. اهڙيءَ طرح محنت ۽ مشقت جي زندگي گذاري، سرزمين سنڌ کي، روحانيت جي فيض سان مالامال ڪري، ۽ تصوف جي خوشبوءِ پکيڙي سنہ 1032ھ (1622) ۾ 88 سالن جي عمر ۾ تاريخ 7 ذوالقعد آچر رات، سانجهيءَ نماز مهل لاڏاڻو ڪيائيون.[10]

ولادت ۽ وفات جون تاريخون هن طرح آهن.

شاھ عبدالڪريم سيد ما، بود از هاديان راه خدا

از نبي و علي نژادش دان، وز حسين و بتول اصلش خوان

بود از اولاد حيدري هروي، زاده شد اولاً منتلوي

سال نہ صدو چهل و چهار دگر، بود از هجرت شفيع بشر

چونڪہ سي و هزار سال گذشت، شدلقايش نصيب و صلش گش

شهر ذي قعده هفتمين از ماه، شب يڪ شنبہ آن خدا آگاه

وقت شام از جهان برضوان رفت، قد بلغ قد بلغ ز جانها رفت

سال تاريخش از ره- ابجد، جز بلغ نيست در حساب شرد

رحمت- حق براو و مريدانش، وز خدا باد عفو و غفانش.[11]

سندس مقبرو سندس ڳوٺ "سيد پور" (هاڻي بلڙي) ۾ آهي، جيڪو سندس پڙ پوٽي، سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، ملتان مان ڪاشيءَ جون سرون آڻي، ٺهرايو. وصال جي تاريخ تي ميلو لڳندو آهي، ۽ هر ڪنهن ماهه پهرين سومر تي سندس درگاهه تي سماع ٿيندو آهي.

اولاد

سيد صاحب کي يارهن ٻار ٿيا، اٺ پٽ ۽ ٽي نياڻيون، جن جا نالا هي آهن:

سيد لعل شاهه يا لعل محمد شاهه عرف الله شاهه- ننڍي هوندي گذاري ويو.

سيد عبدالرحيم- هن به پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ وفات ڪئي.

سيد جمال شاهه[12] پيءُ جي حياتيءَ ۾ هالن ڪان ٿي آيو، ته واٽ تي چورن شهيد ڪري ڇڏيس.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح هن ڀلاري جو پڙ پوٽو هو.

سيد برهان، 5- سيد مبشر، 6- سيد دين محمد، 7- سيد محمد حسن، 8- سيد عبدالقدوس.

---

[1]. تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو، ص-33- 432

[2]. ۽

[3]. دليل الذاڪرين، ص- 226-227، بحواله تذڪره صوفياء سنڌ، اعجازالحق قدوسي، ص-31-30. دليل الذاڪرين، ص- 226-227، بحواله تذڪره صوفياء سنڌ، اعجازالحق قدوسي، ص-31-30

[4]. دليل الذاڪرين، بحواله تذڪره صوفياء سنڌ- اعجاز الحق قدوسي، ص 31- 30

[5]. دليل الذاڪرين، بحواله تذڪره صوفياء سنڌ- اعجازالحق قدوسي، ص- 31-30

[6]. دليل الذاڪرين، بحواله تذڪره صوفياء سنڌ، ص- 31 30 سيد محمد جعفر جنهن جي زباني مٿين روايت آيل آهي، سيد محمد يوسف بکريءَ جو پوٽو هو، جنهن سان شاهه ڪريم صحبتون ڪيون هيون. سيد يوسف ۽ بهاؤالدين گودڙئي جو احوال ڪتاب جي آخري حصي ۾ ايندو. سيد يوسف، ميران محمد جونپوريءَ جو مريد هو، پر سيد جعفر شاهه، شاهه ڪريم جو مريد هو، ۽ ٺٽي کان شاهه ڪريم جي درگاهه تي ويندڙ جماعت کي ماني کارائيندو هو. سندس فرزند سيد محمد عرف سيد ڦتو شاعر هو. (تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو، ص- 6-5)

[7]. اهو احوال بيان العارفين جو آهي. تحفته الڪرام جي صاحب به (سنڌي ترجمو، ص- 32-431) اتان نقل ڪيو آهي.

[8]. بيان العارفين ۽ تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو، ص- 432

[9]. بيان العارفين ۽ تحفته اڪرام، سنڌي ترجمو، ص- 432

(1) "آداب المريدين، اردو ترجمو، غلام احمد خان.

[10]. تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو، ص 433) ۾ وفات جو سنه 1030هه آيو آهي. بيان العارفين 1032هه ڏنو آهي. مرزا قليچ بيگ (رساله ڪريمي، ص 13) ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي (شاهه ڪريم جو ڪلام، ص- 18) به بيان العارفين ۾ ڏنل سنه 1032هه قبول ڪيو آهي.

[11]. بيان العارين فارسي، (قلمي). آخري صفحو.

[12]. شاھ ڪريم جي هن فرزند جو نالو بيان العارفين جي بمبئي واري ڇاپي (ص- 292) ۾ ”جلال شاھ“ آيو آهي، جيڪو غلط آهي. فارسي قلمي نسخن ۾ جمال شاھ آيو آهي. لطائف لطيفي (ص 8 ۽ 9). مقدمہ لطيفي (ص- 11)، رسالہ ڪريمي (ص- 15) ۽ شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام (ص- 19) ۾ بہ ”جمال شاھ“ آيو آهي.

فصل پيو

شخصيت ۽ ڪردار

فيض جي پالوٽ

حضرت شاهه عبدالڪريم جي رهڻي ڪهڻي ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ۽ ڪيترائي پرت جا پهيڙا سندس فيض جي درياهه مان چڪي چڪي، سلوڪ جي راهه جا پانڌيئڙا ٿيا. سندس مريدن، معتقدن ۽ صحبتن جو وڏو تعداد هو، جن مان ڪيترا ته ڪامل درويش هئا، انهن جو ذڪر هن ڪتاب جي آخر ۾ ملندو.

شخصيت

سندس شڪل شبيهه مان نور پيو بکندو هو. منهن ۾ ڏيا هئس، جو ڏسڻ سان هرڪو متاثر ٿيندو هو ۽ سمجهي ويندو هو، ته اهل دل بزرگ آهي. ڪپڙا سادا ۽ نير ۾ ٻڏل پهريندو هو. خاص طرح سان ڪاري چادر ضرور هوندي هيس. اڇا ڪپڙا پسند نه ڪندو هو. ڪاڏو به تمام سادو کائيندو هو. ماني اڻ مکيل ۽ چانور بنان داغ جي کائيندو هو. ڏڪار سڪار ۾ سدائين خوش گذاريندو هو. گداءُ ڪري پاڻ به کائيندو هو، ته فقيرن کي به کارائيندو هو. گداءُ وارو ڪاڏو ڏاڍو پسند هوس. ايتري قدر جيڪڏهن ڪٿي مهماني ٿيندي هيس، تڏهن به پهريائين گدائيءَ جي مانيءَ مان ٽڪر کائي، پوءِ ميزبان جي ماني کائيندو هو. اهو سڀ ڪجهه محض انهيءَ لاءِ ڪندو هو، ته جيئن نفس هيٺو ۽ هيناهون ٿئي.[1]

دل جو ڪشادو ۽ سخي هو. جيڪو هوندو هوس، مسڪينن ۽ فقيرن کي ڏيئي ڏيندو هو ۽ پاڻ گدائي ڪري گذاريندو هو. وقتي پنهنجو ڪاڏو به فقيرن کي ڏيئي، پاڻ بکون ڪيندو هو.[2] سندس تحمل جو هڪ مثال هن طرح آهي:

”هڪ ڀيري ڪن حرڪتي ماڻهن سندن ٻنيءَ جي اڏ ڀڃي، پاڻي وهائي ڇڏيو ۽ سندس نار بيهاري ڏاند ڇوڙي ڇڏيا. آخر سيد صاحب کي ڏڪ به هنيائون، تڏهن به صبر ڪيائين ۽ انهن کي ڪجهه به نه چيائين.“[3]

رحمدل به ڏاڍو هوندو هو. پنهنجي ڏاندن کي مارڻ ته، پري رهيو، پر چيندو هو ته، پر چينيپيائين به نه. ٻني ڪيڙڻ ويندو هو ته، هر به ڪلهي تي کڻي ويندو هو. سڄيءَ حياتيءَ ۾ فقط هڪ دفعو هڪ پٽ کي چماٽ هنيائين، جنهن جو پڇاڙيءَ تائين ارمان هوس. سندس چوڻ هو ته "شرافت روح کي آهي، ۽ نه بدن کي. شايد هن فرزند جو روح منهنجي روح کان ڇڳو هجي."

هڪ دفعي سندس خادم زور ڏيندي آڳ پيجي وڌس، پر ڪجھ به نه ڪڇيائين، ۽ نه زورن ڏيڻ کان ئي روڪيائينس. جڏهن خادم جي وڃڻ کان پوءِ ڏاس ۽ مٽي گهرائي ٻڌائين، تڏهن وڃي پتو پيو.

ڳوٺ ۾ هڪ هندو هميشه بيمار گذاريندو هو. پاڻ ان کان وقت بوقت پڇڻ ويندو هو. جيڪڏهن ڪو مسڪين ۽ منجهيل اچي حال اوريندو هوس، ته اوسيتائين آرام نه ايندو هوس، جيستائين ان جو ڪم پورو نه ڪندو هو. جيتوڻيڪ حاڪمن وٽ وڃڻ نه وڻندو هوس، تڏهن به منجهيل ماڻهن جي واهر لاءِ حاڪمن وٽ هلي ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن حاڪم اڻ سهائيندڙ هلندو هوس، ته اهو به برداشت ڪندو هو. ڪو به ضعيف يا محتاج ڏسندو هو، ته پهريائين ان جي مدد ڪندو هو. پوءِ ڪنهن ٻئي ڪم کي لڳندو هو. هڪ ڏينهن هڪ ڪراڙي ۽ ڪمزور عورت کي تڏو اٽندي ڏٺائين. ڪهل اچي ويس ۽ ڪراڙيءَ کي ڪم تان اتاري، پاڻ ڪيس تڏو تيار ڪري ڏنائين. تڏو تيار ڪري رهيو هو ته، اتان مرزا جاني بيگ جو وڏو امير قاسم چرڪس اچي لانگهائو ٿيو ۽ ڪيس هٿ ٻڌي بيهي رهيو. پر جيستائين تڏو اٽي نه اٿيو، تيستائين امير ڏانهن ڪو به توجهه نه ڏنائين.

سماع جو شوق

ننڍپڻ کان ئي سماع[4] جو شوق هوس، جنهن تي سندس وڏي ڀاءُ سيد جلال چينيو به هوس. پاڻ به سر ۾ الحان سان بيت ڳائيندو هو، ته ٻين کي به سڏي پاڻ سان گڏ ڳارائيندو هو. سماع جون محفلون پاڻ وٽ به لڳارائيندو هو، ته ٻين وٽ به ٻڌڻ ويندو هو. سماع کي ذڪر ۽ عبادت ڪري سمجهندو هو. چوندو هو، "ڪن علم پڙهيو، ڪن هنر سکيو، پر مون رڳو سماع سکيو، ۽ ٻيءَ ڪنهن شيءِ ڏانهن خيال نه ڪيم."

سماع وقت وجد ۽ حال جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هيس. مزوريءَ تي ويندو هو، ته اتي به مزورن کي بيت ڳائي ٻڌائيندو هو. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ حجري جي اندران، پريات جو، منڙي سر سان بيت چوندو هو، جيڪي حجري جي ٻاهران ويهي مريد ٻڌندا هئا، ۽ دل ٺاريندا هئا.

سنڌ ۾ سماع

تاريخ معصوميءَ جي صاحب ان وقت جي سماع جو نمونو هن ريت بيان ڪيو آهي:”ڳچ جيترا ماڻهو اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن، جن مان ڪي پنهنجي زبان ۾ سرسان بيت پڙهندا آهن، ۽ ٻيا ان سر موافق سماع ڪندا آهن. سماع ڪندي، ڪن تي حال پوندو آهي، ۽ گهوڙي وانگر پڙ ڪيندا آهن ۽ مست ٿي ويندا آهن. وينلن مان هرهڪ انهن جي چيلهہ ڪي قابو جهلي بيهندو آهي، پوءِ هو نچندا آهن ۽ وڏا آواز ڪندا آهن. ٻن ٽن سماع ڪندڙن جو اهڙو آواز هڪڙي هنڌان اچڻ، عجيب پڙاڏو وجهي ڇڏيندو آهي، ۽ ميل يا وڏيڪ مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.“[5]

شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ٿيندڙ سماع

موجوده دؤر ۾ شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي ماهہ پهرين سومر رات، حج رات ۽ ميلي واري رات تي ۽ ڏينهن جو سماع ٿيندو آهي. سجاده نشين کان اجازت وٺي، فقير مچ جي چوڌاري حلقو هڻي ويهندا آهن، ڪي فقير بيٺا رهندا آهن. بيٺلن مان هڪ ڄڻو شاهہ ڪريم جي بيتن جي هڪ مصرع پڙهندو آهي. ان تي ٻيا سڀ فقيراشهد آڱر مٿي ڪٽي ”القارعة“ چوندا ۽ ”مالقارعة“ چئي آڱر هيٺ ڪندا. اهڙيءَ طرح بيت پڙهندا رهندا آهن، جيسيتائين سجاده نشين يا ان جي غيرحاضريءَ ۾ سندس ولي عهد اچي ويهي. بيت گهٽو ڪري مارئيءَ ۽ سهڻيءَ جي سرمان پڙهندا آهن.

پير صاحب ٿلهي تي ويهندو آهي، سندس منهن قبلي طرف هوندو آهي. سماع ۾ شرڪت ڪندڙ فقير، حلقي وار، پير صاحب ڏانهن منهن ڪري ڦرندا آهن، پر اهڙيءَ طرح جيئن پير جي نظر مچ کان پري نہ ٿئي. ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ پير صاحب اندر ويندو، تہ فقير ويڙهي ويندس. ڪجهہ وقت کان پوءِ پير صاحب وري اچي ٿلهي تي ويهندو. ڇگو وقت ويهڻ کان پوءِ پير صاحب هلندڙ سماع مان اٿي هليو ويندو، ۽ فقير هو ۽ الله هو جو ورد شروع ڪندا.[6]

سنڌ جي سماع جي قديم توڙي موجوده طريقي جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيندو، تہ سماع، راڳ جو نالو نہ آهي. سماع راڳ کان بالڪل مختلف آهي. سماع خدا جي ياد ۽ تزڪيہ نفس جو هڪ تربيتي نمونو آهي.

هي هڪ اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ ماڻهو هڪ منو تي پنهنجي مالڪ حقيقي ڏانهن رجوع ٿئي ٿو ۽ ان جي ذڪر ۽ فڪر ۾ پنهنجي ذات کي بالڪل وساري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ طرح سندس دل ۽ روح جي صفائي ٿئي ٿي.

فصل ٽيون

علمي لياقت ۽ مشرب

علم و فضل

مٿي بيان ٿي ڪو آهي، ته شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کي ظاهري تعليم سان شوق ڪونه هو. ”بيان العارفين“ ۾ سندس زباني آيل آهي، ته فقط ٻه سيپارا پڙهيو. مريدن کي به چوندو هو ته ظاهري تعليم پرائڻ ۾ گم ٿي نه وڃن. الله تعالي جي ذڪر ۽ فڪر کي ظاهري تعليم کان بهتر سمجهندو هو. انهي هوندي به ظاهري عالمن جي صحبت ۾ ويهي گهڻو ڪجهه پرايائين. سندس ملفوظات ”بيان العارفين“ مان معلوم ٿئي ٿو، ته نبين ۽ ولين جي قولن جي ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. وقت جا وڏا عالم جهڙوڪ: مولانا دائود مفتي، مولانا محمد صدر، مخدوم حامد دودائي ۽ ٻيا جڏهن سندس مجلس ۾ ڪائنس تصوف جا باريڪ نڪتا ۽ معنائون ٻڌندا هئا، ته دنگ رهجي ويندا هئا. ان وقت جو مشهور عالم ميان عبدالرشيد ”بصير“ چوندو هو، ته ”جڏهن حضرت جن وٽان نڪتا ٻڌندو آهيان، تڏهن ڪيترا خيال ۽ معنائون دل تي تري اينديون اٿم. مرضي اٿم، ته حضرت جن جي هر هڪ نڪتي جون ڪيتريون ئي معنائون بيان ڪريان.“

شاهه عبدالڪريم کي سنڌي شاعرن جا بيت به ياد هئا. قاضي قاضن جا بيت به ياد هئا جيڪڏهن شاهه ڪريم جي زباني معلوم نه ٿين ها، ته اسان تائين نه پهچن ها. فارسي ۽ هندي جي به ڪجهه قدر واقفيت هيس.

جيتوڻيڪ سندس خيال هو، ته ظاهري علم مان غرور ۽ هٺ پيدا ٿئي ٿو، جيڪو سلوڪ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي، تڏهن به ظاهري علم کي ننديو نه اٿس. ”بيان العارفين“ ۾ هڪ نقل آيو آهي، ته هڪ ڀيري مريدن اچي ڪيس چيو:

”ماڻهو چون ٿا، ته اوهين علم ڇونه ٿا پڙهو“؟ پاڻ ڪين چيائون، ”انهن کي چئو ته دعا ڪريو، ته علم نصيب ٿئي.“

مذهب ۽ مشرب

حضرت شاهه عبدالڪريم عليہ الرحمته وڏو صوفي بزرگ هو. سنت جماعت جي طريقي تي هلندو هو. آل اطهر جي محبت دل ۾ هيس، ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام جي شهادت تي غم جو اظهار

ڪندو هو. سيد بدران فقير سڏائيندو هو. ٻين سيدن کي بہ چوندو هو، تہ فقير سڏايو، ڇاڪاڻ جو فقيري ۾ "سيدي" اچي وڃي ٿي. ان جو سبب اهو آهي، جو ٻنهي جهانن جي سردار فقر تي فخر ڪيو آهي. تصوف جي سلسلي ۾ پاڻ کي اويسي[7] سڏيندو هو. شريعت موجب پورو هلندو هو. روزا ۽ نمازون ڪڏهن بہ نہ گسايائين. سندس مقام ۾ منزلت بابت ڪيترن ئي بزرگن جا بيان "بيان العارفين ۾ آيل آهن."

فصل چوٿون

سنڌ جون سياسي حالتون

سياسي پس منظر

حضرت شاھ عبدالڪريم بلڙي رح، سمن جي حڪومت (سنہ 1351 ڪان سنہ 1521) ڪان 16 سال پوءِ سنہ 944ھ (1538) ۾ تولد ٿيو. سندس اک کولڻ وقت سنڌ تي شاھ حسين ارغون جي حڪومت هئي، جو سنہ 928ھ (1521ع) ۾ تخت تي ويٺو. سنہ 927ھ (1521ع) ۾ سندس والد شاھ بيگ ارغون سنڌ فتح ڪئي هئي.[8]

ڏهين صدي هجريءَ جي پهرين چوٿائي، ماوراء النهر، خراسان، ايران ۽ سنڌ وڏن انقلابن ۽ لاهن چاڙهن جي لپيٽ ۾ رهي. پريشاني، بربادي، خون خرابو، ڌاڙ ۽ ڌڪاءَ جو عجيب و غريب عالم رهيو. ڪيئي خاندان متجي ويا، ڪي ئي حڪومتون ناس ٿي ويون، ۽ ڪيترن ئي نين سلطنتن جو آغاز ٿيو. شاھ اسماعيل صفوي پنهنجي نئين سلطنت جو بنياد انهيءَ چوٿائيءَ ۾ وڌو. انهي ئي زماني ۾ محمد خان شيباني پنهنجي خونريزين ۽ لشڪر ڪشين ذريعي ايران، توران ۽ خراسان جي سرزمين ڪي پيليندو، خون جا واهڙ وهائيندو رهيو. آخر انهيءَ چوٿائيءَ ۾ پاڻ بہ سڀ ڪجهہ وڃائي، مارجي ويو. آل تيمور جو آخري چراغ انهيءَ زماني ۾ هرات ۾ هميشہ لاءِ گل ٿي ويو. ڪيترائي شهزادا مارجي ويا، جيڪي بچيا، اهي اهڙا ڇڙوڇڙ ٿيا، ۽ هڪ ٻئي ڪان اهڙا وڇڙيا، جو ڪڏهن بہ نہ مليا. اهڙو ئي حال آل تيمور جي ٻي شاخ جو فرغانہ ۾ ٿيو. بابر پنهنجي بادشاهي وڃائي، توران ڪان خيبر جي لڪ تائين وادين ۽ پهاڙن جي لاهن چاڙهن ۾ پنهنجي قسمت آزمائيندو رهيو.[9]

سنڌ ۾ بہ اهڙيون حالتون هيون. صدين ڪان سهڻي نموني هلندڙ سمہ حڪومت، سنڌ جي نامور بادشاھ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي اک ٻوٽڻ (914 هجري- 1508ع) سان گهرو لڙائيءَ جي نذر ٿي ويئي.[10]

ڄام نظام الدين 25 ربيع الاول سنہ 866ھ ڪان 914ھ تائين نہ فقط ملڪ تي حڪمراني ڪئي، پر ماڻهن جي دلين تي بادشاهي ڪئي. هو نهايت نيڪ، ڪردار ۽ گفتار جو سچو، اعليٰ منتظم، بهادر ۽ خوش اخلاق بادشاھ هو. جاھ و جلال، شان و شوڪت، تدبر ۽ فراست ۾ سندس ڪوبہ شاني ۽ ثاني

ڪونہ هو. سنڌ تي اڍ صدي سندس حڪمراني، سنڌ لاءِ سچي رحمت هئي. ملڪ ۾ امن و امان هو ۽ ماڻهو ريئان ڪيئان هئا. دنيوي خوشحاليءَ سان گڏ، دينداريءَ جي لحاظ کان بہ وڏي رحمت هئي. ديني ۽ دنيوي علمن جي اشاعت لاءِ سنڌ جي چپي چپي تي مدرسا ۽ خانقاهون هيون. ڄام ننڍو پاڻ عالم، فاضل، زاهد ۽ عابد هو. تاريخ ۾ سندس زهد ۽ تقويٰ جون ڪيئي ڪهاڻيون بيان ٿيل آهن. هو گهوڙن جي ڪڙهہ ۾ وڃي، انهن جي پٺيءَ تي هٿ گهمائي چوندو هو، تہ "توهان بہ دعا گهرو، ۽ آءٌ بہ ٿو دعا گهران، تہ خدا اهو ڏينهن نہ آڻي، جو سواءِ شرعي سبب جي اوهان تي سواري ڪريان، ۽ سواري ڪندي ڪنهن بہ مسلمان جو خون منهنجي هٿان نہ وهي. سڀني تاريخن سندس اخلاق ۽ ڪردار جي تعريف ڪئي آهي.[11]

ڄام نظام الدين کان پوءِ سندس فرزند ڄام فيروز تحت نشين ٿيو. جو ننڍي عمر جو هو. انهيءَ ڪري ڄام فيروز جي هڪ عزيز ڄام صلاح الدين تخت نشين ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. گهرو لڙائي لڳي. گجراتي لشڪر جي مدد سان ڄام صلاح الدين ٺٽي تي حملو ڪيو. جنهن کي ڄام فيروز، محب وطن دولهہ دريا خان (ڄام ننڍي جو وزير) جي مدد سان روڪيو. گجراتين کان سواءِ ڄام فيروز جي زماني ۾ ارغونن جي بہ اچ وڃ ٿي. دولت شاهي، ۽ نور گاهي ارغون پڇي سنڌ ۾ آيا، ۽ لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. انهن مان مير قاسم ڪيبڪي سنڌ جي حالتن کان واقف ٿي شاهہ بيگ ارغون وٽ ويو ۽ کيس سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ چيائين. شاهہ بيگ ارغون سنہ 1518ع ۾ ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. دريا خان سندس مقابلو ڪيو، پر مارجي ويو. سنہ 1520ع ۾ شاهہ بيگ ٺٽو فتح ڪري، قتل عام جو حڪم ڏنو. پر جلدئي قاضي قاضن خط ذريعي شاهہ بيگ کي متاثر ڪري قتل عام کي بند ڪرايو.[12]

آخر ڄام فيروز ۽ شاهہ بيگ جي وچ ۾ صلح ٿيو، ۽ شاهہ بيگ ٺٽو سندس حوالي ڪيو. موٽ تي سيوهڻ جي ويجهو تلٽيءَ جي ميدان تي، سنڌين ۽ شاهہ بيگ جي وچ ۾ وڏي لڙائي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جي وڏي عالم ۽ بزرگ حضرت مخدوم بلال جي چوڻ تي دريا خان جي پٽن ۽ ٻين اميرن حصو ورتو. سنڌ جا سورهيہ سر جو سانگو لاهي، جنگ جي ميدان ۾ ڪڏي آيا. وڏي خونريز لڙائي لڳي. ڪي ئي ڪونڌر ڪسي ويا. آخر جڏهن سمورا جوڌا جوان مارجي ويا، تڏهن ميدان شاهہ بيگ جي هٿ آيو. شاهہ بيگ جي سيوي طرف رواني ٿيڻ کان پوءِ ڄام صلاح الدين ڄام فيروز تي حملو ڪيو. ڄام فيروز، شاهہ بيگ کي اطلاع ڏنو. جنهن پنهنجي پٽ شاهہ حسن کي روانو ڪيو. شاهہ حسن ۽ ڄام

صلاح الدين جي وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڄام صلاح الدين ۽ سندس پٽ مارجي ويا. شاهه بيگ سيوىءَ کان سيوهڻ پهتو. شاهه حسن به ساڻس اچي مليو پوءِ ٻئي بکر پهتا. ڌاريجا قوم جي ماڻهن بغاوت ڪئي، ۽ مقابلو ڪيائون، پر ڪيترائي مارجي ويا. سنه 1521ع ۾ شاهه بيگ گجرات فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، پر اگهم ڪوٽ وٽ 22 شعبان سنه 928هه (1521ع) تي فوت ٿيو. سندس لاش کي دفن ڪرڻ لاءِ مڪه مڪرمه موڪليو ويو.[13]

---

[1]. تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو، ص- 532- بيان العارفين ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام : ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص- 24-32.

[2]. "بيان العارفين" ۽ "شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" : ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص 24-23.

[3]. مرزا قليچ بيگ: احوال شاهه عبداللطيف، ٻيو ڇاپو، 1982 ص- 56 ۽ رساله ڪريمي، ص-19.

[4]. سماع کي صوفين جائز نه ٺهرايو آهي،پر ان لاءِ ڪي شرط مقرر ڪيا اٿن. امام غزالي عليه رحمته هينين شرطن تي سماع کي جائز سمجهي ٿو:

سماع سان گڏ شراب خوري ۽ ساز سرندا نه هجن، جي ماڻهن جي نفساني خواهشن کي اڀارين. سماع اهڙو هجي جنهن مان الله تعاليٰ جو ذوق شوق وڌي."

حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني عليه الرحمته سماع کي مڪروه ڄاڻايو آهي، شيخ شهاب الدين عمر سهروردي عليه الرحمته ان کي اجتناب فرمايو هو، ۽ شيخ بهاءالدين نقشبند فرمايو هو: "مون کي ان کان انڪار نه ڪونهي، پر مان اهو ڪم نه ڪندو آهيان."

حضرت خواجه حسن بصري فرمايو آهي: "سماع، جيڪو ماڻهو حق سان ٻڌي ٿو، اهو حق رسيده ٿي وڃي ٿو، ۽ جيڪو نفس سان ٻڌي ٿو، اهو ڪافر ٿي وڃي ٿو."

حضرت ذوالنون مصري (وفات 562هه)، حضرت ابونجيب عبدالقاهر سهروردي (وفات 562هه)، حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت بخاري (وفات 785هه) ۽ ٻين صوفي بزرگن جا به سماع جي سلسلي ۾ اهڙائي قول آهن. يعني هو ان ۾ وڏي احتياط جا قائل هئا. حضرت خواجه نظام الدين اولياءَ دهلوي (وفات 785هه) جي ملفضات "وائد الفواد" (ص- 95 ۽ 246) ۾ سماع لاءِ هينيان شرط رکيل آهن:

[5]. تاريخ معصومي سنڌي، ترجمه ص- 216.

[6]. ڊاڪٽر غلام علي الانا، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" (اڻ ڇپيل) ص- 564 کان 565.

[7]. اويسي طريقو حضرت اويس قرنيءَ جي نالي پٺيان مشهور آهي، جنهن حضور ﷺ کي ڏسڻ کان سواءِ ايمان آندو هو. جڏهن ٻڌائين ته احد جي جنگ ۾ پاڻ ڪريمن جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو آهي، ته پنهنجا سڀ ڏند پيچي ڇڏيائين. انهيءَ خيال کان ته پاڻ سڳورن جو الائي ڪهڙو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو؟! صوفين مان جن بزرگن کي براه راست ٻنهي جهانن جي سردار وٽان فيض ملندو آهي، اهي اويسي سڏائيندا آهن.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمته به اويسي مشهور آهي. شاهه صاحب پنهنجي دوست، مشهور عالم ۽ مفڪر مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڏانهن اويسي طريقي جي سمجهاڻ لاءِ خط لکيو هو، جنهن جو جواب ڏيندي، مخدوم صاحب اويسي طريقي جي مفصل سمجهاڻي ڏني

هئي. پوءِ ان سوال ۽ جواب کي ترتيب ڏيئي هڪ رسالي ۾ جمع ڪيو ويو. جنهن جو نالو "رسالو اويسيہ"- تصنيف مخدوم محمد معين التتوي رکيو ويو. ان رسالي موجب اويسي طريقي جو تعارف هن طرح آهي:

لفظ اويسي صوفي حضرات جي ڪلام ۾ آيو آهي. "اويسي" انهيءَ شخص کي چوندا آهن، جنهن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روح- روان جي دخل هجي. هي روحاني فيض وٺڻ، ظاهري مرشد وٺڻ جي خلاف نہ آهي. اهو دستور وڏن درويشن جي حالات ۾ پڻ موجود آهي. ڪيترن ئي اوليائن جي مرشدن جو سلسلو مشهور نہ هو. امام يافعي "روضة الرياضين" ۾ انهن ولين جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ خواجہ حافظ شيرازي جي بہ ڪنهن کي خبر نہ آهي، تہ ڪنهن کان باطني علم پرايائين. مولانا جامي جي نفحات ۾ آيو آهي، تہ ظاهري مرشد وٺڻ، ولايت لاءِ ڪو شرط نہ آهي. انهيءَ ڪري طعنا ڏيڻ ۽ اهڙن بزرگن جي طريقي کي بي بنياد چوڻ گستاخي آهي.

"(هي رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ترجمي سان "نئين زندگيءَ" ۾ شايع ڪرايو آهي. ڏسو ماهوار "نئين زندگي"، بابت ماہ نومبر، سال 1953ع، ص-21 کان 22) ان مان معلوم ٿيندو، تہ اويسي طريقي وارا گهڻو ڪري باقاعدي مرشد نہ وٺندا آهن.

[8]. "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص- 137 کان 243.

[9]. تذڪره روضة السلاطين و جواهر العجائب: فخري بن اميري هروي، بتصحيح و حواشي: پير حسام الدين راشدي، 1968ع ص- 24-23.

[10]. "تاريخ معصومي،" سنڌي ترجمہ، ص- 91

[11]. "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص- 89 کان 91- ماثرحيمي، ج- 2 ص- 273.

[12]."تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص- 136.

[13]. "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص- 139 کان 152- ترخان نامہ، سيد مير محمد شاهہ، باهتمام: سيد حسام الدين راشدي، 1965ع، ص- 12 کان 23.

شاهہ بيگ کان پوءِ شاهہ حسن تخت نشين ٿيو. ڪيس معلوم ٿيو تہ، جام فيروز باغي ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري ٺٽي طرف روانو ٿيو. جام فيروز ڪڇ طرف ڀڄي ويو، ۽ لشڪر گڏ ڪري ٺٽي پهتو. شاهہ حسن بہ اڳي وڌيو. چاچڪن ۽ راحمن ڳوٺن جي ويجهو مقابلو ٿيو. سنڌي لشڪر جڏهن مغلن جو لشڪر ڏٺو، تڏهن گهوڙن تان لهي، مٿن تان پڳون لاهي، سندرا ٻڌائون. سندرن جون ڪنڊون وري هڪ ٻئي سان ٻڌي، جنگ شروع ڪيائون. ان وقت سنڌي سورهيائيءَ جو اهو اهڃاڻ هوندو هو، تہ جڏهن مرڻ مارڻ کان سواءِ ميدان نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪندا هئا، تہ گهوڙن تان لهي مٿا اگهاڙا ڪري، سندرا هڪ ٻئي سان ٻڌندا هئا، تہ جيئن فولادي ديوار بڻجي مقابلو ڪيو وڃي. آخر سنڌي سورهيہ سنڌ تان صدقو ٿي ويا، ۽ شاهہ حسن جي فتح ٿي. فتح کان پوءِ هو بکر ڏانهن موٽيو ۽ موٽ تي هر جگهہ تباهي مچائيندو آيو. سنہ 1525ع ۾ بکر کان ملتان روانو ٿيو. واٽ تي سيورائي، اچ ۽ دلاور جا قلعا مسمار ڪيائين. اچ جو قلعو ۽ جايون ڊهرائي، سامان ڪيارائي، ڀيڙين تي ڪٽائي، بکر موڪليائين، جيڪو بکر جي قلعي جي نئين سر اڏاوت ۾ استعمال ٿيو. آخر ملتان جي حاڪم محمود لانگاهہ کي شڪست ڏيئي،

سنہ 1526ع ۾ ملتان بہ فتح ڪيائين. بکر موٽي اچڻ تي کيس معلوم ٿيو، تہ ڪڇ جو راجا ڪنگهار ٺٽو فتح ڪرڻ گهري ٿو. انهيءَ ڪري ڪنگهار کي شڪست ڏيئي ٺٽي پهتو.[1]

مٿيان واقعا شاهہ ڪريم جي ولادت کان اڳ جا آهن. شاهہ عبدالڪريم عليہ رحمتہ جي ولادت کان بہ ورهيہ پوءِ سنہ 1540ع ۾ شاهہ حسن ارغون جي زماني ۾ همايون، شير شاهہ سوريءَ کان شڪست کائي، لاهور ۽ اچ کان ٿيندو، روهڙيءَ جي ويجهو پهتو. مرزا شاهہ حسن کيس پڇاڙڻ لاءِ اچ کان بکر تائين درياہ جا ڪنارا ويران ڪري ڇڏيا، تہ جيئن همايون جي لشڪر کي رسد نہ ملي سگهي. آخر اها حالت ٿي، جو همايون جا ماڻهو، اٺ ۽ گهوڙا ذبح ڪري کائڻ لڳا. اهو حال ڏسي همايون، جوڌپور جي راجا مالديو جي لکڻ تي جوڌپور روانو ٿيو. جوڌپور کان 30 ميلن جي پنڌ تي هو، تہ کيس معلوم ٿيو، تہ جوڌپور جي راجا جي دل ۾ کوٽ آهي. انهيءَ ڪري تڪڙو تڪڙو جيسلمير روانو ٿيو. جيسلمير جي راجا پاڻي روڪي ڇڏيس. انهيءَ ڪري عمرڪوٽ آيو، جتي اڪبر ڄايس. ٽن سالن جي رولڙي کان پوءِ جڏهن همايون قنڌار وڃڻ جو خيال ڪيو، تہ شاهہ حسن سندس مدد لاءِ هٿ وڌايو ۽ انهيءَ ئي سال هو قنڌار هليو ويو.[2]

انهيءَ ئي سال شاهہ حسن کي اڌ رنگ جي بيماري ٿي پيئي. سنہ 962هہ (1554ع) ۾ وفات ڪيائين. ڪن جو چوڻ آهي، تہ سندس زال ماہ بيگم کيس زهر ڏئي مارايو. جيئن تہ کيس ڪو بہ اولاد ڪونہ هو، انهيءَ ڪري مرزا عيسيٰ ترخان تخت تي وينو، جيڪو سندس نپايل هو. هن ماہ بيگم سان شادي بہ ڪئي. سال بہ ڪونہ گذريو، تہ محمود خان سان سندس اختلاف ٿي پيو، جيڪو بکر جو حاڪم هو. محمود خان پاڻ کي خود مختيار ظاهر ڪيو. سنہ 963هہ (1555ع) ۾ مرزا عيسيٰ بکر تي حملو ڪري، گهيرو ڪيو. اڃا گهيرو ئي ڪيون وينو هو، تہ گوا جي پورچگيزن ٺٽي تي حملو ڪيو. ٺٽي کي قربائون، باهيون ڏنائون، ۽ آخر ۾ ڪيترن ماڻهن کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي ويا. ايڏي ڦر ڪيائون، جو سندن چوڻ موجب ايڏي ڦر سڄي ايشيا ۾ ڪانہ ڪئي هئائون. اهو احوال ٻڌي مرزا پوئتي موٽيو. سلطان محمود سندس پٺيان پيو، ۽ سيوهڻ تائين ربيع جا فصل تباهہ ڪري ڇڏيائين. آخر سيد مير ڪلان وچ ۾ پئي صلح ڪرايو.[3]

سنہ 967 هہ (1595ع) ۾ مرزا جي ٻن پٽن: مرزا محمد باقي ۽ مرزا محمد صالح جي وچ ۾ تڪرار ٿي پيو. مرزا عيسيٰ، مرزا محمد صالح جو طرف ورتو، ۽ محمد باقي شڪست کائي، سوڍن جي

رھائشگاھ ونگي ڏانھن ھليو ويو. محمد صالح وڏو بھادر ۽ ھمت ڀريو ھو. سنہ 970ھ (1562ع) ۾ ھڪ بلوچ ڪيس قتل ڪيو، جنھن جي پيءُ کي ھن ماريو ھو.[4]
ان کان پوءِ مرزا عيسيٰ ۽ محمود خان بکريءَ جون آويزشون ھلنديون آيون. تان جو سنہ 947 ھجري (1566ع) ۾ مرزا وقت ڪئي. ڪائنس پوءِ مرزا باقي تخت تي ويٺو، جيڪو وڏو ظالم ھو. ھن ماھ بيگم کي بند ۾ وڌو، جتي ھوءَ اجن ۽ بکن ۾ مري ويئي. اھڙا تہ ظلم ڪيائين جو ٻڌڻ سان لوڻءَ لوڻءَ ڪانڊارجيو وڃي. پھريائين ارغون اميرن کي وڏا اختيارات ڏنائين. پر پوءِ جو ڪاوڙ آيس، تہ انھن جي پاڙ پٽي ڪڍيائين. ان کان پوءِ سلطان محمود بکري، ارغون اميرن جي دانھن تي مرزا باقي تي چڙھائي ڪري آيو. مرزا جو ننڍو ڀاءُ مرزا جان بابا ۽ سندس نياٽو مرزا شادمان بہ لشڪر وٺي اچي محمود خان سان مليا، پر پوءِ جدا ٿي ويا. آخر مرزا باقيءَ جي لشڪر کان شڪست کائي ڀڄي وڃي ڪڪرالي پھتا، جو سمنڊ جي ڪناري تي ھو. مرزا باقي پھريائين سيد علي ثاني شيرازي ٺٽوي جي معرفت مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين سان صلح ڪيو، ۽ پوءِ کين قتل ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ محمود خان بہ ڪاھيندي اچي ٺٽي کي گھيرو ڪيو. مرزا کي مقابلي جي طاقت تہ ڪانہ ھئي، پر محمود خان کي معلوم ٿيو، تہ ترسون محمود خان جي پائرن اچ جي قلعي تي حملو ڪيو آھي، انھيءَ ڪري مقابلو ڇڏي موٽي ويو. سنہ 993ھ (1584ع) ۾ مرزا باقي چريو ٿي پيو ۽ ترار ڪٽي پاڻ کي مارڻ جي ارادي سان، پاڻ کي ڦٽي وڌائين. آخر انھن ڦٽن ئي سندس موت آندو.[5]
ھي اھڙو تہ ظالم ھوندو ھو، جو معمولي ڳالھين تي سخت سزائون ڏيندو ھو. جھڙوڪ: ڏاڙھي پٽڻ، نڪ ۽ ڪن ڪپڻ، ھاٿين جي پيرن سان ٻڌي گھٽين ۽ بازارين ۾ گھمائڻ. پٽ جي موت جو ٻڌي شڪ ۾ محلي جي زالن جي سٿڻن ۾ ٻليون وجھارائي، سندن ٻبا وڍرائي ڇڏيائين، ۽ مردن کي ھاٿين جي پيرن سان ٻڌرائي گھٽين ۽ بازارين ۾ گھمايائين. بي غيرت وري اھڙو ھو، جو جڏھن اڪبر جي لشڪر حملو ڪيو، تڏھن بادشاھ کي راضي ڪرڻ لاءِ پنھنجي ڌيءَ شاديءَ لاءِ دھليءَ ڏياري موڪليائين، پر بادشاھ، خوني ۽ ظالم جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ھوءَ موٽي پيءُ وٽ آئي.[6]
ڪائنس پوءِ سندس پٽ مرزا جاني بيگ تخت تي ويٺو. ھيءُ بہ پيءُ وانگر ظالم ھو. ھن پيءُ جي خون جي ڪن ماڻھن تي تھمت رکي، انھن مان ڪن کي توئن ۾ ويڙھائي ساڙائي ڇڏيو، ڪن جي مٿي کان پيرن تائين ڪرت وجھي بہ ٽڪر ڪرايو، ۽ ھرھڪ اڌ کي ذرا ذرا ڪري، گھٽين ۽ بازارين ۾ اڇلائي

ڇڏيو. ڪن کي سنگسار ڪرايائين، ۽ ڪن جي متي کان پيرن تائين کل لهرايائين. سنڌس حڪومت جي شروع ۾ سنڌس چاچي مظفر ڪاهه ڪئي، پر ڪيس شڪست ملي. ان کان پوءِ هن پيءُ جي سڪي کي رد ڪري، پنهنجو سڪو چالو ڪيو. ۽ نيون ماپون مقرر ڪيائين. اڪبر کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن ڪاوڙ لڳس، ۽ ڪيس آڻ مڃائڻ لاءِ نواب محمد صادق کي چاڙهي موڪليائين. هو سيوهڻ تائين پهتو. ۽ هار ڪائي پوئتي موٽي ويو. ان کان پوءِ سنه 999هه (1590ع) ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان چڙهي آيو. جنهن سخت لڙائيءَ کان پوءِ سيوهڻ فتح ڪيو. انهيءَ وچ ۾ مرزا جاني بيگ ٺٽي کي باهيون ڏيئي تباهه ڪرائي ڏيو. انهيءَ افراتفريءَ ۾ قر به ٿي. سنه 1000هه (1591ع) ۾ خان خانان مرزا سان صلح ڪري ڪيس اڪبر جي خدمت ۾ موڪليو. اڪبر سنڌس پٽ مرزا غازي بيگ کي ٺٽي جو نواب مقرر ڪري موڪليو. جو ان وقت سورهن سالن جو هو. مرزا جاني بيگ کي دهليءَ ۾ ئي رهائي ڇڏيائين. هن اتي ئي وفات ڪئي، ۽ سنڌس لاش آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو. مرزا غازي بيگ جي ڏينهن ۾ به ڪيترين بغاوتون ٿيون. سنه 1013ه (1604ع) ۾ بادشاهه جي سلاميءَ لاءِ آگري ويو. جتي بادشاهه ڪيس رهائي ڏيو. سنه 1014هه (1605ع) ۾ اڪبر جي وفات کان پوءِ چوريءَ ٺٽي ۾ آيو. پوئٽان سنڌس دشمنن نورالدين جهانگير کي سنڌس خلاف اپاريو. جنهن ڪري هن ڪيس گهرائي ورتو. آخر جڏهن وفادار سمجهيائينس، تڏهن ڪيس قنڌار جو نواب ڪري موڪليائين، جتي سنه 1021هه (1612) ۾ وفات ڪيائين. سنڌس لاش آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو. هو فارسي زبان جو بلند پايه شاعر هو. ۽ "وقاري" تخلص ڪندو هو. شاعرن جو وڏو قدردان هو. ڪيترائي شاعر سنڌس دربار ۾ هوندا هئا. ايراني شاعر به ڪهي وٽس ايندا هئا. ذهين به هو، ته سٺو منتظم به. انهن خوبين سان گڏ منجهس برايون به هيون. وڏو زاني هو ۽ شراب به گهڻو پيئندو هو.[7]

مرزا جاني بيگ جڏهن خانه بدوش ٿي ويو، تڏهن جهانگير سنڌ کي مرڪز سان ملائي ڇڏيو. پوءِ ٺٽي تي گورنر مقرر ٿي ايندا رهيا. سنه 1015 هه (1606ع) ۾ خسرو چرڪس سنه 1021هه (1612) ۾ مرزا رستم، سنه 1025هه (1616) ۾ مرزا مصطفيٰ، سنه 1028هه (1618) ۾ مرزا با يزيد بخاري، ان کان پوءِ شريف الملڪ، سنه 1037هه (1627) ۾ مرزا عيسيٰ خان ٺٽي جا گورنر ٿيا.[8]

شاهه عبدالڪريم سنه 1032هه ۾ وفات ڪئي، يعني انهيءَ زماني ۾ ٺٽي تي شريف الملڪ (شريف خان) گورنر هو. مٿين احوال مان معلوم ٿيندو. ته شاهه عبداڪريم جي جوانيءَ جي زماني کان پڇاڙيءَ

تائين سنڌ سان ڪيئي ويل وهيا. مرزا عيسيٰ ۽ محمود بکريءَ جي خانہ جنگي، گوا جي پورچوگيزن جي ڦر ۽ باهہ، مرزا باقيءَ جا ظلم ۽ ڏاڍ مرزا جاني بيگ جا ڪيس ڪلور ۽ مرزا محمد صادق خان جي چڙهائين ملڪ کي ناس ڪري ڇڏيو. اهڙين حالتن جي ڪري عوام تي خوف ۽ هراس ڇانيل هوندو هو. امن امان تباهہ ٿي ويو هو. اهڙي زماني ۾ انسان، تصوف جي پناهہ ۾ ئي سک جو ساهہ کڻي سگهيو ٿي. اهڙين حالتن ۾ صوفي بزرگن انسان ذات جي اهم خدمت سرانجام ڏني. هنن نهنائيءَ واري تعليم سان انسانن جي دلين کي آرام بخشيو. انهيءَ فطري تقاضا موجب شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي ڪلام ۾ بہ نهنائيءَ، صبر ۽ شڪر جو پيغام ملي ٿو.

شاهہ عبدالڪريم جيتوڻيڪ حڪومت سان ڪوبہ تعلق نہ رکندو هو، تڏهن بہ خدا جي خلق جي خدمت لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪامورن وٽ ڪهي ويندو هو. انسانن جي سک سلامتيءَ جو ڪيس وڏو اونو رهندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان زيادتي ۽ ظلم ٿيندو هو، تہ بي اختيار ٿي ويندو هو. مطلب تہ هن اسلامي اصولن موجب انسانيت جو درس ڏنو ۽ انسانن جي اخلاق ڪردار جي اصلاح ڪئي.

فصل پنجون

سنڌ جو علم ۽ ادب

علمي حالت

ملڪي حڪومت جي خاتمي ۽ ڌارين جي غلبي سبب سنڌ کي ڪنا ڪيڙ ڪري ڇڏيو. ارغونن جي اچڻ کان پوءِ درٻيلي ۽ پاٽ جا ڪيترائي عالم بد دل ٿي سنڌ ڇڏي گجرات ۽ مدينه طيبه ڏانهن هليا ويا. انهيءَ ڪري سنڌ جو علمي نظام درهم برهم ٿي ويو. انهيءَ زماني ۾ وسط ايشيا ۾ سياسي انقلابن جي ڪري ڪيترائي علمي خاندان لڏيا سنڌ ۾ آيا، جيڪي ٺٽي ۽ بکر ۾ آباد ٿيا. انهن مدرسا قائم ڪيا، ۽ علم جي شمع کي روشن ڪيو.

ارغونن جي زبان فارسي هئي. شاهه حسن ارغون فارسي زبان جو شاعر هو، ۽ ”سپاهي“ تخلص ڪندو هو. انهيءَ ڪري فارسي زبان ۽ شعر کي فروغ مليو. پر ڏيهي شاعر به سنڌ ۾ آيا، ته ڏيهي ماڻهن به فارسي ۾ شعر چيو. ان دور جي فارسي شاعرن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

”مرزا شاهه حسن، مخدوم ميران (وفات) 1542ع) حيدر هروي، شاهه جهانگير هاشمي، شاهه حسن تڪدري، مولانا فخري هروي، مير شاهه مسعود صدر.“[9]

فارسي جي بالادستي ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ به قائم رهي. هن دور ۾ به ڪيترائي فارسي جا شاعر پيدا ٿيا. خود مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ فارسي جا شاعر هئا. مرزا غازي بيگ فارسي شاعرن جو وڏو سرپرست هو، ۽ ڪيترائي شاعر سندس دربار سان وابسته هئا.

هن عرصي ۾ نه فقط ديوان ۽ مثنويون لکيون ويون، پر فارسي نثر ۾ به ڪتاب لکيا ويا. خاص طرح سان ان دور ۾ سنڌ جي تاريخ تي اهم ڪتاب لکيا ويا، جهڙوڪ: مير معصوم بکري جي تاريخ سنڌ (1009هه- 1600ع)، ادارڪي بيگلاري جو ”بيگلارنامه“ (1017هه- 1608)، مير طاهر نسياني جي ”تاريخ طاهري“ (1030هه- 1620)، ميرڪ يوسف بن مير ابولاقاسم نمڪين جي ”مظهر شاهجهاني“ (1044هه- 1634ع)، سيد جمال الدين حسيني شيرازي ٺٽوي جو ”ترخان نامه“ (1065هه- 1654ع)، شيخ فريد بکري جي ”ذخيرة الخوانين“ (1060هه- 1650ع) وغيره.

مغلن جي زماني ۾ هندوستان مان ڪي اهڙا شاعر بہ آيا، جيڪي اردو ۾ شعر چوندا هئا، جهڙوڪ: محمود صابري، محمد سعيد راهبر، مير علي جعفر بي نوا وغيره. اهوئي سبب آهي، جو ان دور ۾ فارسي شعر سان گڏ سنڌين ۾ اردو ۾ شعر چوڻ جو ذوق بہ پيدا ٿيو. ان هوندي بہ مغلن جي دور ۾ بہ فارسي جي بالادستي برقرار رهي.

ان زماني ۾ جيڪو سنڌي فارسي ڄاڻندو هو، ان کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. انهيءَ ڪري سنڌين بہ فارسي زبان ۽ شعر ۾ دلچسپي ورتي. سنڌي شاعريءَ کي جڏهن تہ علمي محفلن ۽ اميرن جي دربار مان تڙي ڪڍيو ويو، ان وقت فقيرن ۽ درويشن سنڌي شعر کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏني. صوفين جي سماع جون محفلون سنڌي بيتن سان گرم رهيون. ان جو ثبوت "بيان العارفين" آهي.

سنڌي شعر

ملڪ جي لاهن چاڙهن جي ڪري شاهہ ڪريم کان اڳ جو سنڌي شعر گهٽ ڪونہ ٿو ملي. ٻڌيءَ ٻيڙيءَ جي هريڙن جي مصداق سومرن ۽ سمن جي دور جا ڪجهہ بيت ملن ٿا، سي بہ جيئن تہ زباني روايتن ذريعي مليا آهن، انهيءَ ڪري شڪ ڳاڏئان آهن. البتہ تاريخن مان ايتري پڪي ثابتي ملي ٿي، تہ ان زماني ۾ سنڌي شاعر موجود هئا، ۽ سنڌي زبان ۾ شعر چيو ويندو هو.

ان زماني جو سومرن ۽ سمن سردارن جي سورهيائي، سخا ۽ رومانوي داستان بابت پڙن، پانن ۽ چارڻن جا ڪجهہ بيت مليا آهن. ڪيترا بيت تہ گمنام سگهڙن ۽ شاعرن جا آهن. البت ڪجهہ بيت پاڳو پان ۽ سمنگ چارڻ جي نالن ۾ مليا آهن. سومرن جي دور جي مشهور واقعي دودي چنيسر جي لڙائيءَ بابت بہ ان زماني جا ڪجهہ بيت مليا آهن.

سومرن جي دور جي اسماعيلي ملغن جا شعر بہ مليا آهن. جن کي گنان سڏيو وڃي ٿو. انهن اسماعيلي بزرگن جا نالا هي آهن: پير شمس سبزواري (1065ع- 1167ع)، پير صدرالدين (1290ع-1409ع) ۽ پير تاج الدين.

تاريخ مان ان زماني جي ڪن شاعرن جا نالا بہ ملن ٿا، جهڙوڪ: شيخ حماد جمالي، اسحاق لوهر ۽ راڄو ستيو دل. سمن جي دور ۾ ساموئيءَ جي ستن درويشن جا ست بيت مليا آهن. ساموئي درويشن جي شهادت جو واقعو ڄام تماچيءَ جي ڏينهن ۾ ٿي گذريو، جيڪو 1375ع ۾ تخت تي ويٺو. انهن ستن

بيتن مان به ڪيترا پوئين دور جا ٺهيل آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو، ته سمن جي دور ۾ سماع جي محفلن ۾ سنڌي بيت پڙهيا ويندا هئا.

ان کان پوءِ اسان کي شاهه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ملي ٿي، جنهن ۾ قاضي قاضن، شاهه ڪريم ۽ ٻين شاعرن جا بيت محفوظ ڪيل آهن. جيئن ته هي بيت اسان کي تحريري صورت ۾ دستياب ٿيا آهن، انهيءَ ڪري هنن بيتن کي سنڌي شعر جي عظيم عمارت جي پيڙهه جو پٿر چئي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ ڪن ٻين ڪتابن مان شاهه ڪريم جي ڪن همعصرن جا سنڌي بيت به مليا آهن. انهن شاعرن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

مخدوم پير محمد لکوي

لکي تعلقي سکر جو ويٺل هو. سنه 1590 يا 1600ع ڌاري وفات ڪيائين. الف اشباع جي ستا ۾ سندس هڪ نظم مليو آهي، جنهن ۾ روضئه اقدس جي ديدار جو اشتياق ڏيکاريو اٿس. نظم هن طرح شروع ٿئي ٿو:

اي صبا! واءِ صبح جا خاطي خير هتا
تون ريبارو رحمان جو ۽ قاصد قريبا

مخدوم نوح

شاهه ڪريم جي مرشد حضرت مخدوم نوح وفات (1590ع) جا ڪجهه سنڌي بيت مليا آهن. هڪ بيت هت ڏجي ٿو:

سمو به ساٿين گڏ، تون لوچج لڄ کي،
هلندي سمي سامهون، تون پڻ ڪيرت ڪج،
ته تو پڻ ٿئي ڏڄ، سمي به سوڀ ٿئي.

سيد علي ثاني ٺٽوي

شاهه ڪريم جي پير ڀائي ۽ ٺٽي جي مشهور عالم ۽ فاضل سيد علي ثاني شيرازي (وفات 1573ع) جو هڪ سنڌي بيت مليو آهي:

سرتن سانگ سکن جو، مون کي رويو رهائين،
آءٌ تي هلان هوت ڏي، هو ٿيون واريو وهارين،

وريتيون ورن سين، ويتيون گهر گهارين،

کهندا ٽيون ڪارين، ڪانہ هلندي هوت ڏي.

انهن کان سواءِ ٻين بہ ڪن شاعرن جا نالا ملن ٿا. جهڙوڪ: درس علاوالدين سومرو ٺٽو، سيد ابوبڪر لڪياري ڳوٺ آراضي سيوهڻ، شاهہ خيرالدين جيلاني سکر، سيد هارون، يوسف سهتو ٺٽو، ڪافي گو شاعر فاضل بکري ۽ جرڪس فقير هنگورو.

فصل ڇهون

شاهہ ڪريم جي شاعري

ڪريم جو ڪلام

حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي طبع ننڍي هوندي ڪان ئي شعر ۽ سماع ڏانهن مائل هوندي هئي. جڏهن مٿن جذبو طاري ٿيندو هو، تہ بي اختيار ٿي بيت چوندا هئا، ۽ اهي بيت وري مٿي آواز سان سماع ۽ وعظ جي مجلسن ۾ پڙهائيندا هئا. ڪين اڳين شاعرن جو شعر بہ ڪافي ياد هو، جو وقت بوقت مجلسن ۾ پڙهائيندا هئا. قاضي قاضن جا بيت بہ شاهہ ڪريم جي زباني ئي معلوم ٿيا آهن.

بيتن جو تعداد

بيان العارفين ۾ شاهہ ڪريم جا قول بہ آهن تہ بيت بہ. سندس قولن جي وچ تي جيڪي سندس بيت آيل آهن، انهن جو تعداد 93 آهي. جيڪڏهن انهن مان شيخ پراڻ وارو بيت بہ ڌار ڪبو، تہ پوءِ ڪل بيت وڃي 92 ٿيندا. ان ڪان سواءِ هيٺيين بيت بابت بہ يقين نہ آهي، تہ شاهہ ڪريم جو آهي يا قاضي قاضن جو. مضمون ۽ سٽا جي لحاظ ڪان قاضي قاضن جو معلوم ٿئي ٿو. پر جيئن تہ بيت ڪان اڳ قاضي قاضن جو نالو نہ ڪنيو ويو آهي، انهيءَ ڪري شاهہ ڪريم جو بيت ڪري، شامل ڪيو ويو آهي.

ڪنز قدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙين سپ،

تہ ڪرمنڍي ماڪوڙي، ڪوه ۾ پئي ڪڇي اپ.

انهن بيتن مان ٻہ بيت هڪ مصرع وارا، ٻہ ٽن مصرعن وارا ۽ باقي ٻن مصرعن وارا آهن.

شعر جو وزن

شاهہ ڪريم جو شعر هندي شعر جي وزن "ڇند وديا" موجب معلوم ٿئي ٿو.

---

[1]. "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو- ص 169 ڪان 193.

[2]. "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص-169 ڪان 193. "ترخانہ نامہ"، ص-30 ڪان 36.

[3]. "ترخان نامہ"، ص- 43 ڪان 46- "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص 228 ڪان 231 ۽ 225 ڪان 246.

[4]. "ترخان نامہ"، ص 43 ڪان 46- "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمہ، ص 228 ڪان 231-225 ڪان ڪان 246 "جنت السنڌ" 403-406.

[5]. "ترخان نامہ" ص 51 ڪان 95- "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو، ص- 247 ڪان 309.

[6]. "ترخانہ نامہ"، ص 51 کان 95- "تاريخ معصومي" سنڌي ترجمو- ص-247ع کان 309- حواشي مڪلي نامہ، ص- 238 کان 257.

[7]. "ترخان نامہ"، ص- 51 کان 95- "تاريخ معصومي" ص- 247 کان 309، حواشي مڪلي نامہ، ص- 407 کان 415- مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم- سيد حسام الدين شاہ راشدي، سال 1970ع، ص- 56 کان 166.

[8]. "تحفة الڪرام"، سنڌي ترجمو، ص- 228 کان 236.

[9]. تاريخ معصومي، سنڌ، ص 240 کان 245.

Sadarangani, H.I. Persian Poets of Sind PP:20 to 42

شاعريءَ جي فن جي علم کي هنديءَ ۾ "ڇند وديا" چيو ويندو آهي. جهڙيءَ طرح "علم عروض ۾" اصول ۽ ارڪان آهن، اهڙيءَ طرح هندي ڇند وديا ۾ بہ آهن. البتہ فرق اهو آهي، تہ علم عروض ۾ اصل ثلاثي (ٽن حرفن وارا)، رباعي (چئن حرفن وارا) ۽ خماسي (پنجن حرفن وارا) ٿيندا آهن، پر "هندي ڇند" جا اصول هڪ حرفي (هڪ حرف متحرڪ) ۽ ٻہ حرفي (هڪ حرف متحرڪ سان گڏ هڪ حرف ساڪن) ٿيندا آهن. هڪ حرفي اصول کي "لگهہ ماترا" ۽ ٻہ حرفي اصول کي "گر" چيو ويندو آهي. علم عروض توڙي ڇند وديا ۾ اصول ارڪان جوڙين ٿا، پر ٻنهي ۾ فرق آهي. علم عروض ۾ حرفن جي تعداد کي اهميت آهي، مثلاً فاعلن ۾ پنج حرف آهن، انهيءَ ڪري اهو رڪن خماسي (پنجن حرفن وارو) چيو ويندو، فاعلاتن ۾ ست آهن، انهيءَ ڪري سباعي (ستن حرفن وارو) سڏيو ويندو. ڇند وديا ۾ رڪن کي "گن" چيو ويندو آهي. هر "گن" ۾ ٽي ٽي اصول رکيل هوندا آهن.پر انهن جي ترتيب علم عروض جهڙي نہ هوندي آهي. "گن" هي آهن، جن جي تقطيع ۽ "لگهہ" لاءِ "8" نشاني آهي ۽ "گر" لاءِ هيءَ- نشاني آهي. وضاحت لاءِ علم عروض جا "رڪن" بہ ڏنا وڃن ٿا:

1- يگن (- - 8= فعولن) 2- مگن (888= فعل) 3- تگن (8--- =م مفعول) 4- ڀگن (88- فاعل) 5- جگن (8-8= فعول) 6- رگن (-8- = فاعلن) 7- سگن (-88= فعلن) 8- مگن (----= فعلاتن) 9- لگهہ (هڪ حرفو=8) 10- گر (ٻہ حرفو= -).

ڇند وديا ۾ بحر ٻن قسمن جا آهن. "ماترڪ"، جن جو سمورو دارومدار اصولن جي تعداد تي هوندو آهي. "اصول" کي ڇند وديا ۾ "ماترا" چيو ويندو آهي. انهن بحرن ۾ ماترائن جو مقرر ٿيل تعداد نظر انداز ٿيڻ نہ گهرجي، باقي اهو ضروري نہ آهي، تہ حرفن جو تعداد برابر هجي. هيٺ "سمير ڇند" جو مثال ڏجي ٿو، جنهن ۾ 19 ماترائون هونديون آهن:

8- -88-8-88-8- - سدا جسم قند سون رهہ هو اپيتا

8- - -88- 8-8- - پجو جو ميت هي سون رام سيتا

(معنيٰ: هميشه ملڪ الموت جي چنبي کان بي خوف رهندين. جيڪڏهن تهه دل سان رام سيتا جو ذڪر ڪندين.)

پهرين مصرع ۾ 6 گرو ۽ 7 لگهه آهن، يعني ڪل 19 ماترائون آهن. ٻي مصرع ۾ 7 گرو ۽ 5 لگهه آهن، جن جو تعداد به 19 ٿئي ٿو پر پهرين مصرع ۾ 13 ۽ ٻيءَ ۾ 12 حرف آهن.

ڇند وديا ۾ بحرن جو ٻيو قسم آهي: "ورنڪ". يعني حرفن وارو. انهن ۾ رڪنن جي پابندي لازمي آهي. يعني ٻنهي مصرعن ۾ هڪ جهڙا "گن" هئڻ گهرجن. انهيءَ پابنديءَ جي ڪري فقط "گر" ۽ "لگهه" ماترائن ۾ مطابقت ضروري نه آهي، پر حرفن جي تعداد ۾ به هڪ جهڙائي هجڻ گهرجي، نموني لاءِ وڏين مالا ڇند جو مثال هيٺ جي ٿو:

– – – – – – – –

مومين گنگا تاري يگتي

– – – – – – – –

پاڙهي ايسي ديجئه يگتي

(معنيٰ: اي گنگا مون ۾ تنهنجي پوڄا وڌي، اهڙي قوت عطا ڪر.)

هر مصرع ۾ به مگن (- - -) ۽ به گر (-) آهن.

ماترڪ ڇند جي هر بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار پد هئڻ گهرجن، ۽ هر پد ۾ 7 کان 148 تائين ماترائون هجڻ گهرجن.

دوها ڇند

هن ۾ به مصرعون ٿين، جن مان هر هڪ ۾ به پد يا چرن ٿين. پهرين ۽ ٽين پد کي "وشم" (طاق) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ 13 ماترائون ٿينديون آهن. ٻئي ۽ چوٿين پد کي "سم" (جفت) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ 11 ماترائون ٿينديون آهن. هندي دوهو نموني طور هيٺ ڏجي ٿو:

8 _ 88 88 _ 88 88 88 _ 8 _ 88 _

چم چمات چنچل ٿين تج گهونگٽ پٽ جهين

8 _ 888 8888888 _ 88 88 _ _

مانو سر سر تابمل، حل اچرت يگ مين

13 ، 11

---

13 ، 11

(چنچل اکيون سنهي رئي جي گهونگهٽ مان اهڙي طرح سان چمڪن ٿيون، جيءَ طرح گنگا نديءَ جي پاڻيءَ مان مڇين جو جوڙو).

دوهي جي هر سٽ کي "دل" چيو ويندو آهي، ۽ هر دل جي سٽا ۾ هيٺين ڳالهين جي پابندي ضروري آهي:

"وشم" پدن (پهرين ۽ ٽين) جي شروع ۾ جڳن (8-8) رڪن نہ اچڻ گهرجي ۽ ماترائون 13 هجن. آخر ۾ رڪن سڳن (-88) يا رڳن (-8-) يا نڳن (888) اچڻ گهرجي.

سم پدن (ٻي ۽ چوٿين) ۾ 11 ماتائون اهڙيءَ طرح اچن، جو آخر ۾ جڳن (8-8) يا نڳن (8- -) رڪن اچن. ان کان سواءِ "وشم" ۽ "سم" پدن ۾ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ بہ ضروري آهي:

(الف) جنهن وشم پد جي شروع ۾ (-8) يا (8-) نڳن (888) اچي، ان ۾ ماترائن جي ترتيب هن طرح ٿيندي:

-- 2 x3 x2 x3 x3. چوٿون جوڙو، جو ٽن ماترائن جا آهي، ان جي ترتيب هن طرح نہ هئڻ گهرجي:(-8)

جنهن وشم جو شروع ۽ سڳن (-88) يا (- -) يا (8888) هجي، ان جي ماترائن جي ترتيب هن طرح ٿيندي: 2x3x4x4، پر ان ۾ بہ ٽين جوڙي جي ترتيب هن طرح جائز نہ آهي(-8)

(ج) "سم" پدن ۾ ماترائن جي ترتيب يا تہ 3 x 4 x 3 ٿيندي يا هن طرح ٿيندي: 3 x 2x 3. x3 ٻنهين ترتيبن ۾ آخري جوڙو هن طرح اچڻ گهرجي:(8-)

ڪڏهن ڪڏهن يڳن (88-) جي جاءِ تي جڳن (8-8) ايندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ گر لگهہ شروع ۾ هجي، تڏهن بہ اهو دوهو "سم" وارو دوهو مڃيو ويندو آهي.

گرءِ لگھہ ماترائن جي گھٽ وڌ ٿيڻ سان دوھي جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. انھن مان 123 قسم ھندي شاعرن عام جام آندا آھن. البتہ ايترو آھي، تہ ھر حال ۾ دوھي جون ماترائون 48 رھڻ گھرجن. نموني طور دوھي جا قسم ھيٺ ڏجن ٿا:

1- ڀرمر (گر 22 x لگھہ 4) 2- سيرامر (گر 21 x لگھہ 6) 3- شرڀ (گر 20 x لگھہ 8) 4- شيين (گر 19 x لگھہ 10) 5- منڊوڪ (گر 18 xلگھہ 12) 6- مرڪٽ (گر 17 x لگھہ 14) 7- ڪرڀ (گر 16 x لگھہ 16) 8- نر (گر 15 x لگھہ 18) 9- ھنس (گر 14 x لگھہ 20) 10- گيند (گر 13 xلگھہ 22) 11- پيوڌھر (گر 12 x لگھہ 24) 12- چل يا بل (گر 11 x لگھہ 26) 13- بانر (گر 10 x لگھہ 38) 14- ترڪل (گر 9 x لگھہ 30) 15- ڪڇپ (گر 8 x لگھہ 32) 16- مڇ (گر 7 x لگھہ 24) 17- شاردول (گر 6 x لگھہ 36) 18- اھور (گر 5 x لگھہ 38) 19- بيال (گر 4 xلگھہ 40) 20- وڊال (گر 3 x لگھہ 41) 21- شوان (گر 2 x لگھہ 44) 22- اور (گر 1 x لگھہ 46) 23- سرپ (لگھہ 48).

سنڌي شاعرن دوھي جي سٽا تہ اختيار ڪئي آھي، پر ڇند وديا جي ايتري پابندي نہ ڪئي آھي. ايتري قدر جو ڪڏھن تہ دوھي جي نموني جي سنڌي بيتن ۾ 48 ماترائن کان گھٽ وڌ ماترائون بہ ٿين ٿيون. البتہ ايترو آھي تہ ماترائون لڳ ڀڳ 48 آھن ۽ قافيو ٻنھين سٽن جي پويان اچي ٿو.

شاھ ڪريم جا ڪيترا بيت دوھا ڇند مطابق آھن. ھڪ بيت ھيٺ ڏجي ٿو:

چرئن جنءَ چت ڪري، سگ سيئي ڇن،

جي پائين پريءَ مڙان، تہ مت موجيءَ ڳن.

2. سورٺا ڇند

ھن ۾ بہ ٻہ مصرعون ٿين، ۽ ھرھڪ مصرع ۾ ٻہ پاگا ٿين. ھرھڪ مصرع جي پھرين پاگي ۾ 12 ۽ پوئين ۾ 13 ماترائون ٿين. ٻنھي مصرعن جا پھريان پاگا ھم قافيہ ٿين:

________0________

________0________

شاھ ڪريم جا ڪجھہ بيت ھن سٽا موجب آھن. پر ماترائن جو ٿورو فرق آھي. ھڪ بيت نموني طور ھيٺ ڏجي ٿو، جنھن جي پھرين پاگي ۾ ھڪ ماترا ڪتل آھي، تہ پوئين ۾ وڌيل آھي:

هنج تتهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهه جو،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

خاص سنڌي صنف

اسان جي سنڌي شاعرن مٿي بيان ڪيل سٽائن جي ميل جول سان نيون سٽائون بہ جوڙيون آهن، جي هن ريت آهن:

(الف) ٻن مصرعن واري بيت جي پهرين مصرع "سورٺا" جي سٽا جي، تہ ٻي مصرع "دوها" جي رٽا جي آهي:

________ 0 ________

________ ________ 0

قاضي قاضن ۽ شاهه ڪريم جا ڪجهہ بيت انهيءَ سٽا موجب ملن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اها صنف گهڻو اڳ سنڌ ۾ ايجاد ٿي چڪي هئي. مثال طور شاهه ڪريم جو هڪ بيت ڏجي ٿو:

ڪن ڪلاچي پار، سڏ نہ سجي سائين،
گهاتوئين سندا مڪڙا، ڪي تڙ ٻي نهار.

(ب) ٻن مصرعن واري بيت جي پهرين مصرع "دوها" جي سٽا جي تہ ٻي مصرع سورٺا جي رٽا جي:

________ ________ 0

________0________

شاهه ڪريم جا بيت هن سٽا موجب بہ ملن ٿا:

ڦٽيون ڪر ڦڙڪيون، ور ونگائي پاءِ،
جا تن اندر ڪاءِ، سا معلوم محبوبن کي.

(ج) ٻن مصرعن کان مٿي وارن بيتن ۾ پهرين مصرع "دوها" يا "سورٺا" جي سٽا جي هوندي، تہ پوئين مصرع گهڻو ڪري "سورٺا" جي هوندي. شاهه ڪريم جي ٽن مصرعن واري بيت ۾ پهرين مصرع دوهي جي سٽا واري، ۽ پوئين سورٺا جي سٽا واري، ۽ وچين دوهي جي سٽا واري آهي:

جاڳي جاڳي سسئي، جان هيجان هٿ وڌاءِ،

تان سڄي سيج پرين ري، پنهون پٽر ناھ،
نڪرندي ڇڏاءِ، گهوڙا گھر نہ سپرين.

شعرجي ٻولي

ٻين زندھ زبانن وانگر سنڌي زبان جون بہ مختلف اپ ڀاشائون يا محاورا يا لهجا آھن، جن جي سٽا ۽ ساخت ۾ ملڪ جي مختلف جغرافيائي حالتن، تاريخي پس منظر ۽ پاڙيسري ملڪن سان تعلقات کي دخل آهي. سنڌي زبان جا هيٺيان لهجا مڃيا ويا آھن:

سريلي يا اترادي، 2- وچولي، 3- لاڙي، 4- ٿري، 5- ڪڇي، 6- لاسي، 7- ڪوهستاني، 8- اورماڙي، 9- گوادري، 10- جدگالي، 11- ياڳ ناڙي وارو، 12- جهونا گڙهي يا ڪاٺيا واڙي.

شاھ ڪريم جو شعر لاڙي لهجي ۾ آهي. لاڙي لهجي جون خصوصيتون هيٺ ڏجن ٿيون:

1- علم لسان موجب آواز ٻن قسمن جا ٿيندا آھن: سر آواز ۽ وينجن، جن کي پراڻي گرامر موجب حروف علت، ۽ حروف صحيح چيو ويندو ھو. وينجنن ۾ ادائگيءَ وقت هوا جي ڌوڪ شامل نہ هوندي آهي، مثلا پ، ب، ٿ، ت وغيره. اهڙن آوازن کي او سرڳ آواز چيو ويندو آهي. ڪن آوازن ۾ وري هوا جي ڌوڪ شامل هوندي آهي، مثلا ڦ، ڀ، ٿ، ٿ، گھ، ڙھ، ٺھ وغيره. اهڙن آوازن کي وسرڳ آواز چيو ويندو آهي.

لاڙي لهجي ۾ گهڻي قدر وسرڳ آواز جي بدران اوسرڳ آواز اچاريندا ويندا آهن. مثلا گھ جي بدران گ، لھ جي بدران ل، نھ جي بدران ن ۽ ٺھ جي بدران ڻ يا ڙ اُچاريو ويندو آهي. شاھ ڪريم جي شعر ۾ ڪيترن وسرڳ آوازن جي بدران اوسرڳ آواز آيا آھن، مثلاً:

”پريان سندي ڳالڙي، جيڪو ٻي ڪري،“

هت ”ڳالھ“ کي ”ڳال“ ڪري آندو ويو آهي.

يعني الھ وسرڳ جي بدران اوسرڳ ا ل ا آيو آهي. هيٺين مصرع ۾ ”ماڻهو“ جي بدران ”ماڙو“ آيو آهي. يعني اٺھ ا جي بدران اڙا آيو آهي:

”سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙوئين.“

هيٺين مصرع ۾ ”پنهون“ بدران ”پنون“ آيو آهي. يعني ا انھ جي بدران ا ن ا آيو آهي:

”تان سڄي سيج پرين ري، پنون پٽر ناھ“

هيٺين مصرع ۾ ”منجها ران“ جي بدران ”منجا ران“ آيو آهي. يعني ا جهه ا بدران ا ج ا آيو آهي:

”م ه ڪر منجاران، ڀهر ڍوٺيڊ م ڊور جنءَ.“

(2) لاڙي لهجي ۾ ڪن لفظن ۾ ا هه ا جو آوازئي ترڪ ڪيل هوندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو شاهه ڪريم جي شعر ۾ ”منهنجي“ جي بدران ”موجي“ آيو آهي، مثلا:

”مت موجي ڪن ڪري، ته ڪي جاب م ڏي.“

”ڀهرين“ بدران ”پيرين“ آيو آهي، مثلاً:

”پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءُ لَهُ.“

”پنهنجي“ بدران ”پاجي“ آيو آهي:

”ريءَ پاجي ڪٺئي، سيربري نه باه“

3- سر آواز

وينجن ادا ڪرڻ وقت، هوا ڪي منهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن هنڌ روڪ رنڊڪ ٿئي ٿي، پر ”سر آواز“ اچارڻ وقت هوا ڪي روڪ رنڊڪ نه ٿئي ٿي. سر آواز ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: ڊگها سر ۽ ننڍا سر. آ، اي، او ڊگها سر آهن، ۽ آ، اِ، اُ انهن ج ننڍا سر آهن. ڪن سر آوازن ۾ گهٽائپ هوندي آهي، جهڙوڪ: آن، اين، اون.

لاڙي لهجي جي ڪيترن لفظن ۾ گهٽائپ ترڪ ڪيل هوندي آهي. انهن ڪان سواءِ لاڙي لهجي ۾ ڪيترن لفظن ۾ ڊگها سر بدلائي ننڍا ڪيل هوندا آهن، ۽ ننڍا بدلائي ڊگها ڪيل هوندا آهن. معياري لهجي ۾ جيڪي لفظ ”آ“ سان شروع ڪيل هوندا آهن، لاڙي لهجي ۾ ”آ“ ڪي بدلائي ”اِ“ ڪيو ويندو آهي. هيٺ شاهه ڪريم جي شعر مان اهڙا لفظ ڏنا وڃن ٿا، جن ۾ معياري لهجي ڪان سر آواز تبديل ٿيل آهن:

نوٽ نشاني د جو مطلب آهي:..... بدلجي..... ٿيو آهي.

4- پد

سر آواز ۽ وينجن گڏجي پد ٺاهين ٿا، ۽ پدن مان لفظ جڙن ٿا. لاڙي محاوري ۾ لفظ جي هر ٻي پد تي (اَ) سر استعمال ٿيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه ڪريم جي شعر ۾ ”هڪڙو“ بدران ”هيڪڙو“ آيل آهي.

لاڙي لهجو	معياري لهجو	تبديلي

تن	تون	اون<اُن
جنءَ	جيئن	اين<اِ
پِئو	پَيو	اَ<اِ
لُهُ	لوه	او<اُ
پري	پرين	اين<اي
تِہ	تنهن	اَن<اِ ۽ اِن<اِ
جاب	جواب	وا<اَ
جِہِ	جي	ھ<ي
مُن	مون	اون<ا
ٻهار	ٻاهر	آ<اَ ۽ اَ<اَ
ٻَهر	ٻاهر	آ<اَ
ڪِہِ	ڪنهن	آن<اِ ۽ اِن<اِ
مُہُ	منهن	اُن<اُ
ٻئي	ٻي	اِي<اِئي
تِهين	تَهين	اَ<اِ
جني	جنين	اين<اي
انين	اونهي	او<اُ ۽ هي<اين
پاهجي	پنهنجي	ان<آ ۽ اِن<اِ
ڪِنءَ	ڪيئن	اِي<اِ
متا	متان	آن<آ
هُندَ	هوند	اون<اُن
ڪِجن	ڪَجن	آ❊<اِ
نڪَري	نڪري	آ<اِ
هون	هجن	ج❊<وَ

ڇُٽان	ڇوان	اُ<اُ ۽ و گم ڪيل آهي
پوئي	پوي	آ<او
آن	اوهان	و ھ گم ٿي ويو آهي.
ڇُٽاءِ	ڇيائين	اَاُ، ء د ي ۽ ئين د اَ
سڪھون	سڪئون	ئون د ھون
وڃھون	وڃئون	ئون د ھون

انهن ڳالهين کان سواءِ مخصوص لاڙي لفظ بہ استعمال ٿيل آهن، جن جي معنيٰ ۽ شرح اڳتي واري پاڱي ۾ ملندي.

شعرجومضمون

شاھ ڪريم جي شعرجو مضمون تصوف جي تعليم مطابق آهي. هو ذهن نشين ڪرائي ٿو، تہ ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق الله آهي، جيڪو هڪ آهي، ۽ سندس ڪوبہ شريڪ ڪونهي. هر شيءِ مان ان ذات جو جلوو عيان آهي:

وائي ٻي م ڀل، مرئان موران پڪٽان،

بلا، سندو سڄڻين، هو هلا وھل.

طالب کي تصوف جي واديءَ جي واٽن جي پرک ۽ پروڙ ٻڌائيندي سمجهائيندي تہ هي اهو پنڌ آهي، جنهن کي طئي ڪرڻ ۾ عقل ۽ هوش، علم ۽ فهم ڪم نہ ايندو، پر سڪ ۽ محبت مان عشق جي راھ ۾ وک وڌائڻي آهي. يعني لوڪ جا لاڳاپا لاهي، معرفت جي منزل ڏانهن وڌبو، تہ اوکي واٽ بہ سولي نظر ايندي:

متيون ميڙي ڪانءِ، واڇا ڪجي وڃ پُو،

جو تو سائر پائيو، سو هر ٻوئي ناھ.

هو ان ڳالھ کي بہ پسند نہ ٿو ڪري، تہ طالب ڪم ڪار ڇڏي، سنڌن سڪو ٿي، وڃي جهنگ وسائي. هو سمجهائي ٿو، تہ دنيا جو ڪاروبار بہ ڪندو اچجي، ۽ پنهنجي مالڪ حقيقي سان بہ تعلق قائم رکجي:

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ،

ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سگھر توڪ.

پر زندگي جو مقصد ”سپرين جي سڪ“ کي سمجھجي، ۽ نہ لوڪ جي لاڳاپي کي. يعني دنيا ۾ محو تي، ان کي پنهنجي منزل ۽ مقصد ڪري نہ وٺجي:

پنيوران ٻہ توڪ، ڪِنِہ نہ نيا پاڻ سين،

پهاڪا ۽ چوڻيون

انهن خوبين ڪانسواءِ شاهہ ڪريم جي شعر جي وڏي خوبي اها آهي، تہ هن زندگيءَ جي تجربن ۽ انساني نفسيات کي نظر ۾ رکي، حقيقتون سمجھايون آهن. اهوئي سبب آهي، جو سندس اهڙا بيت پهاڪا ۽ چوڻيون ٿي پيون آهن، مثلا:

زندگيءَ جي اها هڪ وڏي حقيقت آهي، تہ جيستائين پاڻ وجي پنهنجي سر ڪم نہ ٿو ڪجي،

تيستائين نياپي سنيهي تي ڪم ڪونہ ٿو ٿئي:

”تيہ نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون.“

اهڙيءَ طرح اهو بہ زندگيءَ جي تجربي جو نيوڙ آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪم لاءِ پاڻ ڪوشش نہ وٺبي، پر فقط پنهنجي سنگتي ساٿيءَ تي لاهي پائي رکبو، تہ ڪجھہ نہ ورندو. شاهہ ڪريم اها حقيقت هن طرح سمجھائي آهي:

جي اُتر جي لاهہ، سڄڻ سپ پرڪئا،

ري پاجي ڪٿئي، سپر ٻري نہ باہ.

سياڻن جو چوڻ آهي، تہ جيڪڏهن ماڻهو مشڪل وقت ۾ ڪنهن سونهين ڪان صلاح وٺندو، ۽ پڇا ڳاڇا ڪندو تہ اڙيو نہ رهندو، ۽ وجي منزل مقصود کي رسندو. شاهہ ڪريم اها حقيقت هن طرح آندي آهي:

”جي پڇڻا، سي نہ منجھڻا، جي پڇن سي وير“

اها انساني نفسيات جي تقاضا آهي، تہ راز اوستائين راز آهي، جيستائين پنهنجي دل ۾ آهي. ٻاهر ٻاڦ نڪتي تہ پوءِ اهو لڪ لڪي نہ سگھندو. شاهہ ڪريم اها ڳالھہ هن طرح بيان ڪئي آهي:

مٿ پيڙيائي پلي، جہ اپٽي تہ واءِ،

جو پڌر وڏي ڳالڙي، تہ ڇڏي وڃي ساءُ

اها انساني فطرت آهي، تہ جنهن ڳالهہ ۾ گهڻي دلچسپي هوندي اٿس، ننڊ ۾ بہ ان جي تات تنوار هوندي اٿس، شاهہ ڪريم ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري چيو آهي:

جي جاڳندي من ۾، ستي پڻ سيئي،
من پريان نيئي، پڳهيو پاڻ ڳري.

صنعتون

شاهہ ڪريم جو شعر، نہ فقط قدامت جي لحاظ کان ارفع ۽ اعليٰ آهي، پر زبان ۽ بيان جي خوبين جي خيال کان بہ مٿاهون آهي. مضمون کي موثر بنائڻ لاءِ تشبيهن ۽ تمثيلن کان ڪم ورتو اٿس، ۽ اهي تشبيهون پنهنجي وطن جي رسمن رواجن، ڏنڌن ڌاڙين ۽ ڏيکن ويکن مان ڪنيون اٿس. لوهار کي سنداڻ تي ڌڪ هڻندو ڏسي چوي ٿو تہ، لوهہ کي جڏهن سنداڻ تي ڌڪ لڳن ٿا، تہ ورچي وڃي ٿو، پر منهنجي دل جيئن تہ، پنهنجي محبوب کي ياد ڪندي رهي ٿي، انهيءَ ڪري ورچي نہ ٿي وڃي، توڙي جو ان کي دنيا جي حرص و هوا جا ڌڪ لڳن ٿا:

ڌڪين ڌات پئو، هينئڙو لہ سنداڻ جنءَ،
سنياري کي سڄڻين، ورچي تان نہ وئو.

ڳوناڻي عورت کي بہ دلا مٿي تي ڪڻندو ڏسي، ۽ پڪيءَ کي پاڻيءَ تي ترندو ڏسي، چوي ٿو، تہ جهڙي طرح عورت جي مٿي تي رکيل بہ دلا هڪٻئي سان مليل آهن، ۽ پاڻيءَ تي وينل پڪي پاڻيءَ سان مليل آهي، اهڙيءَ طرح منهنجي دل بہ پنهنجي محبوب سان مليل آهي:

پاڻيهاري سر ٻهڙو، جر تي پکي جنءَ،
اسان سڄڻ تنءَ، رهيو آهي روح ۾.

هيئين بيت ۾ مڇ کي استعاري طور آندو اٿس. جهڙيءَ طرح مڇ لالچ جي ڪري ڪنڊيءَ ۾ ڦاسندا آهن، اهڙيءَ طرح مادي شين جو طالب بہ دنيا جي مهاڄار ۾ ڦاسي پوي ٿو:

جا تو گهيڙي گهت، ماڪرياڙي مڇڙا،
ان ڪنڊيءَ ڪڍي ڪيترا، نيئي پچاڙئا پٽ.

چاچر معنيٰ ننڍو پاٽي. هيٺين بيت ۾ چاچر مان مراد آهي: دنيوي يا مادي شيون. اونهي پاٽيءَ مان مطلب آهي: معرفت جي مام. ڇڇير مان مطلب آهي: دنيا جو طالب. گهاتو مان سندس مطلب آهي: معرفت جي منزل ماٽيندڙ:

چاچر ڇڇيرن، گهور نہ اچي گهاتوئين،

اکيون انين سنديون، ڪڏا ڪرون پڇن.

ساڳي نموني هيٺين بيت ۾ "هنج" مان سندس مطلب آهي: حق جو طالب، ۽ ڪانيرو مان سندس مراد آهي: دنيا جو طالب:

هنج تتهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاه جو،

اي ڪانيرو ڪوءِ، جو چاچر ۾ چيرون ڪري.

اهڙيءَ طرح ملڪ جي نظارن جي ترجماني ذريعي زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سڦلو بنائڻ جا اعليٰ اصول نهايت سولي ۽ اثرائتي نموني بيان ڪيا اٿس. يعني سندس شعر زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن ۽ سچ جي ساڄاھ جو آئينہ دار آهي.

علم بديع جي لحاظ کان سندس بيت "پاٽيهاري سر...." تشبيہ جو سهڻو مثال پيش ڪري ٿو. ان کان پوءِ آيل ٻن بيتن ۾ استعاره باالڪنايہ استعمال ٿيل آهي، جنهن موجب "مشبہ بہ" مخفي رکيو ويندو آهي. هيٺين بيت ۾ بہ استعاره استعمال ٿيل آهي:

"ٺلها ڏانديا سڪٽا، هنئين جاڙ جين."

هيٺين مصرع ۾ مجاز مرسل ڪم آيل آهي:

"هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ."

هتي "هنئين" مان مراد "محبت" ورتل آهي. يعني مڪان مان مڪين مراد ورتل آهي، ڇاڪاڻ تہ محبت هنئين (دل) ۾ رهي ٿي. هن مصرع جي ٻي لفظ "لڳ" مان "ڪم ڪاريون" معنيٰ ورتل آهي. هن حالت ۾ "لڳ" آهن سبب، ۽ ڪم ڪاريون آهي، ان جو نتيجو.

هيٺين بيت ۾ صنعت جمع بالتفريق ڪم آندل آهي، جنهن موجب: ٻهريائين ٻن يا وڌيڪ جنسن کي هڪ معنيٰ ۾ شريڪ ڪري، پوءِ انهن جو فرق يا تفاوت ڏيکاريو ويندو آهي. هن بيت ۾ ٻهريائين سيني

پاڻيءَ وارين کي هڪ ڏيکاري، پوءِ ٻي مصرع ۾ انهن جو فرق ڏيکاريو ويو آهي، ته ڪا سڄڻن لاءِ ٿي پري، ته ڪا پورهئي ڪاڻ ٿي پري:

پاڻيهاري سڀ ڪا، جا سر گهڙو پري،

ڪا ليءِ سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري.

هيٺين بيت ۾ صنعت جمع بالتقسيم استعمال ٿيل آهي، جنهن موجب پهريائين ٻن يا وڌيڪ جنسن کي هڪ معنيٰ ۾ شريڪ ڪري، پوءِ اهي ڌار ڌار ڪري ڏيکاريون ويندیون آهن.

هن بيت ۾ پهريائين پنيور مان پاڻ سان ڪٺي وجهڻ ۾ ٻن شين کي شريڪ ڪيو ويو آهي. پوءِ ٻي مصرع ۾ اهي شيون "سڪڻ سپرين کي" ۽ "لاڳاپوسين لوڪ" جدا جدا ڪري ڏيکاريون ويون آهن:

پنيوران ٻہ ٿوڪ، ڪہ نہ نيا پاڻ سين،

سڪڻ سپرين کي، ۽ لاڳاپو سين لوڪ.

هيٺين بيت ۾ صنعت ارصاد ڪم آيل آهي. ارصاد جي لغوي معنيٰ آهي: "چوڪيدار ڪري بيهارڻ." هن صنعت موجب پهرين مصرع ۾ ڪوبہ قافيو آڻي، ٻيءَ مصرع ۾ اهڙا لفظ ڪتب آڻبا آهن، جو انهن جي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ بنااٽڪ چئي، تہ ٻيءَ مصرع جو فلاڻو قافيو ٿيندو. هن بيت ۾ ٻيءَ مصرع جي ٻڌڻ سان، ٻڌندڙ پاڻيهي چوندو: "پت".

پنندي پريءَ سان، ويلا ڪندي وت.

ڪا پائيندءِ مانيون، ڪا پائيندءِ....

رومانوي داستان

شاھ ڪريم جي شعر جي هڪ خوبي هيءَ بہ آهي، تہ هن پنهنجا افڪار ۽ الاهي اسرار روماني ڪهاڻين جهڙوڪ: سسئي پنهون، عمر مارئي وغيره ذريعي بيان ڪيا آهن. سندس تمثيلي انداز اشاراتي آهي. يعني هو ڪهاڻي بيان نہ ٿو ڪري، پر ان جي ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪري، پنهنجو مقصد نروار ڪري ٿو. شاھ ڪريم ڪان پوءِ انهيءَ انداز بيان کي شاھ عبداللطيف اختيار ڪيو، ۽ ان کي وڌيڪ موثر بنايو. ان ڪان پوءِ اها سنڌي شاعريءَ جي روايت بڻجي ويئي، جنهن جي پيروي سمورا شاعر ڪندا آيا آهن.

شاه ڪريم جا اهي بيت هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي سنڌ جي مشهور رومانوي داستانن موجب چيل آهن:

سسئي پنهون

وهاٽيءَ ئي وچ، تو نہ سرندي تن ري،
تان سا وجي پچ، پيئي جا ڪاڻ پرين سين.
جاڳي جاڳي سسئي، جان هيجان هٿ وڌاءِ،
تان سجي سيج پريءَ ري، پنهون پٽر ناهہ.
نڪرندي چئاءِ، گھوڙا گھر نہ سپرين.

عمر مارئي

ڪاٽياريون ڪيءَ ڪن، عمر اچا ڪپڙا،
جن جا ٽرن ۾، ور ٿا ويڻ سهن.

سهڻي ميهار

جيڪي گھران ۾ وچ، جيڪي موٽ ۾ سوهٽي،
هيڪڙيائي هٿ ڪر، ٻيون پاڇوءِ جنءَ پچ.

مومل راڻو

ڪاڪ وٽن ساڻ، اوتيين نہ او رڳي،
جي گڻ هون گھٽا، راڻا توءِ روئندا وئا.

ليلا چنيسر

جوري اتي جن، داغ تو جو داسڙا،
تن ڪِي مٿان تن، چنيسر چت ڪٽين.

پوين شاعرن تي اثر

اهو تہ اظهر من الشمس آهي، تہ مضمون توڙي هيئت جي لحاظ کان پوين شاعرن، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تتبع ڪئي آهي. اها ڳالھ بہ ڏينهن ڏٺي جيان چٽي آهي، تہ شاھ صاحب جي شعري روايتن جو سرچشمو ڪريم جو ڪلام آهي. انهيءَ ڪري ڀٽائيءَ ۾ صفائيءَ سان چئي سگهجي ٿو، تہ سنڌي شاعرن، شاھ ڪريم جي شعر کي بنيادي پٿر بنائي، سنڌي شعر جي عمارت اڏي آهي. جيتوڻيڪ هو جدت ۽ انفراديت پيدا ڪندا رهيا، پر ان هوندي بہ ڪريم جو ڪلام جي روايت سان پنهنجو سلسلو منسلڪ رکيائون.

شاھ ڪريم ۽ شاھ لطيف

شاھ لطيف کي ڪريم جي ڪلام سان دلي رغبت هئي. روايت آهي، تہ شاھ صاحب سان شاھ ڪريم جو رسالو (بيان العارفين) ساڻ هوندو هو.

اهوئي سبب آهي، جو شاھ جي رسالي جي قلمي نسخن ۽ ڪن ڇپيل رسالن ۾ ڪيترائي شاھ ڪريم جا بيت شاھ لطيف جي بيتن سان گڏيل آهن. مثلاً رواجي نسخن جي پهرين داستان ۾، شاھ ڪريم جا چار بيت آيل آهن.[1] انهن مان هڪ بيت نموني طور هيٺ ڏجي ٿو[2]:

سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي من وسي،
تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

اهڙي طرح رواجي نسخن جي سريمن ڪلياڻ جي داستان 3 ۾ هڪ بيت، داستان 5 ۾ ٻہ بيت، داستان 7 ۾ هڪ بيت ۽ داستان 8 ۾ ٻہ بيت آيل آهن.[3]سريراڳ جي داستان چوٿين ۾ ٻہ بيت آيل آهن.[4] سر سهڻي جي داستان 3 ۾ هڪ بيت، ۽ داستان 9 ۾ هڪ بيت آيل آهي.[5] سرديسي جي داستان 6 ۾ هڪ بيت آيل آهي[6].

ان کان سواءِ شاھ لطيف جي ڪن بيتن ۽ واين ۾ شاھ ڪريم جي بيتن جون مصرعون ملايل ملن ٿيون. يعني شاھ لطيف، شاھ ڪريم جون مصرعون تضمين طور آنديون آهن. مثلاً سر ڪنيات جي هيٺينءَ وائي جي ٿل جون ٻئي مصرعون شاھ ڪريم جي بيت جون آهن:

سڏين سيڻ نہ هون، نيہ نياپي نہ ٿئي.
ڪاري رات، رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون،

نيءَ نياپي نہ ٿئي.
سر ڪنيات جي هڪ وائيءَ جي هيٺين بند ۾ هي فقرو ”مون ٻيا در گهڻا نهاريا“. شاهہ ڪريم جي هڪ بيت تان ڪنيل آهي.

”مون ٻئا در گهڻا نهاريا، آهين تونهين تون،
يا الا! تو درئوءِ نہ ڇڏيان“

مضمون جي لحاظ کان شاهہ لطيف جي شعر تي ڪريم جي ڪلام جو اثر ٻن نمونن جو نظر اچي ٿو. هڪ اهو، تہ شاهہ صاحب ڪيترا بيت، شاهہ ڪريم جي بيتن جي پيران ڇپيا آهن، جنهن ڪري شاهہ ڪريم جي بيت واري مضمون جي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي. ٻيو هي تہ شاهہ صاحب شاهہ ڪريم جي بيت وارو مضمون پنهنجي بيت ۾ پيش ڪندي، پنهنجي بيت ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي آهي. هيٺ ٻنهي قسمن جا ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

اي درسندي مڱٽين، اڳي اِيءَ نہ هير،
جنءَ ڏگها ڪري پير، سجيون راتيون سمهين.

(شاهہ ڪريم)

شاهہ لطيف انهيءَ خيال کي ڏاڍو تفصيل سان بيان ڪيو آهي. سر پرڀاتي سجو ۽ سر ڪوهياريءَ جو پهريون فصل انهيءَ سمجهاڻيءَ تي مشتمل آهي. سر پرڀاتيءَ جو هڪ بيت نموني طور ڏجي ٿو:

سيرانديءَ ساز ڪئو، سمهين ساري رات،
جاجڪاڻي ذات، اِيَ نہ هوِ اڳهنن؟

(شاهہ ڪريم)

تون چو الله هيڪڙو، وائي ٻي م سک،
سچو اکر من ۾، سوئي لکيو لک.

(شاهہ ڪريم)

انهيءَ نوعيت جا بيت بہ شاهہ لطيف جي رسالي ۾ ڪيترائي ملن ٿا، مثلاً:

وحدهٗ لاشريڪ لهٗ، ايُ هيڪڙائي حق،
ٻيائي کي ٻک، جن وڌو سي ورسئا.

(شاھ ڪريم)

سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي من وسي،
تنهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

(شاھ ڪريم)

هن ۾ وحدت الوجود جو فڪر بيان ڪيل آهي. شاھ لطيف انهيءَ فڪر جي ڪيترن ئي بيتن ۾ وضاحت ڪئي آهي. هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

سو هي، سوهو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.

(شاھ ڪريم)

وائي ٻي م ڀل، مران موران پڪٽا،
بلا سندو سڄڻي، هو هلاچو هل.

(شاھ ڪريم)

اهو خيال بہ وحدت الوجود جي فڪر مطابق آهي. شاھ لطيف اهو خيال هن طرح بيان ڪيو آهي، ۽ شاھ ڪريم جي بيت جي پوئين مصرع تضمين طور آندي اٿس، صرف مصرع جا بہ پاڳا ابتا سبتا ڪيا اٿس:

وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀل،
هو هلاچو هل، با الله سندو سڄڻين.

(شاھ ڪريم)

5- جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ سيئي،
من پريان نيئي، پڇهيو پاڻ ڳري.

(شاھ ڪريم)

شاھ لطيف اهو خيال هن طرح بيان ڪيو آهي:

تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن،

تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
وحده لاشريڪ لہ، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت ان جي.

(شاهہ لطيف)

خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو فرمائي ٿو:

ستي ان شراب، جن سري سي سون ٿيا،
سمهڻ تن ثواب، ڪتڻ تن کي ڪيميا.

(خواجہ محمد زمان)

چرئن جنءَ چت ڪري، سگ سيئي چن،
جي پائين پري مڙان، تہ مت موجي ڳن.

(شاهہ ڪريم)

شاهہ لطيف اهو خيال ڪيترن ئي بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو هن بيت جي پران معلوم ٿئي ٿو:

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سگ سيئي چن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ڪيم نن،
پٽ تنين جي پن، جن پڇهي نہ پڇهڻو.

هي مثال نموني طور ڏنا ويا آهن، ورنہ ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا مثال ملندا. هي مثال ائين سمجهڻ گهرجن، جيئن ٻار مان ٿوبو. فني سٽا جي لحاظ کان شاهہ لطيف جي بيتن جو بنياد بہ شاهہ ڪريم جا بيت آهن. شاهہ لطيف بہ ٻن مصرعن وارا بيت چيا آهن، پر گهڻي قدر ٻن کان مٿي مصرعن وارا بيت چيا اٿس. شاهہ ڪريم جا فقط ٻہ بيت ٽن مصرعن وارا ملن ٿا. انهن بيتن جي خاص خوبي هيءَ آهي، تہ انهن جي پوئين مصرع ۾ وچ تي قافيو اچي ٿو. شاهہ لطيف جي سيني اهڙن بيتن ۾، جن ۾ ٻن کان مٿي مصرعون آهن، قافيو پوئين مصرع جي وچ تي اچي ٿو يعني بيت جي پوئين مصرع جي وچ تي قافيو جو اچڻ سنڌي بيت جي عام روايت ٿي ويئي، جنهن جي سڀيئي بيت جا شاعر پابندي ڪندا اچن.

اهوئي سبب آهي، جو شاھ ڪريم کي ”شاھ لطيف جو مبشر“، ”سنڌي ادب جو وهائو تارو“ ۽ ”سنڌي شعر جو چاسر“ چيو ويو آهي.

فصل ستون

بيان العارفين

ترتيب

شاھ ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين سندس مريد محمد رضا سندس وفات کان 6 سال پوءِ سنہ 1038ھ (1628) ۾ مڪمل ڪئي. ھن مختلف ھنڌن تي وجي، شاھ ڪريم جي حياتيءَ جو احوال، سندس ھدايتون، علم ۽ حڪمت جا قول ۽ بيت سندس مريدن کان معلوم ڪري قلمبند ڪيا. اھو احوال ۽ قول فارسي نثر ۾ لکيائين. انھيءَ احوال جي وچ وچ تي سنڌي بيت بہ آھن، جيڪي شاھ ڪريم انھيءَ احوال ھلندي پڙھيا. انھن بيتن مان گھڻا شاھ ڪريم جا آھن. انھن سان گڏ ڪجھ بيت قاضي قاضن ۽ ٻين سنڌي شاعرن جا بہ آيا آھن. ڪي ھندي ۽ فارسي شعر بہ آيا آھن. سنڌي بيت پھريائين قديم زماني ۾ ھلندڙ سنڌي رسم الخط ۾ لکيا اٿس، ۽ پوءِ انھن جي ھيٺان فارسي نثر ۾ انھن جو ترجمو لکيو اٿس.

ھيءَ ملفوظات مقدمہ، 7 بابن ۽ خاتمہ تي مشتمل آھي. ڪتاب جي منڍ ۾ حمد ۽ نعت کان پوءِ ڪتاب تاليف ڪرڻ جو سبب ڄاڻايو اٿس. ان ۾ ھن پنھنجو مختصر تعارف بہ ڏنو آھي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سندس نالو محمد رضا ھو، مير دريائي ولد داروغہ گھر جو پٽ ھو، ۽ ٺٽي جو ويٺل ھو. سندس وڌيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي.

منظوم سنڌي ترجمو

عبدالرحمان ولد محمد ملوڪ ڪاٺ ٻنيڻ، ويٺل ڪڇ ملڪ جو شھر پيچ، ان جو الف الشباع جي نظم ۾ سنڌي ترجمو ڪيو، ترجمي جو ڪم ربيع الاول سنہ 1213ھ (1798ع) ۾ شروع ڪيائين، ۽ يارھن باب ساڳي مھيني جي 20 تاريخ پورا ڪيائين. انھن يارھن بابن کي "جلد پھريون" نالو ڏنو اٿس، ۽ پوين پنجن بابن کي "جلد ٻيو" ٺھرايو اٿس. باقي پنج باب ڪڏھن ترجمو ڪيائين، ان جي تاريخ نہ ڏني اٿس. يعني ھن فارسي نسخي جي مقدمہ، ستن بابن ۽ خاتمہ کي 16 بابن ۾ ورھايو آھي.

فارسي نسخي ۽ سنڌي ترجمي جي ڀيٽا ڪان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، تہ ترجمو اصل مطابق آھي، ۽ ان ۾ ڪا بہ ڳالھ ڇڏي نہ وئي آھي، البتہ ڪٿي ڪٿي ٿورو مضمون وڌايل آھي، تہ جيئن ڳالھ جي وضاحت

ٿئي. ترجمو سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي لاڙي لهجي ۾ ڪيل آهي. ڪڇي لهجو بہ لاڙي لهجي جي لڳ ڀڳ آهي.

قلمي ۽ ڇاپي نسخا

بيان العارفين جا جيڪي فارسي قلمي نسخا، ۽ منظوم سنڌي ترجمي جا جيڪي قلمي ۽ ڇاپي نسخا ملي سگهيا آهن، انهن جو وچور هن هيٺ جا ٿو:

1. پير حسام الدين وارو فارسي نسخو

هي نسخو 17/8 22x سائيز ۾ آهي، ۽ 414 صفحن تي مشتمل آهي. هر هڪ صفحي ۾ 17 سٽون آهن. هي نسخو پير عبدالباقي ولد حافظ حبيب الله وينل هنگورجا تاريخ 17 صفر 1051هہ تي نقل ڪيو. محترم ڊاڪٽر دائود پوٽہ جي لکئي موجب هن پنهنجو سڄو ڪتاب فقير ڏٽي پرتي بلڙيءَ واري جي اتاريل نسخي تان جوڙيو، جيڪو 15 صفر سنہ 1196هہ جو نقل ڪيل آهي. هي نسخو ان کان قريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ جو آهي، ۽ معلوم ٿئي ٿو، تہ اصل نسخي تان نقل ڪيل آهي. هي نسخو صحيح صورت ۽ صاف اکرن ۾ لکيل آهي.

2. پير جهنڊي واري ڪتبخاني جو فارسي نسخو

هن جي سائيز ساڳي آهي. ڪتاب ۾ 448 صفحا آهن، ۽ هر صفحي ۾ 12 سٽون آهن. محمد سعيد عرف الهرڪئي سنہ 1183هہ ۾ نقل ڪيو. نقل ڪرڻ واري ڪٿي ڪٿي روايتون ڇڏيون آهن، ۽ ڪي سنڌي بيت بہ حذف ڪيا اٿس.

3. منصوره ڪاليج وارو فارسي نسخو (م)

هي نسخو 23/8 18x سائيز ۾ آهي. پويان بہ ورق ڦاٽل معلوم ٿين ٿا. ڦاٽل ورقن کانسواءِ ڪتاب 606 صفحن تي مشتمل آهي، ۽ هر صفحي ۾ 15 سٽون آهن. محمد صالح ڪاتب سنہ 1241هہ ۾ نقل ڪيو. ڪاتب اصل ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ ڪجهہ صفحا فارسي نثر ۽ نظم ۾ پنهنجي طرفان لکيا آهن. انهن ۾ شاهہ ڪريم جي زندگيءَ جو مختصر احوال بہ ڏنو اٿس، تہ شاهہ ڪريم جي توصيف بہ ڪئي اٿس. نہ فقط ايترو، پر شاهہ ڪريم ۽ شاهہ ڪريم جي توصيف بہ ڪئي اٿس. نہ فقط ايترو، پر شاهہ لطيف ۽ شاهہ لطيف جي وفات جون ڪيترن ئي تاريخون بہ ڏنيون اٿس.

هي نسخو جيتوڻيڪ گهڻو پوءِ جو لکيل آهي، پر گهڻي قدر صحيح نمونې اُتاريل آهي. عبارتون صحيح آهن، ۽ ڪٿي بہ ڪا ڳالهہ ڇڏيل نہ آهي.

4. سنڌي ادبي بورڊ وارو بيان العارفين سنڌي قلمي (س)

هن جي سائيز 20x 30/8 آهي، ۽ منجهس 277 صفحا آهن. هر صفحي ۾ 17 سٽون آهن. ڪاتب سيد غلام شاهہ قادري 4 ربيع الاول سنہ 1244 ھ تي لکي مڪمل ڪيو. هي فقط پهرين جلد جو نقل آهي. سنڌي تحرير جيتوڻيڪ قديم صورتخطي ۾ آهي. ان هوندي بہ صاف ۽ چٽي آهي. صحت جو پورو پورو خيال رکيو ويو آهي.

5. بمبئيءَ وارو سنڌي ڇاپو (بم)

هي ڪتاب ڏي سائيز جي 296 صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي ۾ بہ ڪالم آهن، ۽ هر ڪالم ۾ 21 سٽون آهن. هي ڪتاب مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم مخدوم نورنگ زاده، ڪتب فروش ميرپور بٺورو، مطبع مرغوب هرديار بمبئيءَ مان سنہ 1293ھ (1876ع) ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب لٿو ۾ آهي، ۽ خود ڇپائيندڙ جو ڪتابت ڪيل آهي.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ واري نوٽ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ڇپائيندڙ اصلوڪي نسخي ۾ ڦيرڦار ڪئي آهي. نتيجو هي نڪتو آهي، جو هن ڇاپي نسخي مان ڪيترا سنڌي بيت حذف ٿي ويا آهن، ڪجهہ قول بہ ڇڏجي ويا آهن، ڪيتريون عبارتون مختصر ٿي ويون آهن، ڪيترن هنڌن تي مضمون اڳي پوءِ ٿي ويو آهي، ۽ ڪن هنڌن تي مورڳو مضمون ئي غلط ٿي ويو آهي. نہ فقط ايترو پر قديم ٻولي بدلائي ان وقت جو مروج لاڙي لهجو رکيو ويو آهي، ۽ منظوم ترجمي کي آسان بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هريسنگ وارو ڇاپو

هي ڪتاب وچولي سائيز ۾ ڇپيل آهي، ۽ 246 صفحن تي مشتمل آهي. هر صفحي ۾ بہ ڪالم آهن، ۽ هر ڪالم ۾ 35 سٽون آهن. هي ڪتاب لٿو ۾ ماستر هريسنگ ڪتب فروش سکر سن 1909ع ۾ اسلامي پريس لاهور مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪاتب در محمد وينل لقمان (خيرپور ميرس) آهي. جنهن ڪتابت ۾ موجوده صورتخطي اختيار ڪئي آهي، البتہ ڪٿي ڪٿي اون اون جي بدران اءُ ۽ اين جي بدران ا=ا آندو اٿس.

هي ڇاپو بمبئيءَ واري ڇاپي تان نقل ڪري ڇاپيو ويو آهي. البته ڪاتب لاڙي لهجي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪري عبارت ۾ مونجهارو ٿيو آهي، ۽ صحت بگڙجي وئي آهي.

(7) بيان العارفين جي ڇاپن ڪانسواءِ بيان العارفين تان هيٺيان ڪتاب جوڙيا ويا آهن، جن ۾ شاهه ڪريم جا سمورا بيت، ۽ سندس ٿورا قول سنڌي نثر ۾ ڏنا ويا آهن. شروع ۾ شاهه ڪريم جي حياتيءَ جو احوال آهي، ۽ سندس بيتن تي تبصرو آهي.

(الف) رساله ڪريمي

مرتب: مرزا قليچ بيگ، صفحا 20، سال 1904، سائيز 30x20/16 ٽائيپ ۾ ۽ موجود رسم الخط ۾.

(ب) شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام

مرتب: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، صفحا 126، سال 1937، سائيز 8/23 18 ٽائيپ ۾ پيپلس پريس حيدرآباد ۾ ڇپيل.

(ج) ڪريم جو ڪلام

مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، صفحا 224، سال 1963ع سائيز 18x23/8، پريس: قادري پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻه. ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج سکر.

(8) بيان العارفين سنڌي (اڻ ڇپيل)

هي نسخو ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ لاءِ نئين طرح سنواري سڌاري سنه 1973ع ۾ سنڌي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيو. هن ۾ بيان العارفين سنڌي جي صحيح متن ڪانسواءِ مقدمه، بيتن جي شرح ۽ تاريخي ڳالهين جي اپٽار آهي.

موجوده ڇاپو

هن ڇاپي جي متن جون هي خصوصيتون آهن:

1. سنڌي بيت، مختلف قلمي نسخن ۽ ڇاپي ڪتابن ۾ آيل سنڌي بيتن سان ڀيٽي، ڪوشش ڪري صحيح صورت ۾ ڏنا ويا آهن. حاشيءَ ۾ مختلف پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن.

2. بيان العارفين مان فقط اهي قول سنڌي نثر ۾ ڏنا ويا آهن، جيڪي سنڌي بيتن سان لاڳاپيل آهن، ۽ بيتن جي مفهوم جي اپٽار ڪن ٿا.

صورتخطي

موجوده صورتخطي 1853ع ۾ تيار ٿي. ان کان اڳ ۾ سنڌي بيت ۽ الف اشباع ۾ لکيل ڪتاب پراڻي رسم الخط ۾ لکيا ويندا هئا. جنهن ۾ نيٺ سنڌي اکرن لاءِ ڪي صورتون مقرر ڪيون ويون هيون. اهي بہ جدا جدا نمونن جون هيون. بيان العارفين فارسي جي قلمي نسخن ۾ جيڪي سنڌي بيت ڏنا ويا آهن، انهن جي صورتخطي بہ قديم نوعيت جي آهي. هن هيٺ اهڙو پيٽا جو چارٽ ڏنو وڃي ٿو: بمبئي واري ڇاپي وقت موجوده رسم الخط مروج ٿي چڪي هئي. ان هوندي بہ مٿين چارٽ مان معلوم ٿيندو، تہ بمبئي ڇاپي ۾ ڪي اکر پراڻي رسم الخط ۾ آيل آهن. هن ڪتاب وانگر اهڙي نموني جا ٻيا الف اشباع وارا مذهبي ڪتاب بہ اهڙي ئي نموني جي صورتخطي ۾ ڇپيل آهن. هيٺ ڏنل پيٽا جي چارٽ مان اها ڳالهہ واضح ٿيندي.

هاٺوڪي	ح	جهہ	م	س	بم
ٻ	ب	ب	ب	ب	ٻ
ڀ	ڀ	بھ، ڀ	ب	ڀ	ڀ
ٿ	ٿ	ٿ	ت	ٿ	ٿ
ٽ	ٽ، ٿر	ٽ	ت	ٽ	ٽ
ٺ	ٽ	ت	ت	ٽ	ٺ
ڄ	ڄ	ڄ	ج	ڄ، ج	ڄ
ڃ	نج	نج	ج، نج	نج	نج
ڇ	ڇ	ڇ، چ	ڇ، ج	ڇ	ڇ
ڌ	ڌ، د	ڌ	د	ڌ، د	ڌ
ڏ	ڏ	ڏ	د، ڏ	ڏ	ڏ
ڍ	ڊ	ڊ	د	ڊ	ڍ

ڙ	ر، ڙ	ر	ر	ر	ر
ڦ	ق	ق	پ، ف	ق	ق
ڪ	ڪ	ڪ	ڪ، ک	ڪ	ڪ
ک	ڪ، ک	ک	ڪ	ک	ک
ڳ	گ	ک، گ	ک	گ	ڳ
ڱ	نگ	نگ	ک	نگ	نگ
ڻ	ن	ن	رُن	ن	ڻ
ئون	وَ	وَ	وَ	وَ	وَ
اين	=	=	=	=	=

هاڻوڪي	ت	ب	ن	ص	ي	ج
ڄ	نج	نج	ڄ	ڄ	نج	ڄ
ڃ	ڃ	ڃ	ڃ	ڇ	ڃ	چ
ڏ	ڏ	ڏ	ڊ	ڏ	ڏ	ڏ
ڌ	ڌ	ڌ	ڌ	ڌ	ڌ	ڌ
ڍ	ڍ	ڊ	ڊ	ڍ	ڍ	ڊ
ڙ	ر، ڙ	ڙ	ر	ڙ	ڙ	ڙ
ڱ	ڱ	ڱ	ڱ	ڱ	ڱ	ڱ
اون	وَ					
اين	=	=	=	=	=	=

ان ڪانسواءِ املا ۾ بہ اختلاف آھي. انھن ڪتابن ۾ م، نہ، تہ، لفظن سان اڳيان ملائڻ جا نمونا ملن ٿا، جھڙوڪ: تڪر= تہ ڪر، نلڪن= نہ لڪن، تجيڪو=تہ جڪر. "۾ " وري پويان ملايو ويندو ھو، جھڙوڪ: خلوت ۾= خلوت ۾، "سين" بہ ڪن ڪتابن ۾ لفظن سان پويان ملايل آھي، جھڙوڪ: اڪينسين= اڪين سين:

اهڃ

نمبر	نسخي جو نالو	اھڃاڻ
1	پير حسام الدين جي ڪتب خاني وارو فارسي قلمي	ح
2	پير جھنڊي واري ڪتبخاني وارو فارسي قلمي	جھ
3	منصوره ڪاليج وارو فارسي قلمي	م
4	سنڌي ادبي بورڊ وارو سنڌي قلمي	س، سنڌ
5	بمبئيءَ وارو ڇاپو	بم
6	ھريسنگ ڪتب فروش وارو ڇاپو	ھر
7	رسالہ ڪريمي: مرزا قليچ بيگ	ق
8	شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام: ڊاڪٽر دائود پوٽو	د
9	محمد رضا وارو اصلوڪو نسخو (ھن نسخي جون پڙھٽيون ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مرتب ڪيل ڪتاب تان ڪنيل آھن.)	ر

10	فقير ڏٽي پرتي وارو نسخو	د
11	تنبيہ الجاهلين، مطبع ڪريمي بمبئي، 1336ھ (1917ع)	ت
12	بدرالمنير: مخدوم عبدالله نرئي وارو، مطبع علوي بمبئي	ب
13	مصلح المفتاح: سيد علي محمد شاهه، مطبع فيض سبحاني ڪوٽڙي، 1322ھ (1904ع)	ص
14	معراج نامون، مطبع ڪريمي بمبئي، 1332ھ (1913ع)	ن
15	سير بستان (قصص الانبياء)، تصنيف 1070ھ، مصنف محمد حسين، مطبع ڪريمي بمبئي، 1331ھ (1912ع)	ي
16	مجموعہ مدحيات، مطبع ڪريمي بمبئي، 1334ھ (1915ع)	ج

باب پهريون

شاھ ڪريم جي ولادت ۽ پيري مريدي

شاھ ڪريم کي ننڍپڻ کان ئي سماع جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ننڍپڻ وارن ڏينهن ۾ هڪ پيري سماع جي محفل ۾ ويئو هو. ته ائين ڪندي سندس وڏو ڀاءُ اچي اتي نڪتو. هو ڪيس چمات هڻي اتاري گهر وٺي ويو، ۽ وڃي والده جي اڳيان حاضر ڪيائينس. والده کي چوڻ لڳو "منڍي امڙ. مون کي، هن کي هدايت ڪرڻ کان منع نه ڪجانءِ. مان ته علم نه پڙهيس، پر هينئر هي به ٿو پري رهي. نبي ڪرم ﷺ جن فرمايو آهي، ته علم کان خالي نه رهجي، ۽ ابوجهه نه ٿجي. ٻنهي جهانن ۾ علم افضل آهي. هي وري علم پرائڻ ڇڏي وڃي ٿو سماع ۾ مشغول ٿئي. پاڻ کي ائين ڪرڻ نه جڳائي." ان تي سيد صاحب پنهنجي ڀاءُ سيد جلال ڏانهن مخاطب ٿي هي بيت چيو:

ان در سنڌي مَڱڻي[7] اڳي اِيَ نه هير[8]،

جِنءَ[9] ڏِڳها) ڪري پير، سڄيون راتيون سمهي[10].

باب ٻيو

شاھ ڪريم جي بزرگيءَ جي تعريف ۾

• فقير حاجي سوري فرمايو، ته ان وقت جيڪي بزرگ مون ڏٺا، انهن بزرگن کي واحد سان وصال جو ڪو وقت مقرر هو، پر حضرت شاھ ڪريم پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ سدائين مستغرق رهندو هو.

• هڪڙي فقير ٻڌايو، ته حاجي سوري وٽ ويس، ۽ کيس چيم، ته "حضرت شاھ ڪريم جا مريد چون ٿا ته، حضرت سيد صاحب موليٰ جي مشاهدي ۾ سدائين مستغرق رهندو هو، اها ڳالهه ڪيتري قدر درست آهي." حاجي سوري فرمايو ته، اهي فقير پنهنجي قول ۾ سچا آهن. مون پنهنجي وقت جي ايڪويهن بزرگن، جهڙوڪ: مخدوم محمد اسماعيل جاڳو، سيد رڪن الدين جي خدمت ۾ رهيس، پر مون کي اهڙو مقصد حاصل نه ٿيو، جهڙو سيد صاحب جي صحبت مان حاصل ٿيو.

• حاجي صابو سومرو مخدوم نوح جي مريدن مان هو. انهي فرمايو ته حضرت شاھ ڪريم کي سدائين موليٰ جو مشاهدو حاصل هو. جاڳڻ وقت توڙي سمهڻ وقت هو اهو مشاهدو ماڻيندو رهندو هو.

• مخدوم نوح جي مريد بهاءالدين گودڙي فرمايو، تہ هڪ ڏينهن حضرت شاھ ڪريم وٽ ويس ۽ ڪيس عرض ڪيم، تہ مون تي بہ اهڙي نوازش جي نظر ڪيو، جو مون کي بہ اهين موليٰ جو مشاهدو نصيب ٿئي، جيئن اوهان کي حاصل آهي.

• حضرت بهاءالدين گودڙي فرمايو، تہ حضرت شاھ ڪريم جيڪڏهن سمهي پوي، تہ هن جي اها ننڊ بہ اسان جي عبادتن کان بهتر آهي.

---

[1]. هوتچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر: شاھ جو رسالو جلد 1. سال 1923 ص 15 مقدمہ

[2]. لنڊن ص 323.

[3]. گربخشاڻي: شاھ جو رسالو، جلد 1، ص- 66- 365

[4]. ايضا، ص- 447

[5]. ايضاً، ج 3، ص- 31

[6]. ايضاً ص- 447.

[7] مگٽين (ق)

[8]. اڳيئي تہ هير (س)

[9]. جي (س)

[10]. هي لفظ (ق) ۾ ڪونهن.

نوٽ: شاھ ڪريم جي بيتن جي اڳيان (1) (2) وغيره نمبر ڏنل آهي.

قاضي قاضن جي بيتن جي اڳيان ❊ نشاني ڏنل آهي.

ٻين شاعرن جي بيتن جي اڳيان • نشاني ڏنل آهي.

باب پيون

حق جي واٽ جي طلب

• هڪ مخلص جو بيان آهي، تہ: هڪڙي ڏينهن ميان عبدالله سان گڏجي حضرت سيد صاحب جي خدمت ۾ ويس. گهڻا ڏينهن سندس خدمت ۾ گذارڻ کان پوءِ، جڏهن هڪ ڏينهن صبح جو موڪل گهريسون، تڏهن نصيحت ڪيائون، تہ ظاهر توڙي باطن ۾ هر وقت خدا کي ياد ڪندا رهجو، ۽ سندس محبت ۽ خوف دل ۾ ڌرجو. جيڪڏهن ياد نہ ڪندا، تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ شرمسار ٿيندا. خدا کي جيڪڏهن سندس قرب ۽ محبت جي ڪري ياد نہ ڪريو، تہ پوءِ اهو شرم ڪجو، تہ ڪهڙيءَ ڪچهريءَ مان ٿي آيا آهيون، ۽ ڪهڙي شخص سان ملي آيا آهيون. ائين چئي هي بيت فرمايائون:

(1) تُن چوءِ[1] الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سِکُ،

سچو[2] اکر من ۾، سوئي لکئو لکُ.

• فرمايائون تہ: فوت الانفاس قتل الانبياء (هڪ دم خدا جي ياد کان غافل رهڻ ائين آهي، جيئن هڪ نبي قتل ڪرڻ) ان مقولي جي سمجهاڻي ڏيندي فرمايائون، تہ جيڪو دم خدا جي ياد ۾ ڪٽجي ٿو، اهو رسول يعني ”پيغام پهچائيندڙ“ آهي، جيڪو ٻانهي جو پيغام ڌڻي جي دربار ۾ پهچائي ٿو. جيڪو دم الله تعاليٰ جي يادگيريءَ کانسواءِ ڪٽجي ٿو، اهو رب جي بارگاهہ ۾ نہ ٿو وڃي. يعني هڪ رسول يا پيغام پهچائيندڙ ختم ٿي ويو. انهيءَ ڪري پنهنجي دم جو خيال رکو، ۽ هرهڪ دم سان الله جو نالو وٺو. دم چڻ تہ اوهان وٽ الله جي امانت آهي. جنهن هر دم سان الله جو نالو ورتو، تنهن چڻ تہ امانت سلامت رکي. پر جيڪڏهن ڪنهن ان ۾ غفلت ڪئي، تہ ان امانت ۾ خيانت ڪئي.

• فرمايائون، تہ: جيڪو چوي ٿو، تہ هي ڪم ڪري، پوءِ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندس، تہ ان خطا ڪئي ۽ گمراهہ ٿيو. چاڪاڻ جو دنيا جا ڪم ڪٽڻ جا ئي نہ آهن. هڪڙي ڪم کان پوءِ ٻيو نڪرندو. دنيا جي ڪمن جو مثال ائين آهي، جيئن واري جو پرڻ (گيچڻ) پري مٽي تي رکي ڌوڙڻ. جيئن پيو ماڻهو ڌڪندو، تيئن واري پئي منهن ۾ پوندس.

• فرمايائون، تہ: طالب کي ائين نہ جڳائي، تہ جڏهن دنيا جو ڪاروبار هٿ ۾ هجيس، تہ ان وقت الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل رهي. طالب لاءِ ان ۾ وڏو نقصان آهي، تہ دنيا جي ڳالهين مان واندو ٿي، پوءِ خدا کي ياد ڪري. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(3) ذَڪين[3] ذاتِ[4] پئو،[5] هِينُڙو لَہَ سنداڻ[6] جِنءِ،
سنياري کي سَجٽِين،[7] وِرڇِي[8] تان نہ وٺو.

• فرمايائون تہ: انسان لاءِ ٻيو ڪو اهڙو شرف ڪونهي. جهڙو الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي: فَاذكُرُونِي اَذكُرُكُم. (مون کي ياد ڪر، تہ مان توکي ياد ڪريان.)

• فرمايائون تہ: فوت کان موت ڀلو آهي، ڇاڪاڻ جو فوت معنيٰ خدا کان غافل رهڻ، ۽ موت معنيٰ انسان کان غائب ٿيڻ.

• فرمايائون تہ: ڪير ۾ سنياڻ وجهي ٿانءُ ڪٽي هلبو، تہ ڏونرو نہ ڄمندو. پر جيڪڏهن ٿانءَ کي ٿورو وقت هڪ هنڌ رکي ڇڏبو، تہ ڏونرو ڄمندو، ۽ ولوڙڻ کان پوءِ ان مان مکڻ نڪرندو. فڪر کان پوءِ ذڪر بہ انهيءَ مثال وانگر آهي. ”اَلذِكرُ بِلا فِكرِ كَالّشجَرِّ بِلا ثمر“ (فڪر کانسواءِ ذڪر ائين آهي، جيئن ميوي کانسواءِ وڻ.)

• هڪ ٻيري فرمايائون تہ: ٻيا فڪر ڇڏي الله چئو. دنيا جون ڳالهيون، ۽ فلاڻو فلاڻو چوڻ ڇڏي ڏيو. پوءِ هي بيت فرمايائون:

(4) چَرئَنِ[9] جنءَ چِتُ ڪري، سگ سيپئي[10] چِنُ،
جي پائيين پريءَ مِڙان،[11] تہ مَتِ موجِي ڳِنُ.

• ٻي موقعي تي ساڳيو بيت ٿوري ڦيرقار سان هن طرح چيائون:
اتي جُلُ چرئن جِنءَ، سگ سيئي چِنُ،
جي پائين پريءَ مڙان، تہ مت موجي ڳِنُ.

• فرمايائون تہ: جيڪڏهن ڪنهن طالب کان ڪو گناهہ ٿي پوي، تہ ڪيس افسوس ڪرڻ نہ گهرجي. پر انهيءَ وقت يا غفار، يا غافر، يا غفور چئي. گهڻو افسوس ڪرڻ نہ لڳي، پر الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول ٿي وڃي. پوءِ هي بيت فرمايائون:

(5) پريان سَندي ڳالڙي،[12] جيڪو ٻئي ڪري،

مَتِ موجِي ڪَنِ ڪري، تي ڪي[13] جَابُ[14] مَر ڏي.

فرمايائون تہ: اجوري يا ثواب جو خيال رکي عبادت نہ ڪريو. ڏٺي تعاليٰ فرمايو آهي، تہ مون کي ڪشف ۽ ڪرامت لاءِ ياد نہ ڪجو پر شوق، محبت ۽ لقا پسڻ لاءِ ياد ڪجو. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(6) وائي ہي مَر پُلَ، مروئان[15] موران[16] پڪٽان.

بلا سندو سَڄڻين،[17] هُو[18] هُلاچو هُلُ.

• فرمايائون تہ: ذڪر جلي (ظاهري ۽ بلند آواز سان) تمام گهڻو ڪريو. اهڙي زور سان ضرب هڻو جو پهرينءَ ئي ضرب سان دل پڄي پورا پورا ٿي پوي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(7) متيون ميڙي ڪانءِ، واچا[19] ڪجي[20] وچ پَوءُ.

جو تو سائِرِ پائيو، سو هُر ہوئِي ناهِ.

• فرمايائون تہ: دل جي گهراين سان ماٺهن سان ملي جلي نہ رهو. حرص و هوا ختم ڪري، پنهنجي مالڪ سان لَنو لڳايو. پوءِ هي بيت فرمايائون:

(8) هنيو ڏجي حبيب کي، لڳ گڏجن[21] لوڪَ.

ڪُڏيون[22] ۽ ڪَروتون،[23] اي پڻ سگِر[24] توڪَ.

• روايت آهي، تہ هڪڙو پير مرد حضرت سيد صاحب جي خدمت ۾ آيو ۽ چيائينس: "ڪراڙو ۽ ڪمزور ٿي ويو آهيان، ۽ هينئر عبادت نہ ٿو ڪري سگهان. اهڙي ڪا عبادت ڏسيوم جنهن ۾ تڪليف گهٽ ۽ اجر گهڻو هجي." تنهن تي حضرت سيد صاحب چيس، تہ "وڃي الله ڪر ۽ ٻيون ڳالهيون ڇڏي ڏي. هن کان وڌيڪ سٺي شيءِ نہ ملندءِ." پوءِ هي بيت فرمايائون:

(9) وهاڻيءَ ئِي وَڃُ، تو نہ سَرَندِي[25] تَن رِي،

تان[26] سا وَڃِي پَڄُ[27]، پيئي جا ڪاڻِ[28] پرين سين.

• فرمايائون تہ: نبي ڪريم ﷺ وسلم فرمايو آهي، تہ مَنْ اَحَبّ شَيئاً فَاڪثَرَ ذِڪرَہٗ" (جنهن ماڻهو جي جنهن شيءِ سان محبت هوندي آهي، اهو اڪثر ان جوئي ذڪر ڪندو رهندو آهي.) پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(10) جي جاڳندي مَنَ ۾، سُتي پڻ سيئي،

مَنُ[29] پريان نيئي،[30] پڳهِيو پاڻ ڳري.[31]

• حضرت سيد صاحب جي هڪ مريد ٻڌايو، تہ هڪ ڀيري آءٌ سيد صاحب سان گڏ ڪنهن طرف تي ويس. ٻيا مريد بہ اسان سان گڏ هئا. هلندي مون ”هو“ جي ضرب هنئين. اهو آواز ٻڌي ڏاڍي ٻجان لڳس، ۽ مون کي مخاطب ٿي چيائون: ”ان جي معنيٰ تہ ٻيا ذڪر نہ ٿا ڪن، جو انهن کي تو ٻڌائين.“ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(11) مُٿِ ڀيڙِيائي ڀَلي، جُہ[32] اَپني[33] تہ واءُ.
جُہ[34] پَدَرِ وِڌِي[35] ڳالڙِي، تہ چڏي وڃي[36] ساءُ.

• فرمايائون تہ: پنهنجي خالق کان اها اميد رکڻ نہ گهرجي، تہ آءٌ سندس عبادت ڪريان، تہ ڪشف ۽ ڪرامت حاصل ٿئي. نہ فقط ايترو، پر خدا جو ذڪر، مشاهدي ۽ معرفت ماڻڻ يا غوث ۽ قطب ٿيڻ لاءِ بہ نہ ڪجي. پر محض خدا ڪارڻ (لوجہ الله) ذڪر ڪجي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(12) پاٽيهاري[37] سپ ڪا، جا سِرِ گهڙو ڌَري،[38]
ڪا ليءِ سَندي[39] سَڄِڻي، ڪا پورهئي ڪاڻ ڀري.

• هڪ ڀيري مريدن کي نصيحت ڪندي فرمايائون، تہ اوهان مان جيڪڏهن ڪو گهڻو ڀري مشرق ۾ رهندڙ هجي، پر خدا جو ذڪر ڪندڙ هجي، تہ اهو جڻ منهنجي ويجهو آهي. پر جيڪو ماڻهو اوڏو هجي، پر هڪ گهڙي بہ خدا جي ياد کان غافل ٿئي، تہ اهو مون کان ڏور آهي. پوءِ هي سنڌي بيت پڙهيائون:

(13) وَرَ[40] وِسَرِي تہ ڪوهُ، پرورُ نہ وِسَرِئوس،[41]
ڪو نہ چُونڊو ڪَڍِهين،[42] تہ اَگُڻُ اُونداهوسِ،[43]

• احمد فقير رونجهي ٻڌايو، تہ هڪ ڏينهن مون حضرت سيد صاحب کان پڇيو، تہ ”قوت گذران لاءِ اوهان ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟“ جواب ۾ فرمايائون، تہ: ”ڪوڙر هٽندو آهيان ۽ هر ڏيندو آهيان.“ ان تي وري عرض ڪيم، تہ: ”اهي ڪم ڪندي اوهان خدا کي ڪيئن ياد ڪندا هوندا؟“ تڏهن مرڪي جواب ڏنائون، ”الله تعاليٰ اسان کان ڪڏهن بہ وسرڻ جو نہ آهي. ان لاءِ هي مثال خيال ۾ رکڻ گهرجي: جڏهن ڪا عورت دلا ڀري مٿي تي رکي هلندي ويندي آهي، ان وقت اهي گهڙا ڪيس هلڻ ۽ ڪچڻ کان روڪيندا آهن ڇا؟“ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(14) پاٽيهارِي[44]سِرِ ٻهڙو، جَرَ[45] تي پَکِي جِنءَ،[46]
اسان سَجَڻُ[47] تِنءَ، رهيو آهي روح ۾.[48]

فقير جو ڪاڏو

• هڪ ڏينهن هڪ مريد سيد صاحب وٽ آيو. ڪيس ڪاٺ لاءِ چانور آٽي ڏنائون. جي ڪائي سيد صاحب کي چيائين: ”سائين، مون اهڙو ڪاڏو اڳي تہ ڪڏهن نہ ڪاڌو آهي.“ پڇيائونس: ”تڏهن واٽ تي ڇا ٿي کاڌءِ؟“ وراڻيائين: ڇَون جو اٽو ساڻ ڪنيو هوم، ان مان ماني پچائي ٿي ڪاڌم.“ اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هي بيت پڙهيائين:

(15) اِسين تِئان آئِيون،[49] جتِ ڪُونبو ناهِ،
وَجَهُون جي وِياهِ،[50] تہ پُڻُ مَتَهُون[51] لوئِيون.

• جيڪڏهن ڪو فقير ڪنهن وٽ اچي مهمان ٿئي، تہ ان کي جڳائي تہ ان کي قرض ڪڍي بہ ڪارائي، توڙي جو ڪيس هڪ درم جي بدران لک درم ڏيڻا پون. ان هوندي بہ سندس فائدو آهي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(16) پَنجين دَرمين[52] دَرَمُ، ڪَڍِ جي ڪي[53] سَجڻَين،
تہ پُڻُ توهِين[54] ڪَتِئُو جي سو سَرَءِ[55] ڪَمُ.

فقير جي رهڻي ڪهڻي

• فرمايائون تہ: طالب کي گهرجي، تہ هو نڪر جي ڪُني جهڙو ٿئي، جنهن ۾ پاڻي وجهي باهہ تي رکبو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڏاڍي تَوَ تي هڪ دم پچي پيو، تہ باهہ جي عذاب کان ڇٽي پوندو، پر جيڪڏهن سچو نہ پڪو ۽ تنگ ٿيس، تہ پوءِ گهڻا ڏينهن پيو عذاب سهندو. پوءِ هي بيت فرمايائون:

(17) جي مُنّ سَڌَ ڪِئا، پنيوران ٻَهار[56] تي،
جي سي[57] پِريَ سُئا، تہ هُونَدَ نہ ويا نِڪَري.

• فرمايائون تہ: طالب کي گهرجي، تہ جتي رات پويس اتي رهي پوي، پر سفر ۾ ڪنهن جو مهمان نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ وٽ رات پويس، تہ ايستائين شهر کان ٻاهر ترسي پوي، جيستائين ماڻهو سمهي پون. جڏهن سمجهي تہ ماڻهو سمهي چڪا هوندا، تڏهن شهر ۾ وڃي. وڌيڪ فرمايائون، تہ فقير کي گهرجي، تہ اڪيلو رهي ۽ ماڻهن سان ميل جول نہ رکي. ڪنهن اهڙي هنڌ سج ۾ وڃي رهي، جي ٻيو ڪوبہ نہ ڏسيس. هميشہ اڪيلو رهڻ سنو آهي، جيئن ماڻهو پنهنجو خزانو جهنگ ۾ وڃي رکندا آهن. محبوب بہ اڪيلائيءَ ۾ ئي ملندو. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(18) وَرُسا سُجِيِ[58] ويڙ[59] جتي سَجَڻُ هيڪَلو[60]

سو ماڳُوئي ڦيرِ[61] جتي ڪوڙ[62] ڪُماڙُوئين.[63]

• فرمايائون تہ: فقير کي گهرجي تہ خلق کان پري اڪيلو رهي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(19) جي تَجريدا نِڱِئا،[64] پينا ۾[65] تفريدَ.

ڪِنِين[66] ڪَڏهين،[67] تِئي،[68] هِنِين[69] ڏِياڙي[70] عِيدَ.

• فرمايائون، تہ فقير کي گهرجي، تہ پهريائين تجريد (ڇڙائي) جا حق پورا ڪري. ان کان پوءِ تفريد (خدا سان هڪ ٿيڻ) جي معنيٰ معلوم ڪري.

• فرمايائون، تہ: تجريد جي معنيٰ آهي: جهان کان جدا ٿي، جهان وارن کان لاڳاپا ڇنڻ، ۽ تفريد جي معنيٰ آهي: فاني في الله ٿيڻ، ۽ پنهنجو وجود وڃائڻ.

• فرمايائون، تہ جيڪو چوي ٿو، تہ مان فقير آهيان، ۽ ائين بہ چوي ٿو، تہ خلق سان ميل جول رکڻ ۾ فائدو آهي، ۽ نقصان ڪونهي، تہ اهو فقير نہ آهي، ڪوڙي دعويٰ ٿو ڪري. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(20) پَنيوران ہِ توڪَ، ڪِہ[71] نہ نِئا پاڻَ سين،

سِڪَڻُ[72] سُپيرين سين،[73] ٻِئو لاڳاپو سين لوڪَ.

• فرمايائون، اَلشّهرَہُ اَفَہ وَلا ڪِنّ النّاسَ يُحِبُو نَها وَالْخُمولُ راحة وَلا ڪِنّ النّاس لايَرضيٰ (شهرت هڪ آفت آهي، پر ماڻهوان کي پسند ڪن ٿا، گمنام رهڻ ۾ راحت آهي، پر ماڻهوان کي پسند نہ ٿا ڪن.)

• فرمايائون، تہ: مَنَ مَدُحَکَ فَقَدُ ذَبَحَکَ (جنهن تنهنجي تعريف ڪئي، تنهن جڻ تہ توکي ڪُٺو.)

• فرمايائون تہ: فقير کي ڪرامت ۽ مرتبي تي مرڪڻ نہ گهرجي، پر هو بلند همت هجڻ گهرجي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(21) وِنگا وَرَ پاڳِنِ،[74] گَهورو اُبَتي گهوٽيين،[75]

سنيگڙين پَرَڏِئو، وِئا[76] ڪَڄُ[77] چَرَنِ.

• فرمايائون تہ: روئڻ جا ويهہ قسم آهن، جن مان فقط هڪ الله واسطي آهي، ۽ باقي 19 غير جي لاءِ آهن. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(22) نيِہُ نياپي نہ ٿئي، سَڏين[78] سيڻَ نہ هُونِ،

ڪارِين راتِين،[79] رُتَ ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُونِ.

• فرمايائون تہ: طالب کي انھيءَ دل مان ڇا حاصل ٿيندو، جنھن ۾ حرص ۽ ھوا جا خطرا آھن. پوءِ قاضي قاضن جو ھي بيت پڙھيائون:

* سَجَڻ مَنجِ ھئامِ، [80] مَنّ اتي وِئا او نِئا [81]
ھيڏانہ ھوڏانہ [82] ھتڙا، [83] ھُنئِين جاڙ [84] وِڌامِ.

• فرمايائون تہ: عمل ڪانسواءِ علم اجايو آھي. انھيءَ ڪري علم سان عمل بہ ضروري آھي. طالب کي گھرجي، تہ پنھنجو وجود وڃائي. ائين ڪرڻ سان اھي الاھي راز ھٿ ايندس، جيڪي فصوص ۽ لمعات ۾ بہ نہ ملندس، جيڪي سلوڪ جا مشھور ڪتاب آھن:

بيت

اونفي وجود ڪن ڪہ دريابي
سر ڪہ نيابي نہ فصوص لمعات.

• فرمايائون تہ: جيستائين طالب پنھنجو پاڻ قربان نہ ڪندو، تيستائين خدا جي معرفت حاصل نہ ٿيندس. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(23) پيرين [85] پاڻ وڃاءِ، [86] پاڻ وڃائي ھوءُ لَہُ، [87]
ٿُھان [88] ڏارَ نہ سُپرين، مُرُ ھُ [89] مَنجھيين پاءِ.

• سندس ھڪ مريد مجازي عشق ۾ گرفتار ھو. ان ڏانھن ھي بيت چوائي موڪليائون:

(24) مجازي مَ مِٽَ ڪر، اَڪِيُون اِيَ مَ قير، [90]
ھارِيَ [91] حقيقتن [92] جي، پڇي ٿيين نہ پير، [93]
(25) اي مجازي ماءِ، [94] جي تو پائيا سُپرين، [95]
ھاري [96] حقيقي پَري، [97] ڪَچو [98] ڪوھُ [99] ٿِئاءِ.

• فرمايائون تہ: طالب کي گھرجي، تہ جڏھن بہ ڪنھن بزرگ کان ڪو خدائي سخن سٽي، تڏھن مٿ ڪري ويھي دل ۾ گھرائيءَ سان اھو گفتو ٻڌي. جيڪڏھن اھا ساڳي ڳالھہ اڳ ٻڌل ھجيس، تڏھن بہ ائين نہ چوي، تہ مون کي انھيءَ ڳالھہ جي خبر آھي. اھا دل جي ڏاڍائيءَ جي نشاني آھي. پوءِ ھي بہ بيت پڙھيائون:

(26) ھِي ڪَنَ [100] گاڏِھان [101] وڪٽي، ڪَنَ کي ٻيا ڳِنيج [102]

سَندي پريان ڳالڙي، تِنين سِين[103] سُٽيج[104]
(27) ڪَرِها ڪاميَا، جَرَالِئو چونَہ پيوءِ[105]
مُنّ[106] آن گھٽو سِڪارِئو، وَسا لَڌو[107] نہ ھوءِ.

• فرمايائون تہ: طالب ڪي گھرجي، تہ انھي ماڻھوءَ جيان ٿئي، جيڪو ماکڻ لاءِ ڦرندو وتندو آھي، ۽ وڻ وڻ ۾ نھاريندو وتندو آھي. ائين ڪرڻ سان اھڙي وڻ ۾ ماکي ملي ويندي اٿس، جنھن ۾ پھرائين گمان ئي نہ ھوندو اٿس. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(28) مُنڌَ مَ مَنَہِ وِيُہ، ايي اوسَرَڪُ[108] اس ۾،
تو سيئي سيڻَ ڪِئا، ڏور جَنين جو ڏيُہ.

• فرمايائون تہ: طالب ڪي گھرجي، تہ ھيڪلائيءَ ۾ رھي، جيئن جيڪي ڏسٽو اٿس، سو ڏسي وٺي. ان جو مثال ھن طرح آھي، تہ جڏھن درياھ زور سان پيو وھندو، ۽ ان ۾ نھاربو، تہ پنھنجي صورت پاڻيءَ ۾ ڪڏھن بہ نظر نہ ايندي. پر جڏھن پاڻيءَ جو ٿانءُ ڀري پاھر رکبو، تہ پاڻي آترڻ کان پوءِ ان ۾ پنھنجي صورت ڏسڻ ۾ ايندي. پوءِ فرمايائون:

(29) جي لياڪا لوڪَ ڏُون،[109] جان جان سي نہ لِتاءِ،[110]
تان تان ٿئي نہ ماءِ، پورو پسڻ[111] پِريَ سين.

• فرمايائون تہ: جيستائين طالب حرص ھوا ۾ گرفتار آھي، تيستائين ھو خدا کان پري آھي. اھا ڳالھ ھن مثال مان سمجھڻ گھرجي: ڪو ڏاند ھَر جو ھِريل آھي، پر مالڪ ڪيس ان ڪم مان ڪڍي ٻي ڪم ۾ لڳائڻ گھري ٿو. ان لاءِ جيستائين ھو ان کي ٻک اُڃ نہ ڏيندو، ۽ ھَر کان پري نہ رکندو، تيستائين ٻيو ڪم ڪڏھن بہ نہ ڪندو. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(30) اَمڙ[112] ڪوءِ گھروءِ، مُنھان[113] ساٽَڙو وِجي نِڳِئو،[114]
ھِنَيڙو[115] ڏيئي[116] وَتِ جَنءَ، مُنُ جِنءَ[117] تانہ ٻَروءِ.

• فرمايائون تہ: عام خلق جون ٻيڙيون ھڪ طرف تيون ھلن، ۽ حق جي طالبن جون ٻيڙيون ان جي ابتڙ ھلنديون آھن. عالمن جي ھڪڙي وات آھي، تہ طالبن جي ٻي. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(31) چوريءَ پاھَتَ[118] ڳجھ سين، پَڌَرِ ناھِ اَرَتَ،
پِيرين[119] پاڻُ لَڪائين، تِھان پوءِ وَتُ[120]

• نقل آهي تہ: هڪ پيري هڪ مريد سندس خدمت ۾ آيو. ان کي نصيحت ڪيائون. تہ جيڪو ماڻهو پاڻي نہ پئندو ۽ اڪيلو گذاريندو. اهو خدا کي جلد پهچندو. اهو ٻڌي اهو مريد وڃي اڪيلو رهڻ لڳو. ۽ پاڻي پيئڻ بہ ڇڏي ڏنائين. تان جو ڏاڍو ضعيف ٿي ويو. پوءِ هڪ ڏينهن ڏاند تي چڙهي سيد صاحب جي خدمت ۾ آيو. چاڪاڻ جو اڳي وانگر پنڌ هلي نہ ٿي سگهيو. خدمت ۾ اچي افسوس ظاهر ڪيائين. تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها. جيڪڏهن اڳي وانگر پيادل اچي سگهان ها. سيد صاحب فرمايو: جنهن پنهنجو نفس ماريو. ان کي سواريءَ تي چڙهڻ روا آهي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(32) سِڪان[121] جي نہ سُٽين، پاراپا[122] پريءَ[123] جا.

سي[124] ساتِي نہ پُجهَٽا،[125] جي تِنيين کي ڏين.[126]

• فرمايائون تہ: خلوت ۾ ويهڻ ان کي جڳائي. جنهن پاڻ کي پنهنجي پاڻ مان ڪڍي ٻاهر ڪيو هجي. ان کان پوءِ ئي ڪيس حجري ۾ وهڻ جڳائي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(33) ڳالِ اُو[127] هَيڪَڙي، جا مُنَ ڪالَ ڪِئي،[128]

پينَر ڪيمَ پَڪُتِئو[129] تيندي تان نہ ٿئي.

• جيڪڏهن ڪو اوهان کي نالي سان سڏي، تہ ان کي ٻيٽي مروت سان جواب ڏيو. پر جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي سڏ ڪيو. تہ پهريائين "ميان" چئي، پوءِ سندس نالو وٺو. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(34) تُندُ مَ تاءِ ڪُتاءِ،[130] ٻوڏُ چوني[131] جيُ چوءُ،

جي پائين پرِيَ مڙان، تہ ڏوهنُون[132] ڳن پاءِ.

فقير جو لباس

• فرمايائون تہ: هڪ پيري دل ۾ خيال آيو. تہ سٺي پوشاڪ پهريان. پر انهيءَ خيال کان نہ پاتم. تہ متان مريد حجت ڪن. تہ پير اوچو لباس پهريو هو.

• هڪڙي ڏينهن سيد صاحب سوار ٿي، مريدن سان گڏجي سير تي نڪتو. اوچتو هڪ شخص واٽ تي مليس. جيڪو درويشي، مجاهدي ۽ ترڪ لباس کان مشهور هو. ان وقت اچي چادر، اچي دستار. وڏا ۽ اڇا ڪپڙا پيل هيس. حضرت سيد صاحب سان اچي مليو. سيد صاحب ڏانهس نهاري فرمايو: "تون اهوئي آهين. جيڪو اڳي هوندو هئين." هو مطلب سمجهي ويو. ۽ هي بيت پڙهيائين:

• ڦِٽيون[133] ڪر ڦَڙَڪيون،[134] وَرَ وِنگائي پاءِ،[135]

جا ترَ[136] اندرِ ڪاءِ،[137] سا[138] معلوم محبوب کي.

اهو بيت سيد صاحب کي نہ وڻيو ۽ بجان لڳس. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(35) فڪر ڪر ڦَڙ ڪِيين،[139] وَرَ وِنگائِي[140] لاهہ،[141]

سائي ساري هٽ ڪر،(10) سيٽَنِ جا سُهاءِ.

اهو ٻڌي ان شخص کي مات وٺي وئي، ۽ ڪن ٻوساٽيون هليو ويو.

• جيڪو گودڙي پائيندو، ۽ جلال ڪائيندو، اهو جيڪا دعا گھرندو، اها مستجاب ٿيندي.

• پرهيزگاريءَ جو لباس اهڙو آهي، جهڙو قرآن شريف جو حرف.

• هڪڙي ڏينهن سيد صاحب جي گودڙي فقير تڙ تي ڌوئڻ لاءِ کڻي ويا، ۽ پاڻ تيستائين لڱين اگھاڙو ويٺو رهيو. ائين ڪندي سندس فرزند ميان حسين اچي اتي نڪتو، ۽ پنهنجي والد صاحب کي لڱين اگھاڙو ڏسي پنهنجي چادر لاهي ڪڍي، سندس ڪلهن تي وڌائين. سيد صاحب کي اها ڳالهہ نہ وڻي، ۽ چادر لاهي زمين تي رکي فرمائڻ لڳو: "سفيد چادر انهن کي ڏيکڻ گھرجي، جن جي دل بہ اڇي هجي. اسان کي اها اوڍڻ واجب نہ آهي." ان وقت هي بيت پڙهيائون:

(36) ڪاٽياريون ڪِيَ[142] ڪَنِ، عمر اڇا ڪَپڙا؟[143]

جني جا ترن ۾، وَرَ تا وِيڻ سَهَنِ.

• فقير جو قوت اهو آهي، جيڪو وقت تي موجود ٿيو. لباس اهو آهي، جيڪو فرض وارا انگ ڍڪي، ۽ سندس اوتارو اهو آهي، جتي رات پويس: "قوت الفقير ما وجد و مالباسہ ماستر، وسڪنہ حيث در لہ"

• گودڙي پهرڻ سندس عادت هوندي هئي. هڪ ڏينهن اها گودڙي اوڍي سيد جلال شيرازي وٽ ويو، جنهن اها گودڙي ڏسي کيس چيو، "اها گودڙي لاهي نہ تا ڇڏيو، ان مان ڪهڙو مرتبو ۽ ڪرامت حاصل ٿئي ٿي؟" سيد صاحب کيس جواب ۾ چيو: ان جو "جُبو" نالو مشهور آهي. قرآن شريف ۾ آيت آهي: "يا بَنِي آدَمَ قَدۡ اَنۡزَلۡنا عَلَيۡڪُمۡ لَباسَا يُوارِي سَوّاَتِڪُمۡ وَرِيشاً (الاعراف-26)"

(اي آدم جا اولاد. اسان اوهان تي پوشاڪ لاٿي آهي، جيڪا اوهان جي اوگھڙ ڍڪي ۽ زينت ٿئي ٿي.)

---

[1]. تنهنجو (س)

[2]. سچو (بم. هر)

* د ۽ غ ۾ پهريون نمبر بيت ڪري ڏنو ويو آهي. ق ۾ ٻيو نمبر آهي.

[3]. ڏڪيو (بمر، هر)

[4]. دات (س)

[5]. پيٽو (بمر، هر)

[6]. سانڍاڻ (بمر)، ساران (س)

[7]. سڄو (س)، سڄري (م)

[8]. وڍجي (س) وائو (م)

[9]. چرئو (م)

[10]. مڙيئي (بمر، هر)

[11]. ملان (بمر، هر، ق)

[12]. ڳالهڙي (ق) (5) منهنجي (ق)، مهجي (س، بمر)

[13]. تي (رد، ع)، تنهن (ق)،

[14]. جواب (بمر، هر، س)

[15]. موئا (س)، مران (د، م)،

[16]. مورن (بمر، هر)

[17]. سڄو (س)

[18]. هي (س)

[19]. واجا (س، ق)

[20]. ڪجي (س، ق)

[21]. ڏجن (ن)، ڳڏجي (بمر، هر)

[22]. ڳڏيون (بمر، هر)، ڳڏ (س)، ڪڏي (ن)

[23]. ڪروت (ن)، ڪروٽ (س)، گروٿون (پمر، هر

[24]. سکر (س، بمر هر)

[25]. سرندوءَ (ن، س، بمر، هر)

[26]. تاسا (ق، بمر، هر)، ساتا (س)

[27]. پڄ (ن، بمر، هر)

[28]. ڪا (ن)، ڪا (م)

[29]. مون (ن)

[30]. پيئي (ن، پمر، هر)

[31]. ڪري ق، ٻم، هر، س)

[32]. جو(س، م، د، ع)، جي (ٻم، هر، ن)

[33]. اپٽين (ق)، اپٽيائين (س)

[34]. جي (ن، س، م، د، ع)

[35]. پيئي (س)، و ڏ ءِ(ق)

[36]. وئي (ن)

[37]. پاٽياري (ن، س، ٻم، هر)

[38]. پري (س، ٻم، هر)

[39]. وٽ (ن، س، ٻم هر)

[40]. وَرَ (ق)

[41]. وساريوس (ن)

[42]. اکين (س)

[43]. اوداڻوس (ن، ٻم، هر)

[44]. پاٽياري (ق، ٻم هر)، پاهياري (س)

[45]. چر (ٻم، هر)

[46]. پڪي جي (س)

[47]. تي (س)

[48]. مناهور نہ وسري (س)

[49]. آيون (م)

[50]. جي وجون وياهہ (د)، وجيون جي ويهاءِ (س)

[51]. مٺئون (م)، مٺي (س)

[52]. ڊمين ڊم (د)، درمين درم (م)

[53]. گڏجي ليءِ (س)، ڪيجي ڪي (ق)

[54]. توهم (جهہ)، توئي (ڌ،ق)

[55]. سري (جهہ، ڌ)، سرئو (ق)

[56]. ٻهر (ٻم، ق، هر)

[57]. سي جي (ٻم، ق، س)

[58]. سچي (س)

[59]. ويڙهہ (هر)

[60]. هيڪڙو (س،د)

[61]. پيير (م)

[62]. ڪوڙُ (س، جهہ)

[63]. ڪمايو (س، هر، بم)

[64]. نڪتا (م)

[65]. منجهہ (س)، تَنِ (هر)

[66]. ڪِنِ (هر، بم، س، د)

[67]. ڪڍهين (د، هر، م، بم)، ڪڍهن (س)

[68]. نہ ٿئي (س)

[69]. هن (س، د)، ان (هر، بم،)

[70]. ڏهاڙي (بم، هر، ڏ)، ڏهاٽي (س)

[71]. ڪنين (هر، ب، د)، ڪن (س)، ڪي (ر، م،) ڪين (ق)

[72]. سڌ (م)

[73]. ۽ (د)، ئي (س)

[74]. پاڳو (د، ن، م،)

[75]. ڪورابتي ڪوتين (ق)

[76]. وا (م)

[77]. ڪڇ (جهہ)

[78]. سڌي (جهہ). سڌئين (ڏ)

[79]. راتين (د)، رات (س۽ ڏ).

[80]. هئم (م)

[81]. مون ويني واءُ ٿيا (س، م، د)

[82]. هيڏاهہ هيڏاه (س)، هيڏانهن هوڏانهن (هر)، هيڏنه (ق).

[83]. مهم (س)، هنهي

[84]. جار (ق)

[85]. پهرين (هر، بم، جهہ، ڏ، ق)، پهريان (س)

[86]. واچاءِ (م)

[87]. پهريان وڃاءِ پاڻ، وڃائي پاڻ وڃاءِ (س)

[88]. هو تُهان (س)

[89]. منجائي (س)، منجهائي (بمر، هر).

[90]. پيير (بمر، هر، ۃ، م) (بمر، هر، ۃ، م)، پنيي اي مَر پيير (س).

[91]. هاٽي (بمر، س)

[92]. حقيقي (بمر، هر)

[93]. سِر (بمر هر، ق).

[94]. ماھ (س)

[95]. پانيان (بمر، هر)

[96]. هاٽي (بمر، هر، س)

[97]. پرين (بمر، هر، د)

[98]. ڳجهو (بمر، هر)

[99]. ڪوٽ (س)

[100]. ڪن هي (جهہ، بمر هر)

[101]. ڳڌ هٽا (د)

[102]. ڪٽيج (بمر، هر، س)، ڪن هي وڪٽي ڪن ڪي ٻيا ڪٽينج (بمر، هر)

[103]. ساڻ (بمر، هر، س)

[104]. تنين سين سٽيج پاراپا پرين جا (س)

[105]. جو اوتيو (جہ)

[106]. موهان (س، جهہ)، مون ان (ق)، آن (د)

[107]. پسالڌو (جهہ)، ساڪرو (م)

[108]. اوسر (جهہ ۽ ق)، اوسڙ (م ۽ د)

[109]. ڏوھ (س)، ڏونه (بمر)، جا (جهہ، هر)

[110]. لتا (هر)

[111]. پسڻ پورو (بمر، هر، م)

[112]. امڻ (س، امٽا (د)

[113]. مونٿا (بمر، هر، د)

[114]. نگرو (بمر)، نڪري، نڪريو (ق)، نڪرئو (م، ر)

[115]. جيرو (س)

[116]. ڏين (س)

[117]. جي (س)، جو (بمر، ھر)

[118]. پھت (س) (د)

[119]. پھرين (س، جھ)

[120]. پھرين لڪاءِ پاڻ کي، پوءِ لڪاءِ وَتُ (س)

[121]. سگھا (بمر، ھر)

[122]. پاراپنا (بمر، ھر)

[123]. پرين (بمر، ھر، س، ق)

[124]. ستئي (م)

[125]. پڇٽا (م، جھ)

[126]. جي تن کي تسيانھ ڏين (س)

[127]. اھائي (س)

[128]. ساجا ڪال ڪئي (س)، اوھائي ھيڪڙي، جا مون ڳال ڪئي (بمر، ھر)

[129]. پڪنُو (جھ) ٻِي من رکئم پکنئا (بمر، ھر)

[130]. تاءِ ڪتاءِ (ق)

[131]. جي ڏين (ج)

[132]. ڏھنون (ج)، ڏوھنئو

[133]. فڪر (س)

[134]. م فرکي (س)

[135]. پِئو ڳِڙپر ڪئو، ور وڪائي پيي (بمر، ھر)

[136]. تو (بمر، ھر، ق، ڏ)

[137]. ڪائي (س)، ڪار (م)

[138]. معلوما (بمر، ھر)

[139]. م فرکي (س)، پرکي (بمر، ھر، ق)،

[140]. وڪائي (بمر، ھر)

[141]. لاءِ (بمر، ھر، جھ)، پاءِ (س)

[142]. ڪيئن (بمر، ھر، س)

[143]. عمراچا ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪِيَ ڪن (جهه)

شاديءَ بابت رايا

• فرمايائون تہ: طالب کي گهرجي، تہ ڇڙو رهي، ۽ ڪڏهن بہ نڪاح نہ ڪري. جڏهن ٻڌندو آهيان تہ فلاڻي طالب نڪاح ڪيو آهي، تڏهن گهڻو افسوس ٿيندو آهي، ۽ مٿي ۾ سُورُ پوندو آهي.

• عيال وارو ماڻهو ٻارن ٻچن ۾ ائين ڦاسي پوي ٿو، جيئن مڇي جار ۾. جيئن مڇي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پر نڪري نہ سگهندي آهي، تئين هو بہ ڦاسي پوندو آهي. ان باري ۾ مثال ڏيندي فرمايائين، تہ جڏهن مڇي پين ۾ هوندي آهي، تڏهن نڪرڻ لاءِ ٽپا ڏيندي آهي، ٻيون مڇيون، جيڪي پن جي ٻاهران هونديون آهن، اهي وسهنديون آهن، تہ هن کي ڪو وڏو مال هٿ آيو آهي، انهيءَ ڪري هو اهو مال حاصل ڪرڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو ڊوڙنديون آهن، ۽ نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو وڃي ڦاسنديون آهن.

• هڪڙي مخلص مريد کان نقل آهي، تہ هڪڙي ڏينهن ڪيترا مريد ۽ خادم گڏجي حضرت سيد صاحب جي خدمت ۾ وياسون. جڏهن حجري وٽ پهتاسون، تڏهن ٻيا سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ ڏانهن راهي ٿيا، باقي مان ۽ ٻيو هڪ مريد هڪ حجري ڏانهن وڌياسون. ڇا ڏسون، تہ حضرت پير صاحب حجري ۾ ڪپڙو اوڍيون، پاسي پر ليٽيل آهي، ۽ مالڪ جي محبت ۾ مستغرق آهي. ٽي ڏينهن برابر ويٺا هئاسون، پر اسان کان ڪا بہ خبرچار نہ ورتائون. آخر اهو خيال ڪري اندر حجري ۾ گهڙيس، تہ ڪين پيرين پئي موڪلائي وڃان. اوچتو منهن تان چادر لاهي، هٿ هٿ ۾ ڏيئي، احوال ورتائون، ۽ منهنجي ڇڙائيءَ جي تعريف ڪيائون. ان کان پوءِ چيائون: "مون ٻڌو آهي، تہ تنهنجي فلاڻي سنگتيءَ ٻي شادي ڪئي آهي، پر حقيقت ۾ طالب کي شادي ڪرڻ نہ گهرجي." پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(37) مَتارَڪا[1] ڳِيَرو ڳَرتُ[2] نہ ٻڌن گوڙ،
آئيا اگڻ[3] هوڙ، سِرُ ڏئو سَرو پَن.[4]

هي پارسي بيت بہ پڙهيائون:

اي جوانِ ناتواني زن مکن- چنبري پر خاک را برسر مکن
اگر پارسا باشد و خوش سخن- نظر برنکوئي وزشتي مکن

اگر زشت باشد زنِ نيڪخو- ولي گر زنِ بد خدايا پناھ

• فرمايائون تہ: جيڪو پائين، تہ مون کي مولا پاڪ ايتري سگھہ ڏني آھي، جو اللہ تعاليٰ جي ذڪر کان بہ غافل نہ رھندس، ۽ پارن پچن سان بہ پورو رھندس، تنھن کي نڪاح ڪرڻ درست آھي. جيڪو پاڻ ۾ ايڏي سگھہ ساري نہ سگھي ان کي نڪاح ڪرڻ نہ جڳائي.

• ڪي چون ٿا، تہ شادي سنت آھي. بيشڪ سنت آھي، پر نبي ڪريم ﷺ جن رات جو ايترو بيھي عبادت ڪندا ھئا، جو سندن پير مبارڪ سڄي پوندا ھئا . اھا بہ تہ سنت آھي، پوءِ اھا سنت چونہ ٿا پاڙين؟!

• نقل آھي، تہ حضرت سيد صاحب ھڪڙي ڏينھن ڪنھن مريد جي وھاڻي تي ويا. واٽ تي ھي بہ بيت پڙھندا ٿي ويا:

(38) جا تو گھيڙي[5] گَھتِ،[6] ما ڪِرياڙي[7] مَڇڙا،
ان ڪُنڊيءَ ڪڍي ڪيترا، نيئي پَچاڙيا پَٽ

(39) ڏُورا پَسي ڏورِ، جي وِئين[8] وِھرو ڪري،
ما ڪَرياڙي مَڇڙا، ھُندَ[9] نہ وِڏين ھور.

علم بابت رايا

• فرمايائون: شَمَّۃُ مِنَ المَعرِفۃِ خَرمِنَ کَثرَتِ العِلمِ "

(معرفت جو ھڪ اشارو، علم جي گھڻائيءَ کان بھتر آھي.)

• فرمايائون تہ: علم جا طالب گھڻائي ليندا، ۽ عليم جا طالب ٿورا ليندا، پوءِ قاضي قاضن جا ھي بہ بيت پڙھيائون:

✻ ڪَنزُ قُدُورِي ڪافيا، ڪِ[10] ڪِينَ پَڙِئو مِ[11]،
سو پارُئي[12] پئو ڪو،[13] جئان پِري لَڌو مِ.[14]

✻ لوڪان نَحوَ صَرَفُ، مُنّ[15] مُطالعُ سُپرين،
سوئي پڙھئو سو[16] پڙھان، سوئي سو حَرَفُ.

• ھي بيت بہ ھڪ ڀيري پڙھيائون[17]:

(40) ڪَنز قُدوري ڪافيا، جي پڙھي پَروڙئين سَڀُ.

تہ ڪَرَ مَنڊي ماڪوڙي، ڪوهہ ۾ پيئي ڪَچي اُپَ.

• فرمايائون تہ: اَلعِلمُ بِلا عَمَلِ کَشَجَرِ بِلا ثَمَرِ (عمل کانسواءِ علم ائين آهي، جيئن ڦَر کانسواءِ وڻ.)

• فرمايائون تہ: منهنجي اچي مرضي ٿي، تہ ڪتاب ڪشف الاسرار جو مطالعو ڪريان. پر صابوءَ سومري، جيڪو زماني جي عارفن مان هو، چيو تہ: ”مطالعي ڪي ڇڏي، فقط خدا کي ياد ڪيو.“ سندس انهيءَ نصيحت مان مون کي گهڻو نفعو حاصل ٿيو. پوءِ قاضي قاضن جو هي بيت پڙهيائون:

سيئي سيلَ[18] تِئامِ، پَڙئام[19] جي پاٽان،[20]

اَکَرَ اَڳِئان اپري،[21] واڱون ٿي وَرِئامِ.[22]

ذڪر ۽ وصال

• هڪ ڀيري هڪ مريد سيد صاحب جي خدمت ۾ آيو. سيد صاحب کانئس پڇيو: ”ذڪر ڪندو آهين؟“ ان تي چيائين: ”مون کان ذڪر تہ ڪونہ ٿو ٿئي، پر دل ۾ سو سدائين ان کي ياد ڪندو آهيان.“ اهو ٻڌي فقير کي چيائين: ”جيڪو جنهن شخص جي طلب رکي ٿو، اهو چڻ سدائين ان کي ياد ڪندو رهي ٿو. ۽ ان جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪو رزق جي طلب رکي، اهو وري ”رزاق“ جو نالو وٺي. الله جو نالو اهو وٺي، جيڪو دنيا جي جنهجهت کان آجو هجي، ۽ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(41) جيڪي گهران مَ وَج، جيڪي موٽ مَ سوهَٽي[23]

هيڪڙَيَائي[24] هٿ ڪَرِ[25] ٻيون،[26] ڀيري يَجُ[27]

• هڪڙي ڏينهن هڪ مريد سندس خدمت ۾ آيو ۽ نهنائيءَ مان عرض ڪيائين: ”اوهان سيني کي فيض حاصل ٿيو آهي، پر عجب جي ڳالهہ آهي، تہ اجا تائين مون کي ڪوبہ فائدو نہ رسيو آهي. ان تي سيد صاحب چيس: ”ائين چوڻ نہ جڳائي. تڏهن پلا توکي هن منزل تي ڪنهن پهچايو.“ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(42) سوئي هيڏاهہ[28] سوئي هوڏاهہ،[29] سوئي، مَنِ وسي،[30]

تِنهينِ[31] سندي سوجهري، سوئي سو[32] پسي.[33]

• هڪ مخلص مريد ٻڌايو، تہ مون سيد صاحب جي مجلس ۾ حضرت سفيان ثوريءَ جو هي قول ٻڌايو: ”انّما حَرَمَ الّوُصولَ لِيَقَنَع انّاصُولَ (اهڙي ملاقات حرام آهي، جيڪا اصول کي ٽوڙي.) اهو ٻڌي ڏاڍا

خوش ٿيا، ۽ ڪيترا ڀيرا اهي ورجايائون. ان ڪان پوءِ مريدن ڏانهن منهن ڪري فرمايائون: خدا جي وصال لاءِ چار اصول آهن:

پاڻ کي گهٽي ڪائڻ کان روڪڻ، 2- ماڻهن سان ثوري محبت رکڻ، 3- ننڊ ثوري ڪرڻ، 4- الله تعاليٰ جو گهڻو ذڪر ڪرڻ.

جيڪي طالب انهن اصولن تي نہ هلندا، اهي واحد جي وصال کان وانجهيل رهندا.

شريعت ۽ طريقت

• شريعت خدا جي راهہ ۾ دروازي جيان آهي. جيڪو دروازو ڇڏيندو، اهو گمراهہ ٿيندو ۽ واٽ نہ لهندو. جيڪڏهن ڪو بادشاهہ جي دربار ۾ ويندو آهي، تہ دروازي کان ويندو آهي، پر جيڪڏهن دروازو ڇڏي پٽ ٽپي دربار ۾ ويندو، تہ بي ادب ۽ گستاخ چئبو ۽ سزا جي لائق سمجهيو ويندو.

• فرمايائون تہ: جيڪي ڪماليت وارا آهن، سي شريعت جا اهڙا تہ پابند آهن، جو جَوَ جيتري وزن جوبہ خيال رکن ٿا:

هما مردي تمامت در تمامي- ڪند با خواجگي ڪار غلامي

(اهو مرد انتها کي پهتو، جيڪو بزرگيءَ کان پڇي، غلامي اختيار ڪري ٿو.)

• عابد جي نماز رڪوع ۽ سجدي سان آهي، پُر عارفن جي نماز وجود وڃائڻ سان آهي.

• خدا جي راهہ ۾ هٿن پيرن ۽ زبان سان نہ هلجي، پر دل جي حضور سان هلجي. پر جيڪڏهن دل ۾ ڪو شڪ شبهو جاڳيس، تہ ٻين کان پڇي تحقيق ڪري. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(43) جي پُڇڻا، سي نہ مُنجهڻا، جي پڇن سي وِيرَ،

جو لَڪَڻُ[34] مَنجِ ماڙُوئين، سو مکڻ [35] منج [36] ڪير.

• فرمايائون تہ: محبوب جو راز ظاهر ڪرڻ معنيٰ، سر سٽيءَ ۾ ڏيڻ، جيئن منصور ڪيو ۽ ان جو نتيجو ڏٺائين.

• فرمايائون تہ: محبوب توڙي طالب جي انتها نہ آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن محبوب کي انتها هجي ها، تہ طالب کي بہ انتها هجي ها. انتها پڻ روحاني منزلن مان هڪ منزل جو نالو آهي. انهيءَ جي معنيٰ اها نہ آهي، جيئن عام ماڻهو سمجهندا آهن، تہ انتها کان مٿي ٻيو ڪو مقام ئي ڪونهي. ائين سمجهڻ غلط آهي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

44 چاڄِر چڳِيرَنِ، گهورَ نہ اچي گهاتُوئين،[37]
اکيون اُنين سنديون، ڪَڏا ڪَرون پُچن.[38]
(45) هَنُ تِتَهين[39] هوءِ، اُونيءِ[40] ۾ اوڙاهہ جو،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو چاڄِر ۾ چيُرون ڪري.

• مبتدي هجي توڙي منتهي تيستائين ڪابہ خبر نہ اٿس، جيستائين راز جي خبر نہ اٿس.

• حسب ۽ نسب تي مرڪڻ نہ گهرجي، چاڪاڻ جو اهو پڻ دنيا جي اسباب مان هڪ آهي. حقيقت ۾ پنهنجو پيءُ ڏاڏو پاڻ ٿيڻ گهرجي. اڄ اهو زمانو آيو آهي، جو مري ويلن جي ڪرامتن تي پٽ پوٽا مرڪن ٿا. پنهنجي جان کي جفا ڏيئي، چونہ ٿا پاڻ الله تعاليٰ جي عبادت ڪن. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(46) جي اُتَرجي لاهہ،[41] سڄڻ سپ پَرڪِٺا،
ري پاجي[42] ڪَتِئي، سُيَرَ بري[43] نہ باهہ.

• شريعت ۾ حقيقت ائين آهي، جيئن کير ۾ مکڻ سمايل هوندو آهي.

• طالب کي گهرجي، تہ جيڪڏهن کو ڪيس ايذاءُ رسائي، تہ دلگير نہ ٿئي. اهو سڀ ڪجهہ خدا جي طرف کان سمجهي ۽ ان جي بدلي ۾ تڪليف ڏيندڙ کي ڏک نہ هڻي. مثال طور: جيڪڏهن کو ماڻهو ڪنهن کي لڪڻ يا لت هڻي، ۽ اهو ماڻهو ان کان لڪڻ يا لت کسي پيچي چڙي، تہ اها بيوقوفي آهي. لڪڻ يا لت جو ڪهڙو ڏوهہ جو ان کي پيچجي. جنهن ڏک هنيس، ان کان ان جو بدلو وٺي، ۽ نہ لڪڻ يا لت کان. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

• چَندنُ چُورُ ڪَرِيندي، رتو مُرہُ ڪُهاڙِ،
سڄڻَ ڏَجڻُ نہ ٿئي، جي رُسي[44] سوءُ وارَ،
پَروڙِئو پَراڙِ،[45] تہ ڪرهيندي قرب تَيي[46]

• جيڪو وڻ خشڪيءَ ۾ هجي، ۽ سڪي وڃي، تہ ان جو علاج ڪري سگهجي ٿو. پر اهو وڻ جيڪو پاڻيءَ هوندي بہ سڪي وڃي، ان جو علاج ڪونهي.

• جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ گهڙي ئي ديوانو ٿئي ٿو، تڏهن بہ چڱو، چاڪاڻ جو اها گهڙي تہ خوديءَ کان ڇٽي پوندو. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(47) قرب ۽ ڪِبرياءُ،[47] ماءِ ملاقي نہ ٿئي

صوفيءَ جي صلح ۾، پورُوِاي پرياءُ[48]

• هڪ مخلص جو بيان آهي، ته هڪ ڏينهن حضرت پير صاحب سان پئي ويس. نصيحت ڪندي فرمايائون:

(48) سجڻ جان سَھُو[49] ته ڪَر[50] روح رُڃنديُون
سندو ڪاٽ ڪَھُو[51] پُتُوئي[52] پَرسهي.

• جيڪي چون ٿا، جيڪي ڪري ٿو، سو خدا ٿو ڪري، اسان کي طاقت نه آهي، اهي پليل آهن. انهن کان ڪو پڇي، ته جڏهن بک لڳين ٿي، ته ڪاڏو چوڻا ڳهن؟ چوڻا ٿانوءُ ڌوئي، ان ۾ پاڻي وجهي، باهه ٻارين؟ ان وقت چونه ٿا چپ ڪري ويهي رهن، ته جيڪي خدا کي وڻندو، سو ڪندو.

• ظلم سان ورتل هڪ ذرو، حق سان ورتل 70 ذرن کي نقصان رسائي ٿو.

• نقل آهي، ته جڏهن دنيا وارا ماڻهو وٽس ايندا هئا، ته انهن کي الاهي راز نه سمجهائيندو هو، پر دنيا بابت ساڻن ڳالهائيندو هو ۽ هدايتون ڪندو هو ته جيئن دنيا ۾ نيڪ ۽ بلند اخلاق تي هلن.

• بي نمازي انهيءَ شخص کي چئجي، جيڪو سنت جماعت کي نه ٿو رسي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(49) پَرِ ۾ پَڇِي[53] پَرِيءَ کي، پَسِجي[54] پَرڏيهه،
جتي[55] ساجَنُ سُپَجي،[56] ساھَ کي سو ساڙيهه[57].

• طالب کي گهرجي، ته خدا کي سڃاڻڻ جي خواهش نه ڪري، ڇاڪاڻ جي جهڙيءَ طرح خدا کي سڃاڻڻ گهرجي، تهڙيءَ طرح ڪوبه ان کي سڃاڻي نه سگهندو. ان کي گهرجي، ته پنهنجو پاڻ سڃاڻي. ائين ڪرڻ سان جيڪا معرفت حاصل ٿيڻي هوندس، اها حاصل ٿيندس. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(50) سَڏَ[58] نه سلامي[59] ڏِنا، وَهِيءَ[60] نه ورئا[61] جي،
هاڻي تِنين[62] کي، ناهِ[63] ماڳ مليرِ ۾.

• نقل آندو اٿن، ته هڪڙو فقير هوندو هو، جنهن جي دل ۾ گهڻا وسوسا هوندا هئا.. اهو فقير هڪڙي ڏينهن اچي حضرت سيد صاحب جي ڳوٺ وٽان لنگهيو. خادم هٿان سيد صاحب ڏانهن چوائي موڪليائين، ته "پلائي ڪري ڪو ڪوزو موڪلي ڏيو." سيد صاحب هڪ ڪوزو موڪليس. پر فقير هي چئي موٽائي موڪليس، ته "هي پراڻو ۽ ڪم آندل آهي، ڪو نئون موڪليو" سيد صاحب نئون

ڪوزو ڏياري موڪليس، ۽ خادم ذريعي ھي چوائي موڪليائينس: ”اي وسوسي! تون رڳو ڪوزن کي پوڄيندو آھين ڇا؟ وجي ڪي ڏينھن ڪنھن خدا جي مرد جي خدمت ڪر.“ پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(51) پاٽيءَ اُتي[64] جھُوپڙا، مورک اُڃَ مَرَنِ.[65]

دانھون ڪن مُنَنِ جنءَ،[66] دَمُ نہ سڃاڻن.

• فرمايائون تہ: اَلمومَنُ مِرات المومِنُ (مشڪواه) (مومن مومن جو آئينو آھي.) انھيءَ موجب جيڪو جيڪڏھن ڪنھن مومن ۾ بدي ڏسي، تہ پاڻ ان ڪان پاسو ڪري. پر جيڪڏھن ڪنھن مومن ۾ ڪي خوبيون ڏسي تہ اھو اختيار ڪري.

• فرمايائون تہ: دنيا چار ڏينھن چار راتيون آھي. پھريون ڏينھن ۽ رات ھي آھي، جيڪي ھينئر گذرن ٿا. ٻيو ڏينھن آھي: ھي سڄو جھان، ۽ رات بہ ھڪڙو ھي جھان آھي. ٽيون ڏينھن اھو آھي، جڏھن دم ٻاھر آھي، ۽ جڏھن اندر وڃي ٿو تہ رات آھي. چوٿون ڏينھن اھو آھي، جو پنھنجو پاڻ ۾ فنا ٿجي، ۽ باقي بالله ٿجي.

• الله تعاليٰ سيني ٻانھن کي بخشي، ۽ ڪرم ڪري جن چيو: لااِلہ الاالله محمد رسول الله

باب ٽيون

نماز ۽ ورد وظيفا

• فرمايائون تہ: فقير کي گهرجي، تہ نماز سان گڏ ورد بہ پڙهي. ورد ڪانسواءِ جيڪا نماز پڙهي وڃي ٿي، اها ائين آهي، جيئن گهہ ڪانسواءِ طعام.

• فرمايائون تہ: جنهن کي رزق جي تنگي هجي، اهو هيءَ ترتيب اختيار ڪري: جڏهن پنهنجي گهر ۾ داخل ٿئي، تہ ٽي ڀيرا قل هوالله سورت پڙهي. ائين ڪرڻ سان الله تعاليٰ سندس گهر ۾ برڪت وجهندو، ۽ خوشحال ٿيندو.

• فرمايائون تہ: ماني کائڻ کان اڳ ۾ ٻئي هٿ ڌوئڻ گهرجن.

فرمايائون تہ: جيڪو ماڻهو پرائي پوک وٽان لنگهندي، سلن کي اهڙو نقصان پهچائي ٿو، جو اهي سلا وري نسري نہ سگهن، تہ ان جون ايتريون نيڪيون ناس ٿين ٿيون، جيترن سلن کي نقصان پهچايائين.

• فرمايائون تہ: جيڪو سمهڻ وقت ڪلمو پڙهندو، ۽ وري ننڊ مان اٿڻ وقت ڪلمو پڙهندو، تہ ملائڪ ان جي سڄي ننڊ واري رات عبادت ۾ شمار ڪندا.

• فرمايائون تہ: هر ڪنهن مسلمان سان عزت سان پيش اچجي. جيڪو ائين ڪندو، الله تعاليٰ ان جا گناهہ بخشيندو.

• فرمايائون تہ: ان ماڻهوءَ کي وڏو اجر ملي ٿو، جيڪو ڪنهن ٻي مؤمن جي ڪم لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ بحث مباحثو ڪري، ان جو ڪم سرانجام ڏئي ٿو.

باب چوٿون

سوال جواب

• پڇيائونس: اکين، ڪنن، هٿن ۽ پيرن جو ڪهڙو ذڪر آهي؟

• فرمايائون: ڪنن سان جيڪي عجيب ڳالهيون ٻڌي، اهي الله تعاليٰ کان تصور ڪري. اکين سان جڏهن الله تعاليٰ جي قدرت پسي، تہ الله تعاليٰ جي تعريف ڪري، تہ هي سڀ انهيءَ خالق جي خلقت آهي، ٻي ڪنهن ڪي قدرت ناهي. هٿن ۽ پيرن جو اهو ذڪر آهي، تہ هٿن پيرن ڪي جيڪا حرڪت حاصل آهي، اها انهيءَ قادر مطلق کان سمجهجي.

• هڪ پيري ڪانئس هن بيت جي معنيٰ پڇائون:

• ڪارين ڪَنين ڪَڪَڙا،[67] ڪَرَهَہ وِلاڙَ[68] وجن،[69]
ويلو[70] ڪَنِ نہ وِچَ ۾، نہ اوڳارَ يَجَنِ.[71]

• فرمايائون تہ: ان بيت جون ٻہ معنائون آهن: هڪڙي "ڏينهن ۽ رات هلندا رهن تا ۽ بس نہ تا ڪن." ۽ ٻي "حياتيءَ جا دم يا پساهہ، جي تڪڙا تڪڙا هڪ ٻي پٺيان گذرندا رهن تا."

• پڇيائونس. يقين جي معنيٰ ڇا آهي؟

• فرمايائون: يقين جون ٽي معنائون آهن: 1- علم اليقين 2- عين اليقين 3- حق اليقين. جڏهن ڪو ٻڌي تہ، فلاڻي وٽ درياهہ آهي، تہ اهو ٿيو: علم اليقين. جڏهن درياهہ وٽ پهچي ۽ اکين سان ڏسي، تہ اهو آهي: عين اليقين. ۽ جڏهن ان درياهہ ۾ مستغرق ٿئي، تہ اهو آهي، حق اليقين.

• پڇيائونس: فقير خدا جي قرب ۽ مشاهدي جي طلب رکن تا، سو ڇو؟ فرمايائون: قرب، مشاهدا ۽ مراقبا گهڻن ئي نمونن جا آهن. اوهان جو اشارو انهن مان الائي ڪهڙن ڏانهن آهي؟ متان اهڙو مشاهدو طلبيندا هجو، جنهن ۾ ڪو مڪر ۽ فريب رکيل هجي، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"و مکروا و مکر الله و الله خير الماکرين." پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(52) سوئي صلح سَجَڻين، سوئي ڦوڙائونِ،
والله خرالماکرين، اِي هُي[72] ميڙائون.

• مخدوم ساهڙ (لنجار) پنهنجي مريدن کي فرمايو، تہ جڏهن دم اندر نيون، تڏهن چئو الله ۽ جڏهن ٻاهر ڪڍو، تڏهن بہ چئو الله. پڇيائونس، تہ ان مان ڪهڙو فائدو آهي؟ فرمايائون: ان مان اهو مطلب آهي، تہ هرهڪ دم جو جدا ثواب آهي.

• پڇيائونس، تہ مخدوم بلال پنهنجي مريدن کي فرمايو هو، جڏهن دم اندر نيون، تڏهن "هو" چئو ۽ جڏهن ٻاهر آڻيو، تڏهن "اِلا" چئو، ان جو مطلب ڇا آهي؟ فرمايائون: سڀ انبياء ۽ اولياء پوئين دم لاءِ ٿي رنا، تہ مرڻ وقت دم الائي ڪيئن نڪرندو؟ انهيءَ ڪري جيڪڏهن آخري دم اثبات سان وڃي، تہ اها الله تعاليٰ جي وڏي مهرباني.

• پڇيائونس: "عشق ۽ محبت ڇا آهن؟" فرمايائون: "ٻئي هڪ شيءِ نہ آهن، پر ٻنهي ۾ فرق آهي." ڇيائونس "ڪهڙو فرق آهي؟" فرمايائون: عشق باھ جيان آهي، جنهن ۾ جيڪي وجهجي، سو سڙي رک ٿي وڃي، محبت جو مثال هن طرح آهي، تہ ڪک، ڪنڊا، ڇيڻا ۽ ڪِرهڪ هنڌ گڏ ڪري اهڙيءَ طرح دونهي دکائجي، جو ان جو ٿورو ٿورو دونهون ٻاهر نڪري، ۽ ماڻهو ائين وسهن، تہ انهن ڪکن ڪنڊن ۾ توءُ نہ آهي، پر جڏهن ان کي کولين، تہ اندر ڳاڙهي باھ ڏسڻ ۾ اچين.

• پڇيائونس، تہ شيخ پٽي تي گهڻا ماڻهو اچن ٿا، سو ڇو؟ فرمايائون: شيخ پٽو نہ آهي، پر اها ئي ذات آهي.

• پڇيائونس: فقير جي معنيٰ ڇا آهي؟ فرمايائون: فقير لفظ ۾ چار اکر آهن، جن مان "ف" مان مراد آهي: طالب هميشہ (خدا جي) فڪر ۾ رهي، "ق" مان مطلب آهي: هميشہ قرار نہ هجيس، "ي" مان مقصد آهي: خدا کان ياري گهري، ۽ ٻي جو خيال نہ ڪري، ۽ "ر" جو مطلب آهي: هميشہ رياضت ۾ هجي.

• پڇيائونس: ميران محمد جونپوري جڏهن سنڌ ۾ آيو هو، تہ پاڻ کي مهدي ٿي سڏايائين، پر عالمن مخالفت ٿي ڪيس، اها ڳالھ ڪيئن آهي؟ فرمايائون: الله تعاليٰ بزرگن کي رتبا بخشيندو آهي، جي هو ماڻهن کان لڪائيندا آهن. ميران محمد جونپوري کي بہ اهڙو مرتبو عطا ٿيو هو، جو لڪي نہ سگهيو. تنهنڪري پاڻ کي "مهدي" جو لقب رکايائين، تہ جيئن ماڻهو ان جي مخالفت ڪن ۽ ڪيس سڃاڻي نہ سگهن.

• پڇيائونس: خدا کي ڪيئن سڃاڻجي؟ فرمايائون: اهو ڪم تمام ڏکيو آهي، ان جي پهرين آزمائش اها آهي، تہ الله تعاليٰ بندي کي تمام گهڻو مال متاع ڏيندو آهي. پر جيڪڏهن بندي مال متاع کي

ڪجھ بہ نہ سمجھيو، تہ بھشت جي طلب دل ۾ وجھندس. پر جيڪڏھن بھشت ڏانھن بہ لاڙو نہ رکيائين تہ پوءِ ڏانھس ھڪ نور موڪليندو، جيئن سمجھي، تہ خدا جو نور آھي. جيڪڏھن ان تي بہ نہ ھر ڪجي، تہ پوءِ وري ان ڪان بہ تيز نور موڪليندس، جيڪو اڳوڻي ڪان سئوڻو تيز ھوندو. جيڪڏھن ان جي تجليءَ تي بہ موھت نہ ٿو ٿئي ۽ انھن ڪان منھن موڙي ٿو، تہ پوءِ خدا جي راھ ۾ ان لاءِ فقط ھڪ پل رھي ٿي. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(53) ڪاڪ وڻِن[73] ساڻ، اوٺين[74] نہ اورَڳي[75]
جي گَڻَ ھُوَنِ گھڻا، تہ بہ راڻا توءِ[76] رُئندا وئا.[77]
(54) جاڳي جاڳي سسئي، جان ھيجا ھَٿَ وِڏاءِ،

تان سچي سيج پري ري، پُنُو پَٽِرناھِ،
نڪرندي چُٺاءِ، گھوڙا گَھِر نہ سُپِرين.

• پڇيائونس: تجلي ڇا آھي؟ فرمايائون: زبان سان ان جو بيان ڪري نہ ٿو سگھجي، پر فقط دل کي ان جي خبر پوي ٿي. پوءِ چيائون:

---

[1]. متارڪا (بمر، ھر)، متان رڪا (ق)

[2]. ويھي جي (جہ)

[3]. اگر (بمر، ھر)

[4]. پئي (بمر، ھر)، ٻين سي (ڏ)، سروتي (م)

[5]. ڳيڙي (بمر)

[6]. مت (بمر، ھر)، گت (ق)

[7]. ماگرياري (بمر، ھر، ق، س)

[8]. وھي (بمر، ھر، س)، ويھي جي (جھہ)

[9]. ھڏ (بمر ھر، س)، ھوند (ڏ)

[10]. ڪوڪو (1)، ڪوھہ (د)

[11]. پڙھئام (س)، پڙھئوم (د، ھر)

[12]. ھين (بمر، ھر)

[13]. سوپاھم ڪين پڙھئوم (س)، سوپاڙ ھين ڪو ٻيو (ق) سوپاڙھي ڪو ٻيو (بمر، ھر)، سوپارھي ڪو ٻئو (م)

[14]. پرلڏام (س)، جا اين پري لڏوم (م)

[15]. مون (ٻـم، ق)

[16]. سوئي (ٻـم، هر)

[17]. انهيءَ بيت بابت بيان العارفين ۾ اهو ڏيکاريل ڪونهي، تہ شاهہ ڪريم جو پنهنجو آهي، يا قاضي قاضن جو. مضمون ۽ سٽا جي لحاظ کان قاضي قاضن جو پيئو معلوم ٿئي.

[18]. سيلهہ (هر)

[19]. ٽئُم. پڙئُم (م)

[20]. پاڻ ليءَ (س، هر)- پڙهئُم جي پاڻ ليءِ، سي ئي سيل ٽئام. (س)

[21]. اکرا هوئي اڳيان (س)

[22]. وڙ هئام (س)

[23]. سنهڙي (جهہ)

[24]. هيڪڙائي (س، ٻم)

[25]. ڪري (س، ٻم)

[26]. پئو (جهہ)، پئائي (س)

[27]. نيئي (س)

[28]. هيڏان (د، م) هيڏا (جهہ، س)، هيڏانہ (ٻـم، هر) هيڏا (جهہ، س)

[29]. هوڏان (د،)، هوڏا (س)، هوڏانہ (ٻـم، هر)

[30]. وساءِ (م)

[31]. تنهن (س، ٻـم، هر)، تهم (جهہ)، تي هين (د، م)

[32]. تو (ٻـم، هر)

[33]. پسجي (ٻـم، هر)، ڏساءِ (م)

[34]. ۾ (د)

[35]. ڪلڪڻ (د)

[36]. ڪنا (ٻـم، هر)

[37]. ڪونہ اچي ڪاٿهين (ق)

[38]. ڪوڏا ڪريچن، اکراوني سنديون (س)

[39]. تتهم (س)، تتئين (م، د)

[40]. اوٺي (ٻـم، هر، ق)

[41]. لاڙ (ٻـم، هر، س)

[42]. پري (بمر، هر، س)

[43]. نہ پاءِ (بمر، هر)، مَ پاءِ (س)

[44]. رسئي (س)، رُساءِ (م، ر)

[45]. هي بيت پراڻ نالي شاعر جو معلوم ٿئي ٿو. علامہ دائود پوٽي مرحوم (ص 55) بہ اهو خيال ظاهر ڪيو آهي، پر بيتن جي ڳٽپ ۾ شاھ ڪريم جو بيت ڪري ڳڻيو اٿس. هتي شاھ ڪريم جي بيتن ۾ نہ ڳڻيو ويو آهي.

[46]. هيءَ مصرع س، جھ ۽ ق ۾ ڪونهي. بمر ۽ هر ۾ هي سڄو بيت ڪونهي.

[47]. قرب ڪبرياءِ (م، ق)

[48]. پريان (جھ) - پورو اي پرياءِ، صوفي جي صلح ۾ (بمر، هر، ق، س)

[49]. سئو (بمر، هر)

[50]. ڪجن (س، ق)

[51]. ڪهون (جھ)

[52]. بتو (جھ)

[53]. پچي (ق،س)، پري پچي (بمر، هر)،

[54]. پسجي هي (س)

[55]. جت (ق)

[56]. سڄي (بمر، هر)، سامھ ڪي (س)

[57]. سپرين سوئي سو ساٽيھ (س)، ساھ ڪي سو ساٽيھ، جتي ساڃن سنجهي (م، جھ)

[58]. ستڌ (بمر، هر)

[59]. تہ سلامي (جھ)

[60]. ناوهي (م)

[61]. ورٽا (م)

[62]. اتن (س)

[63]. ڪون (س)، ڪونه (جھ)

[64]. متي (س)، اُتي (جھ)

[65]. اجرن (م)

[66]. مناجي (م)

[67]. ڪڪڙين (ر، جھ)، لڪڙين (م)

[68]. ولاڙيا (ق)

[69]. ڪاري گهٽين ڪڪرين ڪرولاڙ وجن (بم)

[70]. ويلو (م)

[71]. پچڻ (جھ)، اوڪار پچن (بم)

[72]. ايهم (س)

[73]. وٽي (د)

[74]. اوٿين (س،بم،ھ)

[75]. اورڪي (بم، ھ)

[76]. راڻا تو (جھ)

[77]. جي هوا سرت سجاڻ، تہ رئنڊائي رت وٺا (س)

55) مورک مور نہ پجهٽا، هيڏا هوڏا ڪن.

ڪَتَرَجن اکين ۾، سي ڪِي پِرِي[1] مِڙَنِ.[2]

• پڇيائونس: بزرگن چيو آهي، تہ طالب ڪي حاڪم وٽ وڃڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ سندس نقصان آهي، ۽ اوهان حاڪمن سان ملندا رهو ٿا. اهو ڪيئن آهي؟ فرمايائون: بزرگن سچ چيو آهي. پر اسان انهن وٽ بہ ٻي جي نفعي لاءِ وڃون ٿا. پاڻ لاءِ نقصان سهون ٿا.

• پڇيائونس: زال سان گڏجڻ وقت بہ خدا ڪي ياد ڪرڻ گهرجي؟ فرمايائون ان وقت بہ الله ڪي ياد ڪرڻ درست ۽ چڱو آهي، ڇاڪاڻ جو اهو خوشيءَ ۽ عيش عشرت جو وقت آهي. پوءِ هي بيت پڙهيائون.

(56) سا ڪِئو[3] سائي[4] ڪنِ، سُپيريان[5] جي[6] ڳالِڙِي،[7]

هيڪَڙائي سڪئا، ٻي نہ اُجَهِي تَن.

• پڇيائونس: فقر جي معنيٰ ڇا آهي؟ فرمائون: فقير جا ٽي لفظ آهن. ”ف“ مان مراد آهي: فنا، ”ق“ مان مطلب آهي: ”مولا پاڪ سان قرب“، ۽ ”ر“ جو مطلب آهي: ”حق جي رويت.“

پڇيائونس: خدا تعاليٰ پنهنجي ذات کي هنن صورتن ۾ ظاهر ڪيو آهي، تڏهن پلا بدصورت ڪهڙي چئجي؟ فرمايائون سڄو جهان سهڻو آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ مولا پاڪ ظهورو ڪيو آهي.[8]

• پڇيائونس: هڪ ماڻهو اسان جي اڳيان هي بيت پڙهي ٿو، پر اسين حيرت ۾ آهيون ۽ معنيٰ نہ ٿا سمجهي سگهون:

• وائي[9] وڃيم شال، ۽ ڪَنين سين[10] ڪيَم سُٽان،[11]

جي پلو ڪري پالَ، تہ اکين سين انڌو ٿيان.

• فرمايائون: انهيءَ بزرگ سچ چيو آهي، تہ هو خدا جو دوست آهي، ڇاڪاڻ جو چيو اٿن: العارف لا ينظر ولا يسمع غيره ولا يتفكر غيره (عارف خدا ڪانسواءِ ڪنهن کي بہ نہ ٿو ڏسي، ڪنهن کي بہ نہ ٿو ٻڌي، ۽ ڪنهن بہ ٻي جو خيال نہ ٿو ڪري.)

باب پنجون

حلم، تواضع ۽ مجاهدي جي بيان ۾

• نقل آهي، ته حضرت سيد صاحب جوانيءَ جو گهڻو عرصو هن طرح گذاريو: وڏي صبح جو فجر جي نماز جي بانگ ڏيندا هئا. تنهن کان پوءِ نماز پڙهي، مسجد ۾ گهڻو وقت وهندا هئا، ۽ ورد پڙهندا هئا. جڏهن سج نيزي جيترو مٿي ايندو هو، تڏهن اشراق جي نماز پڙهي گهر ايندا هئا، ۽ رڌڻ پچائڻ جي ڪم ڪي لڳي ويندا هئا. طعام تيار ڪري فرزندن جي اڳيان رکندا هئا. جڏهن ڪائي خوش ٿيندا هئا، تڏهن ڪاسو هٿ ۾ کڻي شهر ۾ نڪرندا هئا ۽ پني آٽي فقيرن جي اڳيان رکندا هئا. انهن کي ڪارائي خوش ڪري، ڏاند ڪاهي ٻنيءَ تي ويندا هئا. ٻنيءَ جو ٽڪرو کيڙي ڏاند ڇوڙيندا هئا ۽ پوءِ جهنگ ۾ ڏاندن لاءِ گاهہ ڪرڻ ويندا هئا. ان کان پوءِ منجهند ٽاڪ جو ڏڍا ڪاهي گهر ايندا هئا. اهو گاهہ ڏاندن کي وجهي، وضو ڪندا هئا ۽ اتي ئي ٻہ رڪعتون نفل پڙهي وڃي ٻيپهريءَ جي بانگ ڏيندا هئا، ۽ سنت جماعت سان نماز پڙهندا هئا. تنهن کان پوءِ وري هر ڪاهڻ ويندا هئا. ٽيپهريءَ مهل ڏاندن کي پاڻي پياري گهر ايندا هئا ۽ انهن کي گهڻو گاهہ وجهي، وڃي ٽيپهريءَ جي نماز پڙهندا هئا. ان کان پوءِ سانجهيءَ ۽ سومهاڻي جي نماز پڙهڻ تائين وينا هوندا هئا. سومهاڻيءَ جي نماز پڙهي وري بہ اتي ئي وينا رب کي ياد ڪندا هئا، جنهن کان پوءِ اتي گهر اچي رڌ پچاءُ ڪري، فقيرن لاءِ پني ايندا هئا، ۽ کائڻ وقت انهن تي نظر رکندا هئا، تہ متان ڪو فقير بکيو نہ رهجي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن فقير کي بکيو ڏسندا هئا، تہ پاڻ وارو حصو فقير کي ڪارائي ڇڏيندا هئا.

جڏهن سندن مريد، خادم ۽ فرزند ڪائي پي سمهندا هئا، تڏهن وضو ڪري نفل پڙهندا هئا. تنهن کان پوءِ ڳوٺ کان ٻاهر نڪري "راهوت" ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ويندا هئا. جنهن جنهن ڳوٺ ۾ ويندا هئا، ان ڳوٺ جي مسجدن جو پاڻي ڀريندا هئا ۽ وٽ لاءِ پٿر آڻي رکندا هئا. جڏهن ڪنهن مسجد ۾ ڪو مسافر ستل هوندو هو، تہ ان کي زور ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڳوٺن مان ٿيندا، ٻانهن سان درياهہ ٽپي، ٺٽي ايندا هئا. اتي اچي پهريائين ستين جي آستان (جنهن کي ننڍو گرهہ چوندا هئا، ۽ جنهن ۾ ست ڏيئرون نا بالغ ستل آهن)، ۽ شيخ جهنڊي پاتڻيءَ جي زيارت ڪندا هئا. تنهن کان پوءِ مڪليءَ ٽڪريءَ تي اچي هرهڪ بزرگ ۽ وليءَ جي جدا جدا زيارت ڪندا هئا. ان کان پوءِ ٺٽي شهر ۾ اچي، هرهڪ مسجد جو پاڻي ڀريندا هئا، ۽ وٽ لاءِ پٿر رکندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن مسجد ۾ ڪو سمهيل ڏسندا هئا تہ، ان کي

جهٽ ڪن لاءِ زور ٻہ ڏيندا هئا. پوءِ "آر" ڏانهن ويندا هئا، جتي شيخ پٺي جي مزار آهي. شيخ پٺي جي زيارت ڪري پوئتي موٽندا هئا. موٽ تي ٻين بزرگن جون زيارتون ڪندا ويندا هئا. تان جو جڏهن صبح صادق ٿيندو هو، تڏهن مسجد ۾ اچي صبح جي بانگ ڏيندا هئا. ماڻهو پاڻ ۾ چوندا هئا، تہ حضرت پير صاحب وڏي صبح جو اچي ٿو بانگ ڏئي، شايد ننڊ ڪانہ ٿي اچيس. صبح جو نماز پڙهڻ کان پوءِ مٿي بيان ڪيل دستور موجب وري ڪم ۾ مشغول ٿي ويندا هئا.

جوانيءَ ۾ ڪافي عرصو سندن اهو دستور رهيو، پر اها ڪنهن کي بہ خبر نہ هوندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن کي عجب لڳي تہ هڪ رات ۾ ايترا پنڌ ۽ ڪم ڪيئن ڪندا هئا، تہ اهو چئبو تہ اولياء الله جي ڪارنامن کان بي خبر آهي، جن کي هڪ پير مشرق ۽ ٻيو مغرب ۾ رکڻ جي سگهہ الله تعاليٰ ڏني آهي.

• نقل آهي تہ: هڪڙي ڏينهن حضرت سيد صاحب جن هڪ هنڌان پلي جي مڇي ۽ ماني ڪائي مريدن، خادمن ۽ فرزندن سان گهوڙين تي چڙهي ڳوٺ اچي رهيا هئا. ساٿن ٻہ ٽي ڪونرا پاڻيءَ جا ساڻ هئا، جن مان جنهن کي اڄ لڳي ٿي، تنهن پيتو ٿي. پر انهن مان پاڻ پاڻي ڪونہ ٿي پيتائون. تان جو ڏاڍي اڄ لڳن، تڏهن بہ ڪنهن کي پاڻيءَ لاءِ ڪونہ چيائون. جڏهن گهرن کي اچي ويجها ٿيا، تڏهن پڇيائون، تہ ڪو پاڻيءَ ڍڪ آهي؟ جنهن تي فقيرن عرض ڪيو، تہ جڏهن پاڻي هيو تڏهن توهان چيوئي ڪونہ ٿي، هاڻي تہ ڍڪ بہ ڪونهي. ان تي مريدن کي چيائون، اڳي اوهان کي انهيءَ ڪري نہ ٿي چيم، تہ متان اوهان کي پورو نہ پوي.

• هڪ دفعي سيد صاحب جن فرزندن سان گڏجي، پنهنجي ٻنيءَ ۾ ڪر چوندڻ ويا. سنگ چونڊيندي سندن هڪ فرزند بيهوش ٿي ڪري پيو. گهڻيئي سڏ ڪيائونس، پر جواب ئي ندارڪ. آخر ائين وسهڻ لڳا تہ فوت ٿي ويو الائي ڇا؟ پر گهڻي وقت کان پوءِ سامت ۾ آيو. پڇيائونس تہ ورندي چو نہ ٿي ڏنيءِ؟ چيائين، "بک جي غلبي ۾ بي طاقتيءَ کان جواب نہ ٿي نڪتو." پوءِ سيد صاحب جن ڪيترا سنگ مهٽي، ٻوهي ڪيس ڏنا، تڏهن وڃي هلڻ جهڙو ٿيو. هڪڙي ڏينهن سندن وڏو فرزند ميان دين محمد ڪنهن شخص جا جَوَ ڪٽي، اڌ ٿو ٻو ان جو گهر ڪٽي آيو. ان کي چڙهي چنڊي، پيهي پچائي، وڏي شوق سان ڪائڻ لڳو، تہ ائين ڪندي سيد صاحب آيو. اچي چيائين، تہ مسجد ۾ هڪ بکارو فقير آهي، جيڪڏهن مانيءَ جو ٽڪر هجي، تہ ڏيو. ميان دين محمد اها ماني کڻي کين ڏني، جنهن تي خوش ٿي

ماني ڪٽي فقير کي کارائي آيا. پوءِ گهر اچي چيائون، ته هينئر اميد ته بک اوهان جي ويجهو نه ايندي ۽ اوهان جي حالت بهتر ٿيندي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ کين معلوم ٿيو ته سندن غيرآباد زمينون آباد ٿيون آهن. ان سلسلي ۾ پاڻ هي بيت پڙهندا هئا:

(57) پِنندي پرين سين، ويلا ڪَندي وَتُ،
ڪو پائِيندُءِ[12] مانيون، ڪو پائيندءِ[13] يَتُ.

• فرمايائون ته: هڪ ڏينهن احمد آباد جي شهر ۾، جو گجرات ۾ آهي، هڪ فقير ڏٺم. دل گهڻوئي چيو ته مون سان الله جي وات جون ڳالهيون ڪري، پر ڪجهه به نه ڪچيائين. ڪيترو وقت ماٺ ڪيون وينو رهيو، آخر آءٌ اٿي ڪڙو ٿيس، تڏهن هي بيت پڙهيائون:

هيڪو[14] جو اکر وِنگڙو،[15] گَرتُسي وڏي،
انڌاري گَهرِ[16] ديولا،[17] ڦِرڦِرجوت ڪري.[18]

• نقل آهي ته: هڪ سال سنڌ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻهو ويچارا بک ۾ باهہ ٿيڻ لڳا، پر سيد صاحب جن تازا توانا هئا. سندن منهن مبارڪ ۾ قحط جو ڪوبه اثر ڪونه ٿي ڏٺو.

• نقل آهي ته: هڪڙي ڏينهن ڪنهن مظلوم اچي سيد صاحب جن کي عرض ڪيو ته "فلاڻو حاڪم منهنجي پلي مينهن زوريءَ ڪٽي ويو آهي. اوهان الله لڳ ان وٽ هلو ته، من ڏئي وجهي" ساڻس گڏجي ان حاڪم وٽ ويا، جنهن سندن تعظيم ڪئي. هو ڳالهہ سمجهي ويو ۽ سيد صاحب جن کي چيائين ته شايد هن مينهن لاءِ آيا هوندءُ. سا وٺي وڃو ۽ تڪليف معاف ڪجو. پر پلائي ڪري وري نه اچجو." تنهن تي چيائونس ته، "آئين نه چوءُ. جيڪڏهن ڪو الله جي واسطي ڪم چوندو، ته اسان کي اچڻ نه ڏين، تڏهن به ايندا سين. جيڪڏهن اوهان لڪڻ هٽي ڪڍي ڇڏيندا، تڏهن به الله جي نالي تي ايندا سين."

• نقل آهي ته: هڪڙيءَ رات بلڙيءَ جا ڪي ڏنار، درياهہ جي ڪپ تي باهہ ٻاري سمهي پيا. اسر جو سيد صاحب جن درياهہ تي ڙ ڪرڻ آيا. تڙ ڪري جو نڪتا ته، سيءُ ٿيڻ لڳن، جنهن ڪري باهہ جي پرسان ويهي توءُ وٺڻ لڳا. جڏهن ڏنارن جي مٿس نظر پيئي ۽ پانيائون ته، ڪو ڌاريو ماڻهو باهہ تي وينو آهي، تڏهن ڌاڍي ڪاوڙ لڳن ۽ مٿن لٺيون وسائڻ لڳا. پاڻ ڪجهه به نه ڪچيائون، فقط ويٺا رهيا. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن ڪيس سڃاتائون. پوءِ ته پيرن تي ڪري پيس ۽ معافي وٺڻ لڳس. پاڻ چيائون ته، مون

ڪي اهي لٽيون توهان نہ هنيون آهن، اهو ڄاڻي ٿو، اوهان جو وچ ۾ ڪي ڪين وڃي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(58) وهُہ نہ ڏَمُرِئوءِ،[19] ڏِنوءِ[20] جي ڏاتارَ موهُہ[21]

ماڻِڪين[22] هَٿَ پَري، پاٽا آڏو اُسَرِئوءِ.[23]

• نقل آهي تہ: هڪ رات حجري ۾ ٻاهہ ٻاري سمهي پيا. ائين ڪندي هڪ شخص اندر لنگهي آيو. جنهن ڪي پنهنجي جاءِ ڏنائون ۽ پاڻ ٻي پاسي ڪان سمهيا. جهٽ نہ گذري تہ ٻيو ماڻهو آيو. ان کي بہ جاءِ ڏيئي ٻي پاسي ٿي سمهيا. اهڙي طرح ڏهہ ماڻهو آيا ۽ پاڻ هرهڪ کي پنهنجي جاءِ ڏيندا رهيا. صبح جو ڏٺائون تہ، سيني جي پيرن ڪان سمهيا پيا آهن.

باب ڇھون

سخاوت جي بيان ۾

• نقل آھي تہ: ھڪ دفعي حضرت سيد صاحب ڪن بزرگن ۽ مريدن سان ٿي ويا. واٽ تي جتي منزل ڪندا ھئا، اتي صبح جو جھنگ مان ماني پچائڻ لاءِ ڪاٺيون ڪري ايندا ھئا. سڀ بزرگ ڪين چوندا ھئا تہ، اوھان ويھي رھو.مريد پاڻھي ڪاٺيون آڻيندا. تڏھن بہ ڪاٺيون آڻيندا ھئا. سندن اھي اخلاق ۽ عادتون ڏسي، بزرگ پيا شرمسار ٿيندا ھئا.

• فرمائيندا ھئا تہ: مھمان کي ايترو ڪاڏو ڏجي، جو ڏيڍ ڪري ڪاڻ ڪان پوءِ ھڪ ماڻھوءَ جي ڪاڌي جيترو بچي پوي. جي ائين نہ ڪيائين تہ، مھماني جو حق بجا نہ آندائين.

• نقل آھي تہ: ھڪ دفعي "حاجي سورو"، جو ڳوٺ "ورھاڪي" جو ويٺل ھو، جو "جوڻ" جي طرف آھي، اچي سيد صاحب وٽ مھمان ٿيو. ان لاءِ قسمين قسمين طعام آڻي رکيائون. تنھن تي حاجي سوري ڪين چيو تہ، "ايڏا طعام ڇو رکيا اَٿو، اسان تہ، ھڪ ئي ڇڏائي نہ سگھنداسين." ورندي ڏنائون. "اسانجي رسم اھا آھي. اوھان کي جيڪي وڻي سو کائو."

• نقل آھي تہ ھڪ دفعي ھڪ مسڪين اچي سوال ڪيو. ان کي ھٽ تي وھاري، ويا شھر ۾ ان لاءِ پنڻ. پن مان ٿي خرار اَن ٿين، جو ھڪ گڏھ تي لڏي آڻي ان کي ڏنائون.

• نقل آھي تہ، ھڪڙي پيري ھڪ عورت ھڪ ماني ڪڻي سيد صاحب جن جي خدمت ۾ آئي. ان کي ڏاڍي عزت ڏنائون، ۽ چيائون تہ: "جنھن کي ڪجھہ بہ نہ ھجي، تنھن ھوندي بہ سخاوت ڪري تہ، ان جي تعريف ڪرڻ جڳائي. جنھن گھڻي مال دولت مان ڏنو تہ، اھا ڪا وڏي ڳالھہ نہ آھي."

باب ستون

محبت ۽ شوق جي بيان ۾

• سيد صاحب جن اڪثر جھنگ ۾ ويندا رھندا ھئا. ھڪڙي ڏينھن ھڪ فقير، جو سندن دوست ھو، ڪين صلاح ڏني ته، جھنگ ۾ نه وڃو ته بھتر، ڇاڪاڻ جو اتي شينھن ۽ بيا ڦاڙيندڙ مرون رھن ٿا. اھو ٻڌي رھندو اڳي کان به گھڻو وڃڻ لڳا ۽ پري پري ٻيلي جي وچ ۾ وڃي وڏي شوق سان ٻوڙن کي پاڪر پائيندا ھئا ته، من شينھن کائين. پرجتي به ويندا ھئا ته، اتان شينھن ۽ مرون ڀڄي ويندا ھئا ۽ ٻوڙا خالي ھوندا ھئا. ڪڏھن به ڪين ڪنھن شينھن يا مرونءَ ھٿان ايذاءُ نه رسيو، بيت:

(59) مَتو[24] واھَڻُ ڪَنَ ڪري، سنبوبين[25] ساڄَ،[26]
پِري نه پئا پَنَ ۾، [27] مَنُ پائيندي واڄھَ.[28]

• نقل آھي ته: فرمايائون ته، "دل ۾ خيال آيو ته، مست اگھاڙا تي گذاريون، ۽ ھيءُ ڦڪائيءَ واري گوڏڙي لڱن تان لاھي ڦِٽي ڪريون، پر جڏھن وقت جي عارف مخدوم نوح سان ملاقات ٿي، تڏھن اھو خيال دل تان لھي ويو." بيت:

(60) صورت ليکي ھت، معنيٰ ليکي[29] مارُوئين،[30]
عمر، مُنّ[31] جي چت، اوطاقون ٿَرن ۾.

• نقل آھي ته: ھڪڙي ڏينھن سيد صاحب، صبح جو مسجد جي پٽ سان رسو ٻڌي، ھي بيت به ٿي پڙھيو ۽ زارو زار رنائون به ٿي. ٻيپھريءَ ڌاري زمين تي ڪري پيا ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ مس مس حال ۾ آيا ۽ اٿيا. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(61) جوري[32] اتي جَنِ، داغ تُھجو[33] داسَڙا،
تُنّ ڪِنءَ متا تن، ڇنيسر چت ڪَٽين؟

• نقل آھي ته: سيد صاحب جن فرمايو، "خدا جي عاشقن جا حجرا دوزخ جي تري ۾ ھوندا." بيت:

(62) ڪُلاڇِيَ[34] ڪُنا، موتي ڪونه آئِيو،
ڪِنين رَڃَ وڃائيا، ڪَنين توبَھَ تاءُ[35]

• ھڪڙي خادم ڪان نقل آھي ته: ھڪ ڏينھن سيد صاحب پنھنجي ڳوٺ وڃي رھيا ھئا، مان به ساڻن گڏ ھوس. الاھي شوق وجد، ۽ محبت ۾ اھڙا ته مستغرق ھئا، جو ٻن پھرن تائين ڪجھ به نه ڪڇيائون.

آءٌ پڻ، مات ڪيون سندن ڪڍ تي آيس. انھيءَ استغراق جي حالت ۾ رستي جي پروڙئي نہ ٿي پين، مون کي ايتري چوڻ جي جرات نہ ٿي ٿي تہ: ھن طرف يا ھن طرف ھلو، تان جو وچي گپ چڪ ۾ ڪرياسين، جتان پاڻ ڇڏائي وري ھلڻ لڳاسين. جڏھن ڳوٺ جي ويجھو آياسين، تڏھن بہ ڪين پتو ڪونہ ٿي پيو تہ، ڪو گھر جي ويجھو آيا آھيون. پڪ ھيم تہ، ڳوٺ ڇڏي اڳي وھي ويندا، انھيءَ ڪري ڊوڙي وڃي سندس اڳ ورتم، تڏھن وڃي ھوشيار ٿيا ۽ گھر ڏانھن ھليا. پوءِ ھي بيت پڙھيائون.

(63) ڪُن ڪَلاچِيَ[36] پار، سَڏُ[37] نہ سُجي[38] ساٿيين،[39]

گھاتوئين سَندا مَڪُڙا، ڪي[40] تَڙِ بي نهارِ.[41]

• نقل آھي تہ: ھڪ ڀيري سيد صاحب جن کي امامن سڳورن جو قصو اچي ياد پيو. ڪيترو وقت زارو زار روئي، پوءِ مراقبي ۾ ٿي ويٺا. وري ڪنڌ مٿي ڪٽي امام حسين جو نالو ڪٽي، ڪجھ مدت پئي ھنجون ھاريائون. اھڙيءَ طرح وري وري مراقبي ۾ ٿي ويٺا. وري ڪنڌ مٿي ڪٽي امام حسين جو نالو ڪٽي، ڪجھ مدت پئي ھنجون ھاريائون. اھڙيءَ طرح وري وري مراقبي ۾ ٿي ويٺا ۽ امام پاڪ جو نالو وٺي گھڙيءَ گھڙيءَ ھاءِ ھاءِ ٿي ڪيائون، پر ڏک وچان ڳالھائڻ ئي نہ ٿي اڪلين. آخر ھي بيت چيائون:

(64) ڳورِيَ[42] بي نہ تاتِ، مِھار ئي مَنَ ۾،

جو[43] پُنّ پيئي رات، تہ ھُو سائِر[44] ھوءَ سوھَڻي.

• نقل آھي تہ، ھڪڙي ڏينھن ھڪ عورت، سيد صاحب جن جي خدمت ۾ آئي ۽ پنھنجي مڙس جي گلا ڪرڻ لڳي تہ، مون کي ماري ٿو ۽ نماز پڙھڻ کان جھلي ٿو. ٻڌڻ سان الاھي شوق جو مٿن غلبو ٿيو ۽ ڪيترو وقت اڪين مان آب ھاريائون. آخر ھي بيت پڙھيائون:

(65) ھوتُ نہ ڏنائون، ڏوھُ نہ ڏيان جيڏيين،

مٿي ڪري ھَٿَڙا، ھُندَ[45] مُنّ[46] جِنءَ[47] رنائون.

• نقل آھي تہ: ھڪڙي مريد، ھڪ ڏينھن سيد صاحب جن کي چيو تہ، ھڪ بزرگ ھوندو ھو، جو 12 سال لاڳيتو الاھي محبت ۾ آسمان ۾ اکيون وجھي ھڪڙي ھنڌ ويٺو ھو. فرمايائون تہ، ”جيڪي ان ڏٺو ھو، سو جي اسان ڏسئون ھا تہ، 24 ورھہ ائين ويٺا ھجون ھا.“ پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(66) مَجا[48] ڪِئا مُھانِ[49] ڪُلين[50] مٿي ڪِينرا،[51]

سَپَرُ جامَ سيٽانِ،[52] ويھِي راتِ وِروُھِيو.

• نقل آهي تہ: هڪ ڏينهن سيد صاحب جن هڪ هنڌ اڪيلا ويٺا هئا ۽ هيءُ بيت پئي پڙهيائون:

(67) ڪِهه[53] سَرَ سندا هَنجَڙا، ڪٿي[54] تا لَمَنِ،[55]

ڀڄا مان پون، تہ من اڏامن من ۾.[56]

انهيءَ بيت چوڻ شرط محبت ۽ شوق مان اکين مان آب وهڻ لڳن ۽ روح جي ڪري طاقت نہ ٿين جو ٻي مصرع پڙهڻ، ۽ بيت پورو ڪن.

• نقل آهي تہ: سيد صاحب جن هي بيت اڪثر گهڻي شوق ۽ محبت جي وقت پڙهندا هئا:

(68) آيَلِ سوهڻو[57] رَڏ،[58] سوهَڻي ڪامَ وِسهَي،

سُتي هُئڙا[59] گڏ، جان جاڳان تان ناهِ پري.

باب اٺون

سماع ۽ وجد جي بيان ۾

• جوانيءَ جي زماني ۾ هڪ دفعي سيد صاحب جن سماع پئي ڪيو، تہ راڳيندڙ هي بيت چيو:

اَڪَڙيون مليرِ ۾، جَنين راتو ڏينهہ،
عمر اَسائِنِ سين، هاڻي ڪندي ڪِيءَ.[60]

انهيءَ ٻڌڻ ڪان پوءِ ايتري قدر وجد ۽ شوق پيدا ٿين، جو ڪلهن واري چادر لاهي ڪٽي قوال کي ڏنائون ۽ پاڻ پنن اگهاڙن سان اندر حجري ۾ وڃي مراقبي ۾ وينا. ڳائيندڙ چادر موٽائي آٽي اڳيان رکين، پر پاڻ فرمايائون، "موٽائي ڪڏهن بہ نہ وٺنداسين. ڏهہ ڪاسا نانگليءَ جي گهر پيا آهن، اهي بہ توکي بخشاسون، ٻيو بہ جيڪڏهن گهر ۾ هجي ها تہ، توکي ڏيون ها." پوءِ هڪ مريد ڪان اهي ڏهہ ڪاسا آڻائي راڳيندڙ کي ڏيڻ لاءِ چيائون.

• نقل آهي تہ: هڪڙي پيري سيد صاحب جن سماع تي ڪيو، ائين ڪندي هڪ راڳيندڙ بيت ڏنو، جو ٻڌندي ئي زمين تي ڪري پيا. ايتري قدر استغراق ۾ تي ويا، جو نہ ڪولڳ ئي تي چرين، نہ ڪو جواب ئي تي ڏنائون. مريدن خادمن ڀانيو تہ شايد دارالبقا ڏانهن راهي ٿيا. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ڳائيندڙ وري ٻيو بيت ڏنو جڏهن آواز ڪن تي پين، تڏهن هوش ۾ آيا ۽ سماع کي لڳي ويا.

• نقل آهي تہ: هڪڙي ڏينهن سماع ڪندي مٿن حال اچي غلبو ڪيو ۽ الاهي محبت ۽ شوق سندن جثي مبارڪ تي غالب پيو. ان وقت هي بيت پڙهيائون:

(69) ڏيهُ[61] ڏِهائين[62] ناهِ،[63] جتي پيرُ[64] نہ پکيا،[65]
تتي ڪاهوڙِيان،[66] وَرَ ڏيئي[67] وَڻَ چُوندئا.[68]

جيڪي بہ بزرگ ۽ مريد اتي حاضر هئا، تن سيني چيو تہ. سيد صاحب هن بيت چوڻ سان وڏو ڪمال ڪيو آهي. جڏهن اهو ٻڌائون، تڏهن ڪين چيائون تہ. اهو بيت سولو آهي، پر هيءُ سمجهڻ گهرجي:

(70) مُنّ[69] پريان[70] جا پَکَڙا، تِهان پَري تئا.[71]

اهو ٻڌي سڀ چپ تي ويا.

• فرمايائون تہ: سماع پڻ علمن مان هڪ علم آهي، جنهن ۾ ڪو بہ خطرو ڪونهي.

- نقل آهي تہ: پيريءَ وارن ڏينهن ۾، اڌ رات جو اٿي سنڌي بيت چوندا هئا. جڏهن صبح جو حجري ۾ اچي وهندا هئا، تڏهن فقير ٻاهر اچي سرود سان سماع ڪندا هئا ۽ پاڻ ٻين فقيرن سان ٻڌندا هئا.

باب نائون

توحيد جي بيان ۾

• فرمايائون، تہ ٿيڏو هڪ شيءَ جي بدران ٻہ ڏسندو آهي. اهو عيب ۽ نقص پاڻ ۾ اٿس، پر ڏوهہ ٻين کي ڏيندو آهي. پوءِ چيائون:

72 پائيون جان[72] نہ ڪِجَن، روئي ڏوئي اَڪَڙيون،[73]
جُر ڪجُر[74] جن اکين[75] ۾، سي ڪِنءَ[76] پِري[77] پَسَنِ.

• فرمايائون تہ: الله تعاليٰ سچ مثال آهي، نبي ڪريم ﷺ ان جي پرتوي جيان آهن، ۽ ٻي موجودات ان جو پاڇو آهي. پاڇي جو دارو مدار پرتوي تي، ۽ پرتوي جو سچ تي آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص چوي، تہ هيءَ سموري روشنائي سج ڪان آهي، تہ سچ چيائين. اهڙيءَ طرح ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جي نور ڪانسواءِ ٻي ڪابہ روشنائي ڪانهي، جتي ڪٿي سندس ئي نور روشن آهي:

• فرمايائون تہ: بزرگن فرمايو آهي، تہ جيڪي ظهور ۾ اچي ٿو، سو سڀ اهوئي آهي. هن انسان جي لباس ۾ بہ پاڻ کي ئي پڌرو ڪيو آهي:

آن پادشاهِ اعظم دربستہ بود محکم
پوشيده دلقِ آدم ناگاه برسر آمد.

(اهو وڏو بادشاهہ، جنهن پنهنجو دروازو محڪم بند ڪيو هو، سو آدم جو جامو پهري، اوچتو ظاهر ٿيو.)

پوءِ قاضي قاضن جو هي بيت پڙهيائون:

❊ لا لاهيندي ڪَنِ ڪي، لا مورهين[78] ناهِہ،
بلا[79] ري پريان، ڪِتِ[80] نہ ڏسي ڪِين[81] ٻئو.

ان بيت جي پران هي بيت فرمايائون:

(72) لا مَ لوڏي ڪَڍُ، اِلا مَ لاهِہ[82] لِڪَ سين،[83]
جو مظهر سندو[84] ماڙوئين،[85] تہِ ڪي ڪَريين وَڏُ.

قاضي قاضن جو هي بيت پڙهيائون:

سائر ڏيئي لَتَ، اوچي نيچي ٻوڙئي،[86]
هيڪائين هيڪ ٿئو، ويئي سَڀَ جِهَتَ.

ان جي پيران ھي بيت چيائون:

(73) سائر ڏي نہ لَتَ، اوچِي نيچِيءَ سَيَ ڪِنهن[87]

نابودي نہ ٿئي،[88] اِي نا ديد جِهَتَ.

ان جو مثال اھا ساوڪ آھي، جيڪا زمين تي اڀري ٿي، پر پوءِ درياہ جي ٻوڏ ھيٺ اچيو نظر کان گم ٿيو وڃي. حقيقت ۾ ان سلوڪ کي نابود نہ چئبو، پر ان کي ھستي آھي، جا درياہ جي غلبي سبب گم ٿي وئي آھي.

فرمايائون تہ: جڏھن تڙ وارو تڙ وڃائيندو آھي، تڏھن تڙ جو آواز چوڌاري پکڙجي ويندو آھي. ماڻھو چوندا آھن، تہ تڙ ٿو وڃي. پر اھو ماڻھو جيڪو تڙ وڃائيندو آھي، ان کي خيال ۾ ئي نہ آڻيندا آھن.

• فرمايائون، تہ بي صورت (ذات مطلق) صورت ڪثرت ۾ ظھورو ڪيو آھي. تنھنڪري بي صورت کي صورت ۾ ڏسڻ گھرجي. حقيقت ۾ ھيءَ صورت ھرگز نہ آھي، پر اھائي بي صورت آھي. پر بي صورت کي صورت ڪانسواءِ ڏسي نہ ٿو سگھجي.

تمثيل ڏيئي فرمايائون، تہ جيڪڏھن جدا جدا رنگن وارن شيشن ۾ پاڻي وجھبو تہ، ھرھڪ شيشي ۾ پاڻي شيشي جي رنگ وارو ڏسڻ ۾ ايندو، پر حقيقت ۾ سيني ۾ ساڳيو بي صورت پاڻي آھي.

• فرمايائون تہ: اللّٰہ تعاليٰ فرمايو آھي، تہ اول ارادو ڪيم، تہ پنھنجي صفت ظاھر ڪريان، تہ جيئن منھنجي جمال جو جلوو ظاھر ٿئي. انھيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جي نور مان ھي جھان خلقيم ۽ ان کي پنھنجو آئينو بنايم، تہ جيئن پاڻ کي ان صورت ۾ پسان. پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(74) ڪا جا پَرِ پرينَ، نہ سا ٻُڌي نہ سُئي،[89]

مَتيون سَڀِ مُنجهَنِ اِهي[90] ڏِٺي قضيي.

• فرمايائون تہ: اللّٰہ تعاليٰ فرمايو آھي، ڪُنتُ ڪَنزاً مَخفِياً فَاَحبَبتُ اَنّ اُعرفَ فَخَلَقتُ الّخَلَق[91] (مان ھڪ مخفي خزانو ھوس، پوءِ مون پسند ڪيو، تہ پاڻ کي سڃاڻرايان. پوءِ مخلوق کي پيدا ڪيم.) پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(75) پاڻ[92] ئي سلطان، پاڻ[93] ئي ڏي سَنيهَڙا،

پاڻ[94] ڪَرَ پاڻ لهي، پاڻ سُڃاڻي پاڻ.

• فرمايائون: الله تعاليٰ جو فرمايو آهي، "ياايها الذين آمنوا" (يعني: اي ايمان وارو) سو اهو خطاب پاڻ ڏانهن اٿس، ٻي ڪنهن ڏانهن نہ سمجهو. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(76) اسين سڪَهُون[95] جَن ڪي، سي[96] تا اسين پاڻ،

هاٺي وَڄ گمانَ، صحيح[97] سُڃاتا[98] سُپَرين.[99]

• فرمايائون تہ: "لا فاعِل في الْوُجودِ اَلا الله" (الله کانسواءِ وجود ۾ ڪوبہ ڪم ڪرڻ وارو ڪونهي.) پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(77) توکي توڙائين، "لا" سين لاٿائون،

اجا پڻ آئون، واريون وجهين وچ ۾.

ان کانسواءِ قاضن جو هي بيت پڙهيائون:

"لا" لاهيندي ڪَنِ کي، "لا" موراهين[100] ناهِ،

بلا،[101] ري پريا، ڪِتِ نہ ڏسي[102] ڪو ٻئو.

ان جي رد ۾ سيد صاحب هي بيت پڙهيو:

"لا" مَ لوڏي ڪَڍُ، "الا" مَ لاهَ لِڪَ سين،

جو مظهر سندو ماڙوئين، تِہِ کي ڪَرِيين وَڏُ.

• فرمايائون تہ: اَلْحَقيقَتُ سار فِي الاَ ڪوان (يعني: "حقيقت دنيا جي هر شيءِ ۾ سمائجڻ واري آهي.)

تنزيہ ۽ تشبيہ

• فرمايائون تہ: تنزيہ ۽ تشبيہ هڪ شيءِ آهن، پر نالا ٻہ اٿن. تنزيہ عين تشبيہ آهي، ۽ تشبيہ عين تنزيہ آهي، پر فقير کي ٻئي گهرجن. ڇاڪاڻ جو پڪي هڪ پَرَ سان اڏامي نہ سگهندو آهي. تشبيہ جي معنيٰ آهي: هن موجودات ۾ جيڪي ٻن اکين سان ڏسجي، ڪنن سان ٻڌجي، يا جيڪي بہ قول يا فعل صادر ٿين، اهي سڀ خدا کان سمجهجن. تنزيہ جي معنيٰ آهي: جهان ۾ جيڪو بہ موجود آهي، سو سڀ اهوئي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

• تمثيل: فرمايائون، تہ بيابان ۾ ماڻهو پري کان رڃ ڏسي سمجهندو آهي، تہ پاڻي آهي، پر جڏهن ويجهو ويندو آهي، تہ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو اٿس. هي جهان بہ رڃ مثل آهي، جنهن کي ماڻهو ڪا شيءِ سمجهن ٿا، پر حقيقت ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، جيڪي آهي، سو پاڻ آهي.

• فرمايائون تہ: پير يا مرشد جي جسم مان مولا کي پسجي. ان ڪانسواءِ غير جو خيال بالڪل نہ آڻجي.

پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(78) جهِ[103] سَرَ سَندو نُورُ، جيلاهُ[104] سو سونهون[105] تبي،

تيلاهہ[106] لَيَنِ سپرين، ڳالِ [107] لَهجي[108] مُورُ.

• فرمايائون تہ: سُبحانَ مَنّ اَظهَرَ الاشياءَ وَهُوَ عَينهَا (پاڪ آهي اهو، جنهن شِين کي ظاهر ڪيو، حالانڪ اهوئي ان جو عين آهي.) پوءِ هي بيت پڙهيائون[109].

سوئي هيڏان، سوئي هوڏان، سوئي مَنِ وَسي،

تَنهِين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

• فرمايائون تہ: سلوڪ جي واٽ ۾ سڀ عاجز آهن. ڪنهن بہ ان جو پرو پاند نہ لڌو آهي. جيڪو چوي، تہ آءٌ اهو علم ڄاڻان ٿو، تہ پڪ سمجهو تہ، ان کي ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي. پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(89) آهي اُهجائو،[110] پيرپريان جو جيڏيون،

جِنين ساڃائو[111] تِنين تان نہ پروڙئو.

• فرمايائون تہ: لهر ۽ درياھ هڪ شيءِ آهن. پرنالا بہ اٿن.

• فرمايائون تہ: چوندا آهن، تہ ڏيو ٻري ٿو. حالانڪ ڏيو وٽ ۽ تيل ڪانسواءِ نہ ٻرندو آهي. ماڻهو انهيءَ وٽ ۽ تيل ڏانهن نظر نہ ٿا ڪن، ۽ روشنيءَ ئي ڏانهن منسوب ڪن ٿا. جيڪڏهن ڏئي ۾ وٽ ۽ تيل نہ هجي تہ ڪڏهن بہ نہ ٻري.

• فرمايائون تہ: كل قول قول الله و كل فعل فعل الله (يعني: سڀ ڪو قول خدا جو قول آهي، ۽ سڀ ڪو فعل خدا جو فعل آهي.)

• فرمايائون تہ: عارف ٻن قسمن جا آهن: "عارف قبل شيءِ" ۽ "عارف بعد شيءِ". عارف قبل شيءِ (شيءِ کان اڳ سڃاڻو) اهو آهي، جيڪو پهريائين خدا کي سڃاڻي ۽ پوءِ شين کي ڏسي، انهن کي ان ذات مطلق جا مظهر سمجهي، ۽ "عارف بعد شيءِ" (شيءِ کان پوءِ سڃاڻو) اهو آهي، جيڪو پهريائين شين جو مشاهدو ڪري، ۽ پوءِ شين کي خدا جو مظهر ڪري سمجهي.

• فرمايائون تہ: شيخ ابو طالب مڪيءَ فرمايو آهي، "اَنا اوّلُ مِنّ رَبِي سَنَتينِ" (يعني آءٌ پنهنجي رب کان بہ ورھ اڳي هوس). پوءِ هي هندي بيت پڙهيائون:

اي سمنا،[112] گانٺ[113] پريم ڪَي، پَڙي[114] جو ڪيسي پيرِ،
اِيءَ ڪولي ڪُلي نهين،[115] سَبَ جَڳَ رَهيا اُڏير.

باب ڏهون

نبين جو احوال

• شعلو: فرمايائون تہ، هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ تي ويو تہ، واٽ تي هڪ جوان نظر آيس، جيڪو هڪ رنگ محل جي سبزيءَ تي عبادت ڪري رهيو هو. حضرت موسيٰ جي سلام ڪان پوءِ هن جواب ڏيئي عرض ڪيو، تہ الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ دعا گهرجانءِ تہ، هو منهنجي دل ۾ محبت جو قطرو وجهي. اتي پهچڻ ڪان پوءِ هن ڪان اها ڳالهہ ئي وسري وئي. الله تعاليٰ فرمايس، ”تو منهنجي دوست جو نياپو وساري ڇڏيو.“ حضرت موسيٰ عرض ڪيو: ”خداوندا، سندس دعا قبول ٿي وئي.“ موٽ تي ڇا ڏسي تہ، رنگ محل ويران ٿي ويو آهي، ساوڪ سڪي ويئي آهي ۽ اهو شخص بيهوش ۽ بي خبر پٽ تي پيو آهي. سندس اکيون آسمان ۾ ڪتل هيون. سجاڳ ڪري پڇيائينس تہ، ”اڳي ڪهڙي حال ۾ هئين ۽ هاڻي ڪهڙي حال ۾ آهين؟“ ان جوان تہ جواب ڪونہ ڏنس، پر الله تعاليٰ جو آواز آيس تہ، ”اي حضرت موسيٰ! جنهن کي منهنجي محبت جو قطرو نصيب ٿيندو آهي، تنهنجو اهڙو حال ٿيندو آهي. پهريائين جڏهن باغن ۾ عبادت ٿي ڪيائين تہ، اجا محبت حاصل نہ ٿي هيس.“ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(80) سَجَڻَ ساعت[116] هيڪَڙي، جي ٿِيِنِ[117] اکيئون[118] ڌار،
تہ ڪَرَسَيِ جمارَ، ڏنوسين[119] نہ ڪڏهين.

(81) هنيون نہ حاضر جن، پري نہ اَکَڙِيَنِ ۾، [120]
تلها ڍانديا سڪٿا، [121] هِيئين[122] جاڙ جين. [123]

باب يارھون

بزرگن ۽ ولين جا نڪتا

• شعلو: فرمايائون تہ: ھڪڙي ڏينھن عارفن جي بادشاھ حضرت بايزيد بسطاميءَ، تي الاھي شوق غالب ٿيو ۽ عرش تي پھچي، چوڻ لڳو: ”اي عرش مون کي خدا جو ڏس ڏي، جو چيو اٿس تہ. ”اَلرّحّمانُ عَلَيٰ الَعرشِ استَويٰ- طٰہ-5-“ (يعني: رحم وارو الله عرش تي قائم آھي.) عرش جواب ڏنس، ”جنھن کي تون ڳولھين ٿو، تنھن کي خاڪين ۾ ڳولھ. چاڪاڻ جو فرمايو اٿس تہ. ”اِنّاَ عَرَضنَا اَلا مانَۃَ عَلَي السّماوَاتِ وَالّاَرضِ وَالّجِبَالِ فَاَبَيَن اَنّ يّحّمِلنَھَا و آشفَقنَ مِنھَا وَحَمَلَھَا الِانّسانُ اِنّہُ کَانَ ظَلُوماً جَھُولاً.“- الاحزاب- 72. (اسان آسمانن، زمين ۽ جبلن کي امانت آڇي، پر ھنن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊنا، پوءِ ان کي انسان کنيو. تحقيق ھو پاڻ تي ظلم ڪندڙ ۽ اڻ ڄاڻ آھي.) پنھنجو راز خاڪي انسان ۾ رکيو اٿس، تنھنڪري تون اتي وڃي ڳولھينس. جيڪي انسانن ۾ آھي، سو ہي ڪنھن ۾ بہ نہ آھي.“ پوءِ ھي بيت پڙھيائون:

(82) اِنھيءَ ۾ آھي، جي تُنّ پائيين جھوپِڙا،
تاڙي جي لاھي، تہ چارو[124] لوڪ ٿيي.
(83) مَرُہ ڪرمنجاران،[125] بھر[126] ڍونڊ مَ ڍور جڻءَ
اُڪري آرا،[127] ڪنڍيَ پُجَڻَ ڏاڪڙي.[128]

• شعلو: فرمايائون تہ. ڪنھن زماني ۾ ھڪڙو فقير ۽ شھزادو پاڻ ۾ دوست ھوندا ھئا. بادشاھ جي مرڻ کان پوءِ جڏھن شھزادو تخت تي ويٺو، تڏھن فقير ڪنھن ٻي ملڪ ڏانھن ھليو ويو ھو. ھڪڙي ڏينھن ان فقير کان ڪنھن غريب شخص ھڪ درھم گھريو، جنھن کي چيائين تہ. ”ھل تہ ھلي وقت جي بادشاھ کان وٺي ڏيانءِ، جيڪو منھنجو دوست آھي.“ آخر صلاح ڪري ٻئي اتي ھليا. ھوڏانھن شھزادي وزير کي چيو تہ. ”دينارن جي ڳوٿري ڪڻو تہ. فقير دوست کي ڳولھي ھلي ڏيان.“ شھر کان ٻاھر نڪتا تہ. فقير بہ ملين. ٻنھي ويھي پاڻ ۾ روح رھاڻ ڪئي. پوءِ فقير ان شخص لاءِ ھڪ درھم جو سوال ڪيس. بادشاھ جي اشاري تي ھڪڙو درھم ان کي ڏنو ويو، جو ھو وٺي موڪلائي رمندا رھيا. وزير حيران ٿي پڇيو تہ. ”بادشاھ سلامت! ھيءَ سڄي ڳوٿري فقير لاءِ ڪٽائي ھليا ھيا، سو ڏنوس ڇونہ؟“ بادشاھ

وراڻيو، ”جيڪڏهن هو طمع رکي سوال نہ ڪري ها تہ، جيڪر هيءَ سچي ڳوٺڙي ڏيانس ها، هاڻي جڏهن طمع رکيائين تہ، هڪڙو درهم بس اٿس.“ پوءِ هي بيت پڙهيائون:

(84) تو ڏانُ توتي ڏاڻُ، هي پاڻ اتي مڱڻو،
اهي پارين اَسئو، ڪوچئي وجائي پاڻُ.

• فرمايائون تہ: حضور ﷺ جن جي زماني ۾ هڪ شخص هوندو هو، جو فاسق ۽ فاجر هو ۽ ساري رات خراب ڪمن ۾ گذاريندو هو. جڏهن مئو، تڏهن حضور ﷺ جن کي خبر ڏنائون تہ، سندس جنازي سان هلو.جنازي پٺيان هلڻ وقت پاڻ سڳورا پبن تي هلي رهيا هئا. ماڻهن جي پڇڻ تي فرمايائون تہ، ”آسمان کان ايترا ملائڪ لٿا آهن، جو زمين تي پير رکڻ جي جاءِ ئي ڪانهي.“ اصحابن کي عجب لڳو ۽ چوڻ لڳا تہ، ”هي شخص تہ، ڏاڍو گنهگار هو.“ موٽڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم جن ان شخص جي گهر آيا ۽ سندس پٽن کان پڇڻ لڳا تہ، ”هي شخص ڇا ڪندو هو ۽ ڪهڙي عبادت ڪندو هو؟“ هنن ڪين ٻڌايو تہ، ظاهري طرح وڏو گنهگار هو ۽ ڪيترا ڪچا ڪم ڪيا هئائين، پر سمهڻ وقت هي دعا گهرندو هو:

سُبّحَانَ اللهِ الّمُقَدِرِ لِمَا يَشَاءُ بِقُدرَتِہ وَ فَعّالُ لِمَا يُرِيّدُ بِعِزَتِہ بِرَحّمَتِکَ يَا اَرّحَمَ الرّاحِمِينَ.

---

[1]. سچ (ق)

[2]. پنوهہ (ذ)

[3]. ڪر (ق)

[4]. پوئين مصرع ”جهہ“ ۾ ڪونهي. ٻم، هر ۽ س ۾ هي سجو بيت ڪونهي.

[5]. هيڏا هوڏاهہ (س)

[6]. پرين (جهہ)

[7]. هي بيت ٻم ۽ هر ۾ ڪونهي.

[8]. ڪيو (ٻم، هر)

[9]. سا (ٻم، هر، س)

[10]. پرينءَ (ٻم، هر)، پريان (س)

[11]. سنڌي (ٻم، هر)

[12]. وجهندءِ (جهہ)

[13]. ڪي پائينديون (م)

[14]. هيڪ (س)، ايڪ (جهہ)

[15]. ونگرا (س)

[16]. گر (س)

[17]. ڏيورا (س)

[18]. هي بيت ٻم ۽ هر۾ ڪونهي.

[19]. ڏمرئو (س، جهہ)، ڏمرادا (ق)

[20]. ڏٺي (س، جهہ)، ڏٺءِ (د)

[21]. مُرُہ (ذ، جهہ، س)

[22]. ماڻڪ (س)

[23]. آڏو اچي اسرئو، آندو اتڙئو (جهہ)

[24]. متيو (ٻم، هر)، متو (جهہ)

[25]. پڇي سابري (س)، ساپايون (ٻم، هر) سبوبي (ذ)

[26]. ساج (ٻم، هر)

[27]. پرين پئا پٽ ۾ (ٻم،هر) "ق" ۾ نہ جو حرف آيل نہ آهي.

[28]. مون وجهندي واجهہ، پرين پئا نہ پن ۾ (س) پائي واج (م)

[29]. لکي (ٻم، هر)

[30]. مارئي (ٻم، هر)

[31]. منهنجي (س)

[32]. جنري (س)، جهوري (ق)

[33]. تون جو (د)

[34]. ڪلاچي جي (ٻم، هر، ق)

[35]. کٽي رچ ويا، گهٽن گهاتوئڙن جا (ٻم، هر، س)

[36]. ڪلاچي جي (ٻم، هر)

[37]. سڌ (ٻم، هر، ق)

[38]. سجهي (ٻم، هر، ق)

[39]. ساٿيين (ٻم، هر، س، جهہ)

[40]. ڪِہ (ذ)، گهري (م)

[41]. وجي ٽپي نهار (ٻم، هر)، وجي ٻي ٽڙ نهار (س)، ٻي ٽڙڪيم نهار، سندا گهاتوئين مڪڙا (جهہ)

[42]. گهوري (ٻم، هر، ق)

[43]. جيءَ جو (م)، جه (ق)

[44]. ساهر (س، جهہ)

[45]. هوند (بم، هر)

[46]. ما (س)، مون (د)

[47]. جي (س، د)

[48]. ما چا (س)، ما چا (جهہ، مجا ڪيئا (ق)

[49]. مهار (س)

[50]. ڪلي (س)، (ر) ڪلن (م)

[51]. ڪير (م)، ڪيئا (ق)

[52]. سيڙان (س)

[53]. ڪي (ر)

[54]. ڪِيتي (د)

[55]. چٽن (بم، هر، ق، جهہ)

[56]. هيءَ مصرع صرف "س" ۾ آهي.

[57]. سهٽو (بم، هر، س)، سوهٽون (د)

[58]. رد (بم، س، هر، ق)

[59]. هئڙم (بم، هر، س، ڏ، ق)، هوا (م)

[60]. هاٿي ڪندي ڪِيَ، عمر آسائن سين (س)

[61]. ڏهہ (د)

[62]. ڏهائي (س)، ڏهاڙي (بم، هر)

[63]. ڏور (س)

[64]. پهچ (س)

[65]. پکيا (س)، پکٽا (م،هر)

[66]. گهاريان (بم، هر)

[67]. ڏئو (م)

[68]. چران (بم، هر)

[69]. پڙ (س)

[70]. پريا (س)

[71]- ٿئام (ٻم، هر)

[72]. تا (ٻم، هر)

[73]. اڪيون (ٻم، هر جهہ، س)

[74]. ڪجر(د، ٻم، هر)، ڪجل (س)

[75]. وچ ۾ (ٻم، هر)

[76]. ڪيئن (جهہ، ٻم، هر)، ڪي (س، د)

[77]. پرين (جهہ، س)

[78]. موراڻين (س)

[79]. بالله (س، جهہ)

[80]. ڪٿ (ٻم، د، س)

[81]. ڪي (ٻم)

[82]. لاهي (ٻم، هر)

[83]. الا چِنُ ملڪَ سين (جهہ)

[84]. مَر (س)

[85]. تي ڪي (د)

[86]. سپ ڪنهن (د، ٻم، هر)

[87]. ٻوڙئي (ٻم، هر ڪهم (س)

[88]. نينڊي (ٻم، هر)

[89]. نہ سا سئي، نہ ٻڌي (س)

[90]. آهي (ٻم، هر) اهڙي (س)

[91]. حديث قدسي مشهور آهي.

[92]. پاڻ هي (س)، پاٺهم (جهہ)

[93]. پاٺهم (جهہ، س)

[94]. پاٺهہ (جهہ)

[95]. سڪون (ٻم، هر س)، سڪئون (د)، سڪهم (جهہ)

[96]. تاسي (جهہ)، تان سي (د)

[97]. سهي (د)

[98]. سجاتو (ٻم، هر)

[99]. وچان وچ گمان، سڄاتوسين سپرين (س)

[100]. مورهين (د)، مورائين (س)

[101]. باللہ (س)

[102]. پسجي (س)، ڏسجي (بمر، هر)

[103]. جي (د)، جنہ (بمر، هر)

[104]. جيڏا (س)

[105]. سهون (د)، سوهو (س)

[106]. تيلا (س)، تيلانھ (بمر، هر)

[107]. ڳالھ (بمر، هر)

[108]. ڪهجي (جھ)

[109]. هي بيت ڀيو پيرو آيو آهي، انهيءَ ڪري نمبر نہ ڏنو ويو آهي.

[110]. اهجائو (ق)

[111]. سڃاڻو (ق)

[112]. يعني هي "سمن" نالي شاعر جو آهي.

[113]. گهات (بمر، هر)

[114]. ٻهي (بمر)

[115]. ڪري تخمينا اس مين (بمر)

[116]. سات سات (جھ)

[117]. ٺيا (س)، ٺيي (بمر، هر، ق)

[118]. اکين (ر)، اکيان (بمر، ق، هر)

[119]. ڏنوسون (بمر، هر، ق)، ڪِہ نہ ڏنا (س)، توسين هئا (جھ)

[120]. پري نہ اکڙين ۾ هنيون تہ حاضر جن (س)،

[121]. تتنان ڏار سڪرا (بمر، هر)، نلھا، ڏانڌا سڪران (ق)

[122]. هونهين (بمر، هر)، هنهر (س)

[123]. هنهر جاڙجين، تلا تاتا سڪڻان (س)

[124]. اوجارو (بمر)

[125]. مرہ مجهارا پاءِ (بمر)

[126]. ٻهار (جھ)

[127]. ارا (جهه)

[128]. اکڙي آرا ڪيي پچڙ ڏانه ڪري (بمر)

(پاڪ آهي اهو خدا، جو پنهنجي قدرت سان جيڪي وڻيس ٿو، سو خلقي ٿو ۽ جو پنهنجي طاقت سان جيڪي گهري ٿو سو ڪري ٿو. اي ٻاجهاري ۾ ٻاجهارا تنهنجي ٻاجهه گهرجي.) ان دعا گهرڻ کان پوءِ چوندو هو ته، ”اي خداوندا! جيڏي تنهنجي وڏائي آهي، جيڏو تون آهين، تيڏي تو ۾ اميد آهي.“[1] پوءِ حضور ﷺ جن کي يقين ٿيو ته، ايڏو شرف ان دعا جي ڪري مليو هوس. شاھ ڪريم هن کان پوءِ هي بيت پڙهيو:

(85) جهُورِيرا جُهڻڪَنِ،[2] متي مَيين مَڱڻا.
سَپڙَ راتِ سَمَڪِيا،[3] ڏِڪِيا ڏينهَ[4] ڏسن.
گهر تا گهوٽ وجن، چِندا لٿي چارڻين.

• فرمايائون ته: هڪڙي بزرگ هڪ ڏينهن حجم کان ٿي سنوارت ڪرائي. انهيءَ دوران به بزرگ لا اله الا الله جو ذڪر ٿي ڪيو. جڏهن چپن جا وار ونڻ لڳس، تڏهن چيائين ته، ”توري دير وات بند ڪريو، ته متان تڪو نه اچي وڃيو.“ بزرگ وراڻي ڏنس ته، ”صبر ڪيئن ڪريان، سچ پيو هلي، اهو ڪو بس ڪري ٿو؟ جڏهن اهو هلڻ بس نه ٿو ڪري ته، پوءِ مون کي ڪهڙي طاقت آهي، جو الله جي يادگيريءَ کان غافل رهان.“ ان حڪايت کان پوءِ سيد صاحب هي بيت پڙهيو:

(86) تان ڪي ڳوري ڄلُ، جان لاڙائو سچ ٿئو.
هاڙي ڏاري هل، وجي هوتن[5] جو ٿئو.

• فرمايائون ته: ڪنهن بزرگ کان پڇيائون ته: ”مجازي عشق ڪيئن پچائجي؟“ چيائين ته، ”مجاز مانيءَ جيان پچائجي، جا نه ڪچي رهي نه سڙي وڃي.“ ان کان پوءِ سيد صاحب هي بيت پڙهيو:

(87) مجازي موهي، ڪڏهن[6] وينڌءِ نِڪَري.
اَکَڙيون توهي، مَچَڻُ وِهين وِسَهي.

• شعلو: فرمايائون ته: هڪ دفعي هڪ واعظ، وعظ ۾ چيو ته جيڪو ماڻهو 7 ڀيرا الحمد پڙهي، درياھ تي شوڪاريندو، ته ان هنڌان درياھ سڪي ويندو. هڪڙي مزور جيڪو روزانو درياھ ٽپي ڪاٺيون ڪري ايندو هو، هن اهو وعظ ٻڌي، الحمد ياد ڪيو. ان کان پوءِ هو درياھ تي ڦيٽو وجهندو هو، ته درياھ سڪي ويندو هو ۽ هو لنگهي ويندو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ ان ساڳي واعظ ڪيس اهڙي نموني درياھ

ٽپندي ڏٺو، جنهن تي عجب ڪاٿي ڪائنس درياهہ جي سڪي وڃڻ جو سبب پڇيائين. ڪاٿير چيس، ”تو جيڪو طريقو ٻڌايو هو، ان تي ئي تہ هلان ٿو.“ واعظ دل ۾ خيال ڪيو، تہ چونہ مان بہ ائين ڪيان. سو الحمد پڙهي شوڪاري درياهہ ۾ گهڙي پيو، ۽ انهيءَ گهڙيءَ درياهہ ۾ ٻڏڻ لڳو. گهٽيون ئي دانهون ۽ سڏ ڪيائين، پر ڪجهہ بہ نہ وريس. ان ڪان پوءِ سيد صاحب هي بيت پڙهيو:

(88) ويساهہ وارن[7] لنگهئو، اَويساهَنِ تارِ،
ملووجي ڪُنَ ڪَرِ، تُنّ ڪُنرَ[8] ڪوڙِ نِهار.

باب ٻارهون

سنڌ جي بزرگن جون حڪايتون

• شعلو: فرمايائون، تہ هڪڙي ڏينهن حضرت سيد رڪن الدين متيارن واري فرمايو، ”تيرن جي ٻٽي ٻريو، تيزيءَ مان پيو هٽان. اهي تير ڪن جي ڪنن وٽان، ۽ ڪن جي منهن وٽان لنگهي وڃن ٿا. پر اهڙو ڪارگر نہ ٿو ٿئي، جو اهو پٽ تي ڪري، ڪوڪون ڪري، ۽ مجروح ٿي پئي.

• شعلو: فرمايائون، تہ مخدوم اسماعيل سومرو فقير بہ هو تہ غني بہ. ڪيس ماهيو مال جهجهو هوندو هو. هڪ ڏينهن سندس نياٽيءَ مخدوم عثمان کان پڇيو، تہ اسان جون ٻانهيون جڏهن ڏڌ ولوڙينديون آهن، تہ ڏڌ جا ڦڙا سندن پيرن ڪي لڳي وري چاڏيءَ ۾ پوندا آهن، اهي پاڪ آهن يا نہ“ تڏهن مخدوم صاحب چيو[9]:

• چارئي پَلوءَ چِڪَ ۾،[10] پڇي پارِيَر وِٽِ،

اِنَ اِهڙي احتياط سين، ڦٽ پڇاٽا ڦِٽ.

پوءِ چيائين تہ ”بادشاهہ جا انعام وٺو ٿا، ۽ وري پڇو ٿا اهڙا مسئلا؟“ سيد صاحب اها ڳالهہ ڪري پوءِ هي بيت پڙهيو:[11]

(89) چارَئي پَلوءَ چِڪ ۾، اديون مُنّ آهين،

پانئِڻ جي پائين، سي تِرڪَنِ تَڪَڙي.

• شعلو: فرمايائون، تہ هڪڙو فقير هوندو هو، جنهن کي الله تعاليٰ جو وصال نہ ٿي ٿيو، ۽ هي بيت پئي ورجايائين:

• اَرّتاسُ مِلاءِ، جِس ملندي[12] مَنُ ملي،[13]

دِيا پيک اُتاءِ، نيت ڪا ڪپڙا ڪَون

سيد صاحب فرمايو، تہ ”ديا“ مان مطلب آهي: الله تعاليٰ ۽ پيک مان مراد آهي: قيامت.

• شعلو: فرمايائون، تہ هڪڙي ڏينهن هڪ ملامتي بزرگ،[14] قاضي قاضن جي مسجد جي محراب ۾ اگهاڙو محراب طرف پير ڪري سمهيو پيو هو. جڏهن قاضي قاضن ڪيس ان حالت ۾ ڏٺو، تہ درو ڪٽي پير کان هٽڻ لڳس. چا ڏسي، تہ پيرن جي جاءِ تي متو آهي. پيرن جي جاءِ ڏانهن ويو، تہ وري اتي بہ متو ڏسڻ ۾ آيس. اهڙيءَ طرح ڪيترا پيرا ڪوشش ڪيائين. آخر ڏاڍو تنگ ٿيو ان کان پوءِ ان بزرگ

چيس: ”پير جيڏانهن وڃُنئي تيڏانهن ڪر، پر دل پنهنجي خالق ڏانهن ڪر.“ ان کان پوءِ درو ڦٽي ڪري خدا جي طالبن مان ٿيو، ۽ هي بيت پڙهائين:

جوڳِي جاڳايوسِ، ستو هوسِ ننڊ ۾،

تِهان پوءِ ٿيوسِ، سنڌي پريا پيچَري.

• فرمايائون، ته سنڌ جو بادشاهه مرزا شاهه حسن (ارغون) هڪ ڀيري ملڪ جو سير ڪندي اگهم ڪوٽ وٽان اچي لنگهيو، جيڪو نيرن ڪوٽ جي ويجهو آهي. اتي هوتي اگهمي نالي هڪ بزرگ تڪڙو تڪڙو سندس پٺيان هلڻ لڳو. جڏهن بادشاهه کي اها خبر پئي، تڏهن چيائين: ”شايد زمين جو ڪو ٽڪرو اٿس.“ بادشاهه هلندي هلندي اچي ان زماني جي مخدوم عمر بودلي جي جاءِ وٽ پهتو. عمر بودلي ڏانهنس ڪوبه توجهه نه ڏنو. لاپرواهه ٿيو ويٺو رهيو، ۽ بادشاهه جي ڪابه تعظيم نه ڪيائين. جڏهن بادشاهه کي سندس روش جي خبر پئي، تڏهن چيائين: ”زمين نه هوندس، تڏهن ته اسان جي تعظيم نه ٿو ڪري.“

• فرمايائون، ته سيد علي شيرازي ٺٽي جي مخدوم آچر جو مريد هو. هڪ ڏينهن مخدوم آچر کي ويٺي زور ڏنائين، ته ائين ڪندي مخدوم عبدالحليم (جيڪو درويش دائود جي درگاهه ۾ مدفون آهي) اچي اتان لانگهائو ٿيو. سيد علي شيرازي کي زور ڏيندو ڏسي، مخدوم آچر کي چيائين: ”هُتي هُن طرح ۽ هِتي وري هن نموني؟!!“ ان تي مخدوم آچر جواب ۾ چيو: ”ٻيا گهڻَن ۾ ٿورا ۽ هي ٿورن ۾ ٿورا.“ اهو جواب ٻڌي هو هليو ويو. ان کان پوءِ سيد علي شيرازيءَ مخدوم آچر کان انهيءَ سوال جو مطلب پڇيو. انهيءَ تي مخدوم آچر کيس ٻڌايو، ته ”سوال جواب جو مطلب هو، ته هُتي يعني حضور نبي ڪريم ﷺ جي بارگاهه ۾ ڪهڙيءَ نه آزي ۽ نيزاري ۾ هوندو آهين، ۽ هتي وري سندن اولاد کان خدمت ٿو ڪرائين؟! جواب جو مطلب هي آهي، ته گهڻا ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي چاهين ٿا، ته ٻين مان گهڻي ۾ گهڻو فائدو حاصل ٿئي. اهڙا ماڻهو ٿوري ۾ ٿورا آهن، جيڪي چاهين ٿا، ته اسان مان ٻين کي فائدو حاصل ٿئي. ان جواب مان منهنجي مراد اها هئي، ته زور انهيءَ ڪري ٿو ڏيارايان، ته جيئن زور ڏيندڙ کي مون مان فائدو حاصل ٿئي.

• فرمايائون، ته هڪ ڀيري سيوهڻ جو مخدوم نجم، حضرت مخدوم نوح جي خدمت ۾ آيو، ۽ کائنس پڇيائين، ته ”هينئر ڪهڙي امر ۾ مشغول آهيو.“ جڏهن مخدوم نوح کيس ڪوبه جواب نه ڏنو، تڏهن

وڏي آواز سان چيائين: ”هينئر ڇا پيا ڪريو؟“ ان تي مخدوم نوح ڪنڌ مٿي ڪري چيو: ”مخدوم هن وقت ڪجهه بہ نہ ٿو ڪري“ ائين چئي قرآن شريف جي هيءَ آيت پڙهيائين: ”والہ خلقکم وما تعملون“- الصّافات- 92 (هو ڏانهن اوهان کي ۽ جيڪي اوهين بنايو ٿا، تن کي اللّٰہ پيدا ڪيو آهي.)

اها آيت ٻڌي مخدوم نجم خاموش ٿي ويو ۽ ڪجهه پرپرو وجي ويٺو.

باب تيرهون

شاهہ ڪريم جي تصرف بابت

• هڪ مخلص جي روايت آهي، تہ هڪ ڏينهن حضرت سيد صاحب جن جي زيارت جي خيال کان ٺٽي کان نڪري سندن ڳوٺ آيس. جتان معلوم ٿيو، تہ پاڻ ڪيڏانهن ٻاهر نڪري ويا آهن. نااميد ٿي موٽيس ۽ پناهہ واهہ جي ڪناري تي اچي ڏک ۾ ويهي رهيس، ۽ سڪ سان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس، اوچتو پري کان هڪ مٿي اگھاڙو سوار ايندو ڏٺم ۽ صحيح ڪري ويس تہ حضرت پير صاحب جن آهن. ان وقت الاهي جمال جي بحر ۾ غرق هئا، ۽ عشق جي ڏوريءَ ۾ ايڏو ٻڌل هئا، جو سرير جي سڌ بہ ڪانہ هين، ايتري قدر جو ڪين اهو بہ سماءُ ڪونہ هو، تہ مٿو اگھاڙو آهي، جڏهن مون کي ڏٺائون، تڏهن فرمايائون:

(90) "مُنَّ ڏورائين لڪئا، تہ هي گھاتوئن وياءُ."[15]

پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڏانهن رخ رکي مون کي فرمايائون، تہ فلاڻي هنڌ هڪ شخص منهنجي مهماني ڪئي هئي، اڄوڪو ڏينهن رهڻ لاءِ ڏاڍيون منتون ڪيائين، پر مون نہ مڃيو ۽ اٿي هليس، تہ ڳوٺ وڃي سهڙان. ان وقت مون کي بہ بک لڳي هئي، سو هڪ ماني هٿ مان ڇوڙي ڏنائون.

• نقل آهي، تہ هڪ دفعي حضرت سيد صاحب جن ڪڪرالي جي ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ وڃي مهمان ٿيا، ۽ ان جي ماني کاڌائون. ڪن ماڻهن کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن انهن کي بڇان لڳي ۽ ڇوڻ لڳا، تہ حضرت پير صاحب کي چورن جي گھر ۾ رهڻ ۽ کائڻ مناسب نہ هو. انهيءَ خبر ٻڌڻ تي فرمايائون:

(91) خرقان[16] خوش ڪري، اچي ويناسون،

جائين ڏني حسن کي، تائين ڏيندهين[17] مُنَّ.

• هڪ موقعي تي فرمايائون، تہ حقيقت ۾ مشهوري مصيبت آهي، پر ماڻهو ان کي پسند ڪن ٿا، ۽ گمنامي راحت آهي، پر ماڻهن کي ان مان مزو نہ ٿو اچ. مرتبو ۽ عزت ڳولڻ فقيرن کي نہ جڳائي. طالب کي بلند همت ٿيڻ گھرجي، بيت:

ونگا ور پاڳن، گھور ابتي گھوٽيين،

سينگڙيين پر ڏٺو، وٺا ڪچ چرن.[18]

• فرمايائون، جيئن تون ٻانهون آهين، تنهنڪري جيڪي مالڪ ڪري ۽ سندس خيال ۾ اچي، تہ ان تي راضي رھ، ۽ ائين نہ چئو تہ هيئن چو ڪيائين ۽ هونءَ چو ڪيائين، ۽ ڇاجي ڪري ڪيائين. پوءِ هي بيت پڙهيائون[19]:

اِيَ ڪڇائي منج تو، جو تہ پائيو ڪَڇُ،
جيڪي سندو سَجَڻين، سو سيوئي سَچُ.[20]

باب پنڌرهون: هن ۾ شاهہ ڪريم جي وفات جو ذڪر آهي.

باب سورهون: هن ۾ سيد صاحب جي فرزندن جو ذڪر آهي. بيان العارفين جو صاحب آخر ۾ لکي ٿو: مون هي رسالو سنہ 1038هہ ۾ پورو ڪيو.

هر ڪہ خواند دعا طمع دارم - زانکہ من بنده گنهگارم.

نوٽ: بابن جي اها سٽا بيان العارفين سنڌي مطابق رکي وئي آهي. بيان العارفين جي فارسي نسخي ۾ ست باب آهن، جن کي بيان العارفين سنڌي ۾ چوڏهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. سٽن بابن کان پوءِ ”خاتمہ“ آهي، جنهن کي پندرهين ۽ سورهين باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

اُپٽار

فصل پهريون

معنيٰ ۽ شرح

[اشارا: معنيٰ ۽ شرح ۾ هيٺيون تخفيفون اختيار ڪيون ويون آهن:

پرا	=	پراڪرت		ف	=	فارسي
سن	=	سنسڪرت		م	=	مصدر
ع	=	عربي.		:		”يا“ جي نشاني]

ڏکين لفظن جي معنيٰ

آيل= امڙ، جيجل، مان

اُپُ= (پرا. اپ، سن. اپر- اپ= پاڻي+ پر= پرڻ. يعني ڪڪر، آسمان.) آسمان، آڪاس. (ظرف)، مٿي، اپو، اچو.

اتر= (سن. اتر- اد= مٿي+ تر= پار پوڻ)، اترطرف، عيوضو، بدلو.

اپٽڻ= کولڻ.

اُڇهي= م- اڇهڻ (سن- اُدوهہ- اُد= مٿي+ وَهُہ= ڪڍڻ) اڪلڻ، ٽيڻ، پهچڻ، پڄڻ. شاهه لطيف اهو لفظ ساڳيءَ معنيٰ ۾ هن طرح ڪم آندو آهي.

”جي پيا منهن مهراڻ،

تن پانديين پڳهه نہ اڇهي.“

آرا= سن. آرا- آ= تائين+ ر= وڃڻ(دل جو لاڙو، پيار، انگل، ناز، مرضي، ور، وٽ، وهڪرو، گهير، ڪن، چڪر، مهاڙ، اتي ڏڪر راند ۾ پنجون انگ.

اَرٿ= (سن. اَرٿُ= ڳولڻ) مطلب، معنيٰ، شرح، اشارو، مضمون، ڳالهہ، سمجهاڻي، سبب، فائدو.

اَسئُو= (اَ= نہ+ سئو= ٻڌ وارو، عقل وارو)، بي عقل، بيوقوف.

اُڪَري= م- اڪرڻ، (سن. اُتڪَرشَڻَ- اُت= مٿي+ ڪُرّش= ڇڪڻ)، ٻاهر ڪڍڻ، پار پهچائڻ، ٻيءَ پر لنگهي وڃڻ، پار پوڻ.

الا= (ع. حرف استثناء)، پر، ڪانسواءِ، غير.

اَلئو= الائي.

اَمڻ= اَ= نہ+ من= دل)، بي دليو، بي خيالو.

”اورڪي“ يا ”اورڳي“= م- ”اورڪڻ“، اورڳڻ (پرا. اَوَلَڪکَ، سن. اَوَلَڪُشڻ)، جانچي ڏسڻ، سڃاڻڻ، پڇائڻ، اورانگهڻ.)

اوسِڙُ= م- اوسڙڻ (سن. اوسر: اشڻ. اَشُ= سڙڻ)، اس ۾ رلڻ، اس ۾ سڙڻ، پٽڪڻ، انتظار ڪرڻ، اوسيڙو ڪڍڻ،، پاهہ ٽيڻ (بک ۾)

اوٻار= اوڳرائي، اوڳارڻ.

اوٻار پيجن= اوڳارڻ بند ڪن.

اُهڃائو= اهنج- (سن. اَسَهيَہ.

اَ= نہ+ سَهُہ= سهڻ)، ڏکيو، اهنجو، مشڪل، بي نشان.

ٻجا= وڃا (پرا. وِڄّا. سن. وِديا.

وِدُ= ڄاڻڻ)، علم، ڪلا، ڪاريگري، ڄاڻ.

ٻِلا= (ع. باالله, ٻہ= سان+ الله, الله جو قسم)، الله جو سنهن, الله جو قسم.

ٻُجهڻا= م- ٻجهڻ (پرا. ٻُجَهہ, سن ٻُڌ. ٻُڌ ڄاڻڻ)، پروڙڻ, سمجهڻ, ڄاڻڻ, سڃاڻڻ. پائڻ.

ٻِاڄُو= ٻڄندڙ, تَنندڙ, ٻِگل, تَتل. ٻَڪتِئُو= م- ٻڪتڻ= جهيڙو ڪرڻ, اجايو سڄايو ڳالهائڻ.

ٻِن= مڇيءَ ڦاسائڻ وارو وڏو ڄار.

ٻير= (سن. ٻَرمَ)، دستو, ڊول, نمونو, ور.

ٻيري= م- ٻيرڻ (سن. ٻرمَڻَ)، ٻير ڪرڻ, ڦيرائڻ, هلائڻ, ورائڻ, وڪڙ ڏيڻ.

ٻيڙيائي= ٻيڪوڙيل, بند ٿيل.

تجريد= (ع) اگهاڙو ڪرڻ, ڪل لاهڻ, اعراب ۽ نقطا نہ ڏيڻ, شڪ ۽ ٻيائي کان جدا رهڻ.

تفريد= (ع) دنياوي شين کان تَڳا توڙي, پنهنجو پاڻ فنا ڪري, خدا سان وچي هڪ ٿيڻ.

تجريد تفريد= سلوڪ جي راهہ جي هن اصطلاحن جو مطلب آهي, تہ طالب ڪي جڳائي, تہ پهريائين پنهنجي دل مان شڪ, وسوسا ۽ ٻيائي جا اکر ڪڍي ڇڏي, ان ڪان پوءِ ئي سندس دل ۾ سلوڪ جو سوجهرو اچي سگهندو. جڏهن هن پنهنجي قلب مان سموري ڪس ڪڍي ڇڏي, تڏهن هو دنيا جي لڳ لاڳاپن کي ڇڏڻ ۽ پنهنجي نفس کي ضابطي ۾ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو, ۽ اهڙي طرح وچي حق سان هڪ ٿيندو.

تُندُ= (ف)، تندي ڪرڻ, شوخي ڪرڻ, ڪاوڙ ڪرڻ, چيڀڙڻ, گهٽ وڌ ڳالهائڻ, برو ڀلو چوڻ.

توهي= م- توهڻ. راضي ڪرڻ.

ٿاءِ ڪُٿَاءِ= هرهنڌ, هرجاءِ, جاءِ بجاءِ.

ٿوڪ= (سن. ستوڪَ) شيءِ, چيز, وکر.

ڀائيون= (سن. ڀَتُڪا)، خشڪ, صاف.

پارايا= (سن. پَرشتَ پَاوَ. پرٻّش= موڪلڻ+ پاوَ= حالت: موڪلڻ جي حالت)، نياپا, سنيها, پيغام.

پاٽيهاري= پاٽي پريندڙ عورت.

پاهت= مصلحت, اتفاق, رستو, واسطو.

پٽر= (پرا. پَتَرَ, سن. پَرستَرَ)، پاهڻ, پهڻ, فوتيءَ لاءِ غم ڪرڻ جي جاءِ, وچاٽو, هنڌ, وهڻ جي جاءِ.

پڇاڙيا= م- پڇاڙڻ. (پرا. ڪالَڻَ. سن. پَر ڪشَالَنَ پَر= گهڻو، چئني طرفن کان+ ڪشَل= صاف ڪرڻ)، ڌوئڻ، زور سان هٽڻ.

پڌر= سن. پَرسِدَّ)، پڌري، ظاهر.

پرياءُ= (سن. پَريايَہ. پَر= چئني طرفن کان+ اِڻ= وڃڻ) ريت، رسم، دستور، خيال، سمجهہ، افاق.

پکٽان= (پک+ "ٽا" پڇاڙي)

(پرا. پَ ڪَ، سن. پَڪُشَ= ڪَنپُ) پَرَ، تين، پکي پکڻ

پَڳهيو= م- پڳهڻ. پرا. پَ ڳَهَ، سن. پَر گَرَہَ) پڳهہ سان ٻڌي قابو ڪرڻ، قابو ڪرڻ، اٽڪائڻ.

پيو= پيتو.

ڦِٽ= (سن. سِڦُتَ)، جٽ ڦٽ

ڦَڙڪَيون= (ع- فتيلة)، فتيل، چيوٽ، چتين لڳل ڪپڙو.

ڦوڙائون= فراق، جدائي، وڇوڙو.

جاب= (ع. جواب)، سوال جو جواب، ورندي، وراڻي.

جوري= جيرو، جگر.

جِهتِ= (ع)، ڪنارو، طرف، پاسو، سمت، ڏس، رخ.

جُهِڪَن= ڪُٽِڪَن، آواز ڪن، تنوارن.

جهوريرا= جهوڙا، جهاپا، تنور، چڳا.

چارٽين= چارٽن جي، يعني فقيرن جي.

چندا= چنتا، اڻ تڻ، ڳڻتي، الڪو، فڪر.

چاچَر= تانگهو، ننڍو پاٽي، ڇِڪَ.

چُڳِير= (سن. گَڃَ+ "اير" پڇاڙي) ڪَلنگيءَ وارا، بهادر، پهلوان، جوڌا، شهزادا.

چُلُ= م- چلڻ، (سن. اُچَلَڻ، هلڻ، تکڙو هلڻ.

چيرون= رانديون، لامارا.

حاضر= (ع)، سامهون يا آڏو هجڻ وارو

حبيب= (ع) دوست، يار.

خوش= (ف)، راضي، مزي ۾، فرحت ۾.

داغ= (ف)، نشان، ڏنو چٽو، ٽڪو.

دم = (ف)، ساھه، حياتي، گهڙي، جهٽ، روح، طاقت، قوت.

ڏات= (سن. ڏرتَ= جهلڻ)، عادت، نمونو، طرز، ڪم ڪار.

ڏکڙي= ڏکيو، مشڪل، تڪليف ڏيندڙ.

ڏاڻ= (سن دانَ- دا= ڏيڻ)، ڪاڏو، خوراڪ، بخشيش.

ڏجڻ= دشمن، ضد: سڄڻ.

ڏکئا= م - ڏکڻ،

(پرا. دِڪا. سن. دِيڪشا)، خوش، آسودا، سٺا.

ڏھه= (پرا. ديَس. سن. ديس). ڏيهه، ملڪ، وطن.

دم = (ع. درهَمّ، پرا. دَمّ، سن. درَمّ)، سڪي جو قسم.

ڏھائين= ڏيھن جهڙو، ملڪن جهڙو.

ڍانڊا= خالي، پورا، ڪوڪلا.

رڏ= رد، بيڪار، اجايو.

روح= (ع)، جان- انسان ٻن جزن جو مرڪب آهي:

جسم ۽ روح. جسم ٻاهريون يا ظاهري پوش، جو مادو آهي، ۽ انسان جي مرڻ کان پوءِ فنا ٿي وڃي ٿو.

روح اها طاقت آهي، جا جسم کي هلائي ٿي، ۽ فنا نہ ٿي ٿئي.

ساڄ= (ف ساز)، اوزار، سازو سامان.

ساڃائو= (سن. سَڄّيانَ) سڃاڻل، ڄاڻل، پروڙيل، سمجهيل.

ساڙيھه= (سن. سَوديش- سَو= پنهنجو+ ديس= ملڪ) ساڻيھه، وطن، ديس.

ساءُ= مزو، لطف.

سائر= (ع. سائر. سن. ساگرَ) سمنڊ، وڏو درياهه.

سُٻر= (سن. سَبَلَ، س= ساڻ+ بَلَ=ٻَلُ)، چڱيءَ طرح، چڱي نموني.

سُپجي= م - سپجڻ (سن. سُ+ اُتَ= مٿي+ پَدُ= پيدا ٿيڻ)، جَمڻ، نپجڻ، رهڻ، ماپڻ، سمائجڻ، ملي، ليي، هٿ اچي (هٿي).

سپڙ= سنڌ جو مشهور سخي مرد، جيڪو سمي گهراڻي مان هو. هن کي شاهہ صاحب بہ ڳايو آهي.

سُجي= م - سجڻ. ٻڌجي، سجهي

سر= (ف)، مٿو.

سرا= شراب.

سگِر= (ع. ثَغَر)، سوڙهو لنگهہ، اوڪو پيچرو، اوٽ، رستو.

سلامي= (ع. سلام)، سلام ڪندڙ.

سلطان= (ع)، حاڪم، بادشاهہ مالڪ.

سَمَگَئا= م - سمگڻ (سن. سَمَڪَت)، نوازڻ، راضي ڪرڻ.

سُنهون= (پرا. سَندَيس، سن. سَنديَش- سَمُ= ساڻ+ دِش= وڏڻ) پيغام، نياپو، پارانيو.

سنيوئي= مڃي ڦاسائڻ جي چار جو قسم.

سهڻو= (پرا. سَوَهَڻَ، سن. شوپَنَ)، خواب.

سهو= م - سهڻ (سن. سَهَنَ.

سَهّ= برداشت ڪرڻ)، سهندڙ، بار ڪٽندڙ، بردبار.

سينءَ= لاءِ، واسطي، ڪارڻ.

سيٽان= ساٽڻ، انهن سان.

صلح- (ع)، ناهہ، سلوڪ، ميل ميلاپ.

صورت= (ع)، صورت، تصوير، شڪل.

صوفي= (ع)، سلوڪ جي راهہ جو پانڌيئڙو، تصوف جي طريقي تي هلندڙ، حق جو طالب، سچو فقير.

عيد= (ع)، هر اها شيءِ جنهن جي عادت پئجي وڃي، جيڪا شيءِ هر هر اچي، ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو ڏينهن، مسلمانن جي جشن جو ڏينهن يا مذهبي خوشيءَ جو ڏينهن (مسلمانن جون وڏيون عيدون هي آهن:

---

[1]. پٽ ڏٽيءَ چيو آهي:

”جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھ بہ اوڏي ئي مڱان.“

[2]. جهرڪن (بم)

[3]. سمڪئو (بم)

[4]. ڏان (بم)

[5]. هوتني (جھ)

[6]. ڪي (جھ)

[7]. اويساهي سوار (جھ)

[8]. منر (جھ)

[9]. هي بيت مرزا قليچ بيگ، شاھ ڪريم جو ڄاڻايو آهي.

[10]. ڪي (جھ)

[11]. هي بيت بيان العارفين جي موجوده نسخن مان ڪنهن ۾ بہ ڪونهي، فقط ”ق“ ۾ آهي.

[12]. ملاءِ (جھ)

[13]. ميلي (جھ)

[14]. ”بم“ ۽ ”ق“ ۾ اها ڳالھ التي آيل آهي. يعني ”ملامتي بزرگ“ جي بدران خود ”قاضي قاضن“ جو نالو آندو ويو آهي. سيني قلمي نسخن ۾ ائين آهي، جيئن مٿي آندو ويو آهي.

[15]. هي گهاتوئن ويا، مون ڏوريائين لکيا (ق)

[16]. هن مان مراد آهي شيخ ابوالحسن خرقاني، جيڪو ايران ۾ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. سنہ 348ھ ۾ بسطام جي هڪ ڳوٺ خرقان ۾ سندس ولادت ٿي، ۽ سنہ 425ھ ۾ وفات ڪيائين.

[17]. ڏيندو (بم، هر)

[18]. هي بيت ٻيو پيرو آيو آهي.

[19]. هي بيت بم ۾ ڪونهي

[20]. شاھ لطيف چيو آهي:

”ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين جي ڇيت ڪري“

عيد ميلادالنبي 2- عيدالفطر، 3- عيدالاضحيٰ، ڪرستانن جي جشن جو ڏينهن. ڪرستانن جون مکيہ عيدون هي آهن:

عيد الفصح يا عيد القيام، جنهن کي ايسٽر بہ چئبو آهي. هن ڏينهن تي حضرت عيسيٰ کي صليبِ تي چاڙهيو ويو هو. 2- عيدالففي، 3- عيدالميلاد، جنهن کي ڪرسمس ڊي CHIRSTMAS

(DAY به چئبو آهي. هن ڏينهن تي حضرت عيسيٰ جي ولادت ٿي هئي). يهودين جي جشن جو ڏينهن، خوشيءَ جو ڏينهن، خوشيءَ وارو وقت.

فڪر= (ع) سوچ، ويچار، خيال، غور، ڳڻتي.

ڪارين ڪنين= ڪارن ڪنن وارا.

ڪاميا= مست درياهہ.

ڪانيرو= پکيءَ جو قسم جو ڪارسرو ٿيندو آهي، ۽ مڇي ڪائيندو آهي. هتي ڪانيري مان مراد آهي، دنيا جو طالب.

ڪاٽياريون= ڪاڻ واريون، غرض واريون- ڪاڻ= مطلب، غرض.

ڪبرياءُ= (ع)، وڏائي، عظمت، بزرگي.

ڪڏا= ڪوڏ مان، خوشيءَ مان، شوق مان.

ڪر= (سن. ڪَلا. ڪَل= ڳڻڻ)، خبر، سنيال، سڌ.

ڪر= سنڌو، ليکو، تائين.

ڪَرِهَڻُ= (پرا. ڪَلَهَ. سن. ڪَلَهُ. ڪَلّ= آواز ڪرڻ.) وڙهڻ، لڙڻ، جهيڙو ڪرڻ.

ڪرهيندي قرب ٿئي= وڙهڻ کان پوءِ قرب حاصل ٿئي ٿو. يعني پنهنجو نفس مارڻ کان پوءِ رب جي رضا حاصل ٿئي ٿي.

ڪُماڙو= (ڪُ= خراب+ ماڙو= ماڻهو)، خراب ماڻهو.

ڪرهو= (پرا. ڪَرَهَ. سن. ڪَرَڀَ)، جوان اُٺ، ڪرهو.

ڪلين= ڪلهن کان

ڪڪڙا= ڪڪي رنگ وارا. پوري رنگ وارا.

ڪُنرِ= (سن. ڪُندل)

ڪُندل= ڪنڊو، جوڳيءَ جي ڪنن جو والو) والي وارو، درويش، فقير.

ڪوڏ= خوشي، شوق.

ڪهاڙ= ڪهاڙي، ڪهاڙو.

ڪينرو= (سن. ڪَنُرَ) ساز جو قسم.

قرب= (ع)، پيار، محبت، ويجهڙائي.

قضيو= (ع)، حڪم، قضا، انسان جو فوت ٿيڻ.

ڪانءِ= م. ڪاٺڻ، ساڙي ڇڏ، جلائي ڇڏ.

ڪِجي= م- ڪجڻ (پرا. ڪَيئڻَ، سن. ڪيدَنَ. ڪِدُ= دک ڏيڻ)، بي حال ٿيڻ، چڙڻ، خفي ٿيڻ.

ڪُڏيون= حجرا، ڪوٺيون، اوطاقون.

ڪَروَتون= مسجديون.

ڳَرٽ= (سن: ڳَرُ= ڳنڍ ڏيڻ)، ڳنڍ، ناڻي جي ڳنڍ، دولت، پيسا، ناڻو.

شاھ لطيف بہ ساڳيءَ ئي معنيٰ ۾ اھو لفظ ڪم آندو آھي: "ڀڏي گوڏ ڳرٽ، ساٿ وهڻجي سور جو"

گمان= (ف)، شڪ، انومان اندازو، خيال.

ڳڀرو= (سن. ڳرّتَ= روپَ). اڀرندڙ جواني وارو، پنو ٻار، ڇوڪر، نينگر، نوجوان.

ڳوي= ٿ.

ڳوري= طالبو، عاشق، مشتاق زال.

گهٽ= گهٽ ۾، نڙيءَ ۾.

گَهوٽَئين= گهوٽن جي.

گهور= نظر، ديد.

لا= (ع- حرف نفي)، نہ، ناڪار. ھي حرف صوفين جي مسئلي نفي ۽ اثبات لاءِ بہ ڪم ايندو آھي. مطلب آھي، تہ پهريائين دنيا جي سيني شين جي نفي ڪجي، يعني ائين اعتبار ڪجي، تہ دنيا ۾ ڪنهن شيءِ ڪي حقيقي وجود ڪونهي. ان ڪي "لا" جي منزل چوندا آهن. "لا" يا نفيءَ کان پوءِ ٻي منزل آھي "اثبات" جي. يعني نفي ڪرڻ کان پوءِ چئجي، تہ فقط ھڪ ذات مطلق ھرھنڌ جاري ۽ ساري آھي.

لاھ= ھيٺاھون حصو، لاڙ، لاڙو، لاھي، (ضد چاڙھيءَ جو) وٽن ۽ ٻوڙن جون پاڙون.

لتاءِ= م- لتڻ. بند ڪَيءِ

لِڏو= وسپت، ھڪ تاري جو نالو، لکيو، نصيب.

لِڪَ= (سن. لَڪشا)، ذرو، ٿورو.

لَڪَڻُ= (پرا. لَڇڻ، سن. لَڪّشَڻَ- لَڪَشُ= نشان ڪرڻ.) گڻ، لڇڻ، خصلت

لُہُ= لوهہ.

لياڪا= جهاتيون، ليوپائڻ، ٽنگ مان نِهارڻ، ٽنگ، سوراخ.

مانَ= شل.

ماڪرياڙي= ڪنڊي.

مت= سمجهہ، هدايت.

مَتارڪا= (سن. مَتُ- مد= مستي ڪرڻ+ "رو" پڇاڙي)، متل، رطوبت وارو، پهلوان، خوش

مجازي= (ع. مجاز= رستو، حقيقت جو ضد، دنياوي شيءِ، خاص طرح سان انسان سان محبت.

مرڳان= مرن ڪان- مرو= جانور.

مجا ڪئا= (مجا= مزاڪيا)، سرها ٿيا، خوش ٿيا.

مڇڻ= متان، مبادا.

مظهر= (ع)، ظاهر شيءِ، ظاهر وجود.

معنيٰ= (ع). مطلب، مراد، ارٿ، سمجهاڻي.

ملاقي= (ع)، ملاقات ڪرڻ وارو.

منڌ= (سن. مَگڌا. مُہُ= بي سڌ ٿيڻ) جوان عورت.

مور= (سن. مولَ)، موڙي، پاڙ، اصل.

ميين= (پرا. مَيَہ. سن. مَيہ)، انن تي.

نابودي= (ف- نا= نہ+ بود= هجڻ)، جنهن جو وجود نہ هجي.

ناديدي= (ف، نا= نہ+ ديد= ڏسڻ)، اهو ماڻهو جنهن نہ ڏٺو هجي يا ٿورو ڏٺو هجي.

نِڳيا= مر- نڳڻ (پرا. نِگَمَنَ، سن. نَرّ گَمَنَ- نر= ٻاهر+ گَمّ= وڃڻ)، نڪرڻ، پرڻ، پيدا ٿيڻ، نڪري ٻاهر ٿيڻ.

نور= (ع)، روشني، روشنيءَ جو ڪرٽو جو شين کي ظاهري، ذات بابرڪات آنحضرت ﷺ.

واڇا= واڇان= واڇ مان- واڇ= سڪ، محبت، قرب.

واهڻ= وهڻ، وهڪرو، واهہ، درياهہ.

والله خيرالماڪرين= (قرآن حڪيم جي آيت جو حصو)، (الله بهترين تدبير ڪندڙ آهي.)

وَٽُ= (پرا. وَٽُ، سن. وَستَ- خود. ”وست“ بہ اسان وٽ شيءَ جي معنيٰ ۾ مروج آهي. عام گفتگوءَ ۾ چئبو آهي: ”شيءِ وست آندي آٿم.“)، شيءِ، چيز.

واءُ= واءُ وانگر هرهڪ تي ظاهر تي وجي، ظاهر.

وَرُ= وڏيڪ چڱي.

وِرجِي= م- ورجڻ (سن. وِرو چَنَ. و= نہ+ رُچ= چاهڻ)، پجڻ، پرڻ، ڦتڪڻ، اٿلڻ پٿلڻ، بي آرام ٿيڻ، پگهارجڻ، ڳرڻ، ڪڪ ٿيڻ.

وِرونهيو= (سن. ونودَنَ. وِ= گهٽو+ نن= تاڪيد ڪرڻ) وروھ ڪئي، صحبت ڪئي، ملاقات ڪئي.

ولاڙ= (سن. وِلول- وِ= گهٽو+ لَلّ= لُڏڻ)، سَٽَ، لُر، تڪڙا، تکا، تيز.

وسا= وس ۾.

وِنگائي= (سن. وَڪرَ. بَڪِ= ڏنگو ٿيڻ)، نگو، مڙيل، ڏنگا پيچ.

وهائي= (سن. وِياتَنَ. وِ= گهٽو+ يا= چمڪڻ)، سڄي رات، پرھ ڦٽي، باک ڦٽي، صبح جو سوير.

وهِي= (سن. وَيَس= عمر) جواني، عمر، مند

وهرو= وهلو، تڪڙو تڪڙو، جلدي، تيزيءَ سان.

وِير= (پرا. وِيَر، سن. وير، وِيرّ= طاقت)، ٻلوان، پهلوان، بهادر، سياڻو.

ويڙ= (سن. ويشٽَ)، جهنگ جهڳٽو، گاھ جي جاءِ، گهر جاءِ، گهرن جو مجموعو

ويلو= وقت

وِيڻ= (پرا. وَيَڻَ، سن. وَچَنَ. وچ= چوڻ)، سخن، ٻول، مهٽو طعنو.

هاري= (سن. هارِتّ- ’هر‘= وٺڻ) هار ڪاڏل، نياڳي، نادان زال، محبياٽي.

هاڙو= جبل جو نالو.

هل= گوگاءُ (غوغاءُ) آواز، ڏس، پتو.

هلاچو= هلچو، هل هنگامو، گوڙ.

هربو= (ع. حرب)، ڊوڙ، چال، ٽپو، وک، قد.

هنجھ= پکيءَ جو قسم، جنهن جو قوت موتي آهي. هتي هنجھ مان مراد آهي: حق جو طالب.

هور= (ع- هول). ڊپ، خوف، فڪر، ڳڻتي، انتظار، الڪو، ڪاھ، هيٺ، ڪپت، هلاڪي.

هينئڙو يا هنيو= دل.

شاھ ڪريم جي بيتن جي شرح

بيت 3- جھڙيءَ طرح سان لوھ ڪي سنداڻ تي ڌڪ لڳندا آهن، تھڙيءَ طرح سان منھنجي دل کي ڏکن ڪاٽڻ جي عادت پئجي وئي آهي. يعني منھنجي دل تي هر وقت دنيوي شين جا ڌڪ لڳندا رهن ٿا، پر جيئن تہ آءٌ پنھنجي مالڪ کي ياد ڪندو رهان ٿو، انڪري ان تي انھن ڏکن جو ڪوبہ اثر نہ ٿو ٿئي.

بيت 4- جيڪڏھن محبوب سان ملڻ چاهين، تہ منھنجي هن نصيحت تي عمل ڪر: دل ديوانن جيان ڪري، دنيا جا لاڳاپا لاهي ڇڏ ۽ ظاهري عقل جي پابندي ڇڏي ڏي.

ڀٽ ڌڻيءَ بہ فرمايو آهي:

”جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيئي ڇڏ.“

انهيءَ نظريي جي مدنظر ڀٽ ڌڻيءَ سهڻيءَ لاءِ چيو آهي، تہ گھڙو جيستوڻيڪ محبوب سان ملڻ جو وسيلو هوس، پر جڏهن هو موتائي آڻيندو هوس، تڏهن فراق جو سبب بڻبو هوس. پر جڏهن گھڙو ڀڳس، وسيلو ويس، تڏهن ئي وڃي هميشه لاءِ محبوب سان ملي:

”گھڙو ڀڳو گھوريو، پاڻان هو حجاب.“

ٻي هنڌ فرمائي ٿو:

جڏهن وسيلن، لوڙهي ڇڏي لڙ ۾،

پارارا پرين، تڏھ پڇي سوھڻي.

مولانا جلال الدين روميءَ بہ فرمايو آهي:

من چہ غم دارم کہ ويراني بود-

زيرِ ويران گنج سلطاني بود

بيت 6- شاھ ڪريم پنھنجي بيان کي زوردار ڪرڻ لاءِ قسم کڻي چوي ٿو، تہ جتي ڪٿي منھنجي پياري دوست جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. هي وحدت الوجود جو نظريو آهي، جنھن موجب واجب الوجود فقط اها ذات آهي، هيءَ سموري ڪثرت انهيءَ جا پروا آهن. يعني ڪثرت ۾ وحدت جلوه گر آهي. ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو آهي:

”ٻرن ٻيلاين جا چوڌاري چڙا“

ٻئي هنڌ فرمايو اٿس:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو،
راٽو ۽ راٽو، ريءَ راٽي ناهہ ٻيو.

سچل سرمست ساڳيو خيال هن طرح آندو آهي:

”ڪنهن طرف ڪاهيا، جو طرف مڙيئي تم ٿيا.“

حديث شريف ۾ بہ آيو آهي: ما رايت شيئا و رايت الله فيه“ (ڪابہ اهڙي شيءِ نہ ٿو ڏسان، جنهن ۾ خدا جو پرتوو نہ آهي).

فريد الدين عطار منطق الطير ۾ آندو آهي، تہ ٿيهہ پکي مسافري ڪندي جڏهن سيمرغ جي آستاني تي اچن ٿا، تہ ڏسن ٿا تہ رڳو سيمرغ ئي آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ڪينهي، يعني اهي ٽيہ پکي سيمرغ ۾ سمائجي هڪ ٿي وڃن ٿا.

بيت 7- ظاهري عقل کي ڇڏي، سڪ ۽ محبت مان عشق جي درياهہ ۾ ٽپو ڏي. ظاهري عقل توکي احساس ڏياريندو، تہ اها وات ڏاڍي ڏکي اٿئي، پر حقيقت ۾ جنهن کي تو درياهہ سمجهيو آهي، اهو وک جي برابر بہ نہ آهي، يعني جڏهن لوڪ جا لاڳاپا لاهي، معرفت جي واٽ تي وک وڌائبي، تہ اها ڏکي نظر نہ ايندي، پٽ ڏٺي ظاهري عقل کي هن طرح ٿو نندي:

”الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.“

حڪيم سنائيءَ فرمايو آهي:

علم ڪز تو ترا نہ بستاند- جهل ازان علم بہ بود بسيار.

مولانا روميءَ فرمايو آهي:

فهم خاطر تيز ڪردن نيست راه-
جزشڪستہ مي نگيرد فضل شاهہ

شاهہ ڪريم وارو مذڪور خيال، ڀٽائيءَ صاحب جي هيٺين بيت مان بہ واضح ٿئي ٿو:

”پيلو پيري پيچ، اڪنڊ ڪڻ عميق ۾.“

بيت 10- فطرت جو قانون آهي، تہ جنهن شيءِ کي جاڳندي گهڻو ياد ڪبو آهي، تہ اها ننڊ ۾ بہ پيئي ياد ايندي آهي. ان موجب، شاهہ ڪريم پنهنجي دل جي ڪيفيت بيان ڪئي آهي، تہ جيئن تہ منهنجي

دل منهنجي محبوب پاڻ وٽ سوگهي ڪئي آهي، تنهنڪري جاڳڻ وقت به ان جو ذڪر آهي، ته ننڊ ۾ به ان جو ورد جاري ۽ ساري آهي. شاهہ لطيف به اهڙين ئي هستين لاءِ فرمايو آهي:

”سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت جن جي.“

حضرت خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري فرمايو آهي:

”سمهڻ تن ثواب، ڪتڻ تن ڪي ڪيميا.“

بيت 11- راز جڏهن ظاهر ٿيندو آهي، تڏهن منجهائنس اهو مزو ڇڏائي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح طالب کي به گهرجي، ته معرفت جو مَنجُهہ عام ماڻهن کي نہ ڏي، ڇاڪاڻ جو هو انهن ڳالهين سمجهڻ جا اهل نہ آهن. شاهہ لطيف به ور ور ڪري اهو خيال ظاهر ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين،

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

ٻي هنڌ فرمايو اٿس:

”واقف تي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام ڪي.“

بيت 12- سيد صاحب جو مطلب آهي، ته ڪي ماڻهو الله تعاليٰ جو ذڪر انهيءَ ڪري ٿا ڪن، ته دنياوي فائدو ٿئي، يا آخرت ۾ بهشت عطا ٿئي. اهي ڄڻ هڪ قسم جا مزور آهن. جي پنهنجي محنت جو معاوضو طلب ڪن ٿا. ڪي وري سواءِ ڪنهن طمع جي، فقط انهيءَ لاءِ انهيءَ کي ياد ڪن ٿا. صوفين جي اصطلاح ۾ جيڪي دنيا جا طالبو آهن، انهن کي ”طالب الدنيا مونث“ (دنيا جو طالب عورت آهي)، آخرت ۾ بهشت ملڻ جي خواهش ڪندڙن کي ”طالب العقبيٰ مخنث“ (آخرت جو طالبو ڪدڙو آهي)، ۽ فقط الله لاءِ الله کي ياد ڪندڙن کي ”طاب المولیٰ مذڪر“ (موليٰ جو طالب نر آهي) سڏيو ويو آهي. حضرت خواجہ محمد زمان فرمايو آهي، ته جنت جي طلب ڪندڙ اجا هيناهينءَ منزل تي آهن:

”جنت جا مشتاق، اجا اورانهان ٿيا.“

پٽائي صاحب فرمائي ٿو:

گهڙو ڀڳو، تہ گهوريو، مَرچور ٿئي چوڙو،

طالب الموليٰ مذَڪر، اي ٻڌندڙن ٻوڙو،

ڪوڙهئو ڏمر ڪوڙو، مون مهار من ۾.

بيت 17- هندي ۽ قديم سنڌي شاعريءَ جي روايت آهي، تہ عاشق پنهنجي محبوب تي ڏوهہ نہ ڏيندو آهي، پر پنهنجي ئي ڪوتاهي ڪيندو آهي. انهيءَ روايت موجب سيد صاحب بہ سسئيءَ جي واتان چوائي ٿو: جيڪي مون پنيور ڪان ٻاهر نڪري پنهنجي پنهون، ڪي سڏ ڪيا، اهي جيڪڏهن منهنجو پيارو دوست ٻڌي ها، تہ جيڪر ايترو جلد نڪري نہ وڃي ها. يعني پنهنجي پياري تي ڪو ڏوهہ نہ ٿي ڏئي.

بيت 23- سيد صاحب طالب کي تلقين ٿو ڪري، تہ "پهريائين پنهنجو پاڻ فنا ڪر تہ محبوب جو مشاهدو ماڻيين. جانب توکان جدا نہ آهي، فقط حقيقي اکيون ڏاري پنهنجو پاڻ کي پس." ٻين صوفي شاعرن بہ اهو خيال نهايت وضاحت سان بيان ڪيو آهي. هو چون ٿا، تہ جڏهن پنهنجو پاڻ فنا ڪبو، تڏهن ئي محبوب جو مشاهدو ماڻبو. ان کي هو "موتوا قبل ان تموتوا" (مرڻ کان اڳي مرڻ) سڏيندا آهن. شاهہ صاحب فرمايو آهي:

"مِري جيءُ تہ ماڻيين، جانب جو جمال."

بيت 24- سيد صاحب مجازي عشق کي ننديندي طالب کي تلقين ٿو ڪري، تہ مجازي عشق کي پنهنجو مائٽ نہ ڪر (يعني مجازي عشق سان لڳ لاڳاپو نہ رک) ۽ نہ ان پاسي ڌيان ئي ڏي. اي پوري! حقيقي عشق جي واٽ معلوم ڪري ان تي چونہ ٿي هلين؟

بيت 27- اي شهوت جا شڪار ٿيل اٿوا اوهان پاڻ الائي چونہ پيتو؟ مون تہ اوهان کي گهٽوئي سيڪاريو سمجهايو، پر اوهان انهيءَ ڪري نہ پيتو، ڇاڪاڻ جو اوهان جي نصيب ۾ لکيل نہ هو."

هيءَ آهي لفظي معنيٰ. پائنجي ٿو، تہ شاهہ ڪريم پنهنجي عام مريدن ۽ معتقدن جي حالت تي افسوس جو اظهار ڪندي فرمايو آهي، تہ مون تہ اوهان جي روحاني تربيت جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جيئن تہ اهو روحاني فيض اوهان جي نصيب ۾ لکيل نہ هو، تنهنڪري اوهان ان مان پوريءَ طرح مستفيض ٿي نہ سگهيا.

بيت 28- "اي عورت منهہ ۾ ويهي نہ رهہ، پر اُٿي اس ۾ انتظار ڪر، ڇاڪاڻ جو انهن کي پنهنجو مائٽ ڪيو آهي، جن جو ڏيهہ ڏور آهي." يعني طالب کي جڳائي، تہ مالڪ سان ملڻ جي ڪوشش وٺي، ڇاڪاڻ جو ڪوشش ۽ مجاهدي کان سواءِ ڪجهہ ٿيڻو نہ آهي. سيد صاحب ساڳيو ئي خيال ٻي هڪ

بيت ۾ سمجهائيندي فرمائي ٿو تہ نہ سَڏُنِ سان سيڻ ٿيندا آهن، ۽ نہ نياپي سان ئي نينهن ٿيندو آهي. پر جيستائين سڄيون سڄيون راتيون انتظار ۽ اوسيڙي ۾ رت ڦڙا نہ روئبو، تيستائين محبوب جي ملاقات نصيب نہ ٿيندي:

نيہ نياپي نہ ٿيي، سڏين سيڻ نہ هون،

ڪاريين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون.

شاھ لطيف بہ ڪيترائي ڀيرا انهيءَ خيال جو اظهار ڪيو آهي، تہ واحد جي وصال لاءِ مجاهدا ۽ رياضتون ڪرڻ گهرجن، ۽ منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ هر حيلو هلائڻ گهرجي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

ويٺي ور نہ پون، ستي ملن نہ سپرين،

سي مر رويون رون، جن مسافر سپرين.

بيت 31- صوفين جي سمجهاڻي آهي، تہ الاهي اسرارن کي عام آڏو پڌرو نہ ڪجي. شاھ ڪريم انهيءَ خيال کي سمجهائڻ لاءِ هن بيت ۾ چور ۽ چوريءَ جي تمثيل بيان ڪئي آهي. سندن مطلب آهي، تہ جهڙيءَ طرح چور ۽ چوريءَ جي مصلحت ڳجهہ ڳوهہ ۾ آهي، تهڙيءَ طرح سان معرفت ۽ معرفت جي صاحب جو مرڪ بہ مخفي هجڻ ۾ آهي. جهڙيءَ طرح سان چور ڀهرين پاڻ لڪائيندو آهي، ۽ پوءِ شيءِ کي، اهڙيءَ طرح مٽيادار مرد کي بہ جڳائي تہ لوڪ ۾ لڪو رهي.

بيت 34- ڪنهن کي بہ اجايو سجايو ڇينڀ نہ. جيڪڏهن ڪو ٻوڏ چوئي، تڏهن بہ تون ان کي جيءُ چوءُ. جيڪڏهن محبوب سان ملڻ گهرين ٿو، تہ ٻين جي ڏاڍاين ۽ زيادتين کي بہ گڻ ۽ چڱايون ڪري سمجهہ. "يعني طالب کي هر ڪنهن سان نهٺائيءَ سان پيش اچڻ گهرجي. ايتري قدر جو ٻين جي زيادتين تي بہ ڪاوڙجڻ نہ گهرجي. شاھ لطيف بہ چيو آهي:

"هوچوني تون مَ چُو، واتان ورائي."

بيت 35- "چتين لڱل ڪپڙا پاءِ، پٽڪن کي ڏنگا پيچ نہ ڏي. اهائي ڳالهہ هٿ ڪر، جيڪا تنهنجي مالڪ جي منشا مطابق هجي." يعني فقير لاءِ سادگي ۽ سادي پوشاڪ ضروري آهي.

بيت 37- مست جوان ڇيلهہ سان پيسا نہ ٻڌندا آهن. يعني سچا فقير دنيا سان دل نہ رکندا آهن، پر ڪلال جي اڳڻ اچي، سر جي هوڏ هٽي، شراب پيئندا آهن. يعني پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ کان پوءِ معرفت جي مئي پيئندا آهن.

بيت 38- اي مڇڙا! جيڪا ڪنڌي تو پنھنجي نڙيءَ ۾ وڌي آھي، ان ڪيترن ئي تو جھڙن کي ڪڍي ٻاھر ڦٽو ڪيو آھي. يعني، اي انسان! جنھن دنيا سان تو دل رکي آھي، ان ڪيترن کي الله تعاليٰ جي رستي کان پري ڪري ڇڏيو آھي.

بيت 39- جيڪڏھن ڏور کي پري کان ئي ڏسي، تڪڙو تڪڙو ھليو وڃي ھا، تہ اي مڇڙا! جيڪر توکي ڪنڌي ڳٽنيءَ ۾ نہ وجھي ھا. يعني، جيڪڏھن اي انسان، دنيا جي دولاب کي منڍ ۾ ئي محسوس ڪري، ان سان دل نہ لڳائين ھا، تہ توکي ھينئر ڪنڊا ڪڍڻا نہ پون ھا.

بيت 41- اي سھڻي يا تہ گھر کان ٻاھر نہ نڪرين ھا، يا وري ھينئر موٽڻ جو خيال ڇڏي ڏي. فقط ھيڪڙائيءَ کي ھٿ ڪر، ۽ دوئيءَ کي پڳلين شين جيان پڇي ڦٽو ڪر." مطلب آھي، تہ طالب جيڪڏھن حق جي واٽ ونڻ گھري، تہ دنيا جا لڳ لاڳاپا ڇڏي، ھڪ منو ٿي، ھيڪڙائيءَ کي ھٿ ڪري.

بيت 44- "پھلوان گھاتن کي ننڍو پاڻي نظر ۾ نہ ٿو اچي. انھن جون اکيون، پاڻ وڃي انھي پاڻيءَ جون خبرون لھن ٿيون." يعني معرفت جا صاحب دنيا جي متاڃري (ظاھري شين) تي نہ موھبا آھن، پر ان ۾ اونھو وڃي حقيقي ھستيءَ کي ھٿ ڪندا آھن.

بيت 45- "ھنجھ پکي جيئن تہ موتي چڳيندو آھي، تنھنڪري اھو اونھي پاڻيءَ ۾ نظر ايندو، چاڪاڻ جو موتي اونھي پاڻيءَ جي تري ۾ ھوندا آھن. اھا ڪانيري جي عادت آھي، جو ننڍي پاڻيءَ جي مٿان لامارا ڏئي، چاڪاڻ جو ڪانيري جو قت ننڍي مڇي ھوندي آھي." ھتي ھنجھ مان مراد آھي الله جو طالب ۽ ڪانيري مان مراد آھي دنيا جو طالب.

بيت 46- "اتر ۽ لاڙ ۾ جيڪي بہ دوست ھئا، انھن سيني کي آزمايوسون. آزمودي مان معلوم ٿيو، تہ پنھنجي پورھئي ڪانسواءِ ڪجھ بہ ھڙ حاصل نہ ٿو ٿئي." يعني ٻي جي آسري تي نہ لڳجي، پر پنھنجو ٻوٿو ٻارجي.

بيت 47- "اي امڙ محبت ۽ وڏائي ھڪ ھنڌ گڏ تي نہ تا سگھن. صوفين جو انھيءَ ڳالھ تي پورو پورو اتفاق آھي." شاھ لطيف انھيءَ خيال کي ھن طرح بيان ڪيو آھي:

"ٻن ترارين جاءِ، ڪانھي ھڪ مياڻ ۾."

بيت 49- دوست لاءِ پنهنجي پر يا پنهنجي ليکي سڙي پچي، پرڏيهہ کي پسجي. يعني محبوب جي ملاقات لاءِ پنهنجي ليکي ڏونگر ڏورجن. پر ٻاق ٻاهر نہ ڪيجي. ائين ڪرڻ سان ئي انهيءَ ملڪ ۾ وڃي پهچبو. جتي هوت حاصل ٿيندو. ۽ اهوئي حقيقي ساٿيهہ يا وطن آهي.

بيت 51- ”پاڙيءَ تي ويٺا آهن. تڏهن بہ بيوقوف پيا اڃ مرن. مٿلن وانگر دانهون تہ ڪن ٿا. پر دم نہ ٿا سڃاڻن.“ يعني: انسان ڪيڏا نہ بيوقوف آهن. جو الله تعاليٰ سندن ويجهو بہ آهي، تڏهن بہ ان جي رحمت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن. اجايون دانهون تہ پيا ڪن ٿا. پر پنهنجو پاڻ نہ ٿا سڃاڻن. الله تعاليٰ جي هن فرمان ڏانهن اشارو آهي: ”نحن اقرب اليہ من حبل الوريد“ (اسان توکي ساهہ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون). ڀٽائي صاحب فرمايو آهي:

”نحن اقرب اليہ من حبل الوريد. تنهنجو توهي ساڻ.“

بيت 53- ”اوٺين. ڪاڪ کي وڻن سميت اورانگهي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ راڻا گهڻن ئي ڳڻن وارا هئا. تڏهن بہ رئندا ويا.“ يعني: معرفت جي وات ڏاڍي ڏکي آهي، ڪيترائي پانڌيئڙا منزل مقصود تائين پهچي نہ سگهيا. ڪيترن حق جي طالبن ۾ جيتوڻيڪ گهڻيون ئي خوبيون هيون. تڏهن بہ منزل ماڻڻ لاءِ رت رئندا ويا.

بيت 55- ”بيوقوف ماڻهو اصل کي نہ سمجهندا آهن. ۽ پوءِ اجايو هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا آهن. جن اکين ۾ دوئي آهي، اهي پرين ڪيئن پسنديون.“ يعني: طالب کي گهرجي تہ دوئيءَ کي دور ڪري پاڻ کي پسي، تہ مشاهدو ماڻي. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جو قول آهي: ”من عرف نفسہ فقد عرف ربہ“ (جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو). صوفين. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جي انهيءَ قول تي گهڻو زور ڏنو آهي. شاهہ ڪريم بہ انهيءَ ئي قول جي تشريح ڪئي آهي.

بيت 57- ”پرين سان پنندي، پنهنجي حياتي گذار. ڪو مانيون پائيندوءِ تہ ڪو ڀت پائيندوءِ.“ يعني: معرفت جي واٽ وٺي هلندو هل. ان مان توکي سڀ ڪجهہ حاصل ٿيندو.

بيت 58- ”جيڪڏهن اوهان ڏاتار جو منهن ڏٺو هجي، تہ جيڪر ائين ڪڏهن بہ نہ سمجهو تہ هو ڪو ڪنهن جي ڏوهہ کان ڏمريو آهي، هو تہ پاڻ ماڻڪن جون مٺيون ڀري، اسان جي آڏو پيو آڇي، يعني هو تہ پاڻ اسان کي هر طرح پيو نوازي. شاهہ لطيف فرمايو آهي:

"پرچي، تہ پل پري، ڏمرجي تہ بہ ڏي."

مراد آھي: ٻنھي جھانن جي سردار، عالمن جي آڌار محمد مصطفيٰ ﷺ جي ذات بابرڪات سراپا رحمت آھي.

بيت 59- درياہ موج ۾ اچي پيو ڪن ھٽي، سنبوھيون بہ ان ۾ موجود آھن. گھڻائي واجھہ وڌم، پر پرين ان ۾ نہ پيا. يعني: گھڻيون ئي ڪوششون ڪيم، ۽ حيلا ھلايم، پر محبوب جو وصال حاصل نہ ٿيو.

بيت 61- "اي داسڙا! جن جي جگر تي تنھنجو داغ آھي، تن تان تون ڪيئن ٿو دل ڪڍين." يعني: اي منھنجا محبوب! جن کي تو پنھنجي عشق جي لنو لڳائي آھي، انھن کي پاڻ کان پاسي نہ ڪر.

بيت 62- "ڪلاچيءَ جي ڪن مان ڪوبہ واپس نہ وريو، ڪن پنھنجا رڇ وڃائي ڇڏيا، ۽ ڪي توبھہ تائب ٿيا." يعني: الله تعاليٰ جي سرڪار ڏاڍي آھي، اتي ڪابہ حيل حجت نہ ٿي ھلي. لطيف سائينءَ فرمايو آھي:

"حجت ھوت پنھوءَ سين، مون ڪمينيءَ ڪيھي."

بيت 64- "ڪلاچيءَ جي ڪن جي پرئين پاسي کان ساٿين جو سڏ ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. انھن گھاتن جا مڪڙا، ڪنھن تڙ تي وڃي ڏسي." يعني: جيڪي ھن جھان مان لڏي لاڏاڻو ڪري ويا، انھن جو احوال اسان وٽ ڪونہ ٿو اچي. انھن جو ماڳ ۽ مڪان توڪي ھن جھان مان وڃڻ کان پوءِ ئي معلوم ٿيندو.

بيت 65- "جيئن تہ جيڏين منھنجي جانيءَ جو جمال نہ پسيو آھي، تنھنڪري انھن تي ڪھڙو ڏوھہ ڏجي. جيڪڏھن پرينءَ کي پسن ھا، تہ مون جيان مٽي کي ھٿ ڏيئي روئن ھا." بي بي زليخا بہ پنھنجي ساھيڙين کي ائين چيو ھيو، تہ توھان يوسف نہ ڏٺو آھي. جيڪڏھن ڏٺو ھجيو ھا، تہ ائين ھرگز نہ چئو ھا. پوءِ ساھيڙين کي صوف ڪپڻ لاءِ ڇيائين، ۽ ھوڏانھن حضرت يوسف کي اتان لنگھي وڃڻ جو اشارو ڪيائين. جڏھن انھن حضرت يوسف جي جمال جو جلوو پسيو، تہ صوفن ڪپڻ بدران ھٿ ڪپي وڌائون. مطلب آھي، تہ جڏھن معرفت جي مئي جي چڪي، چکبي تڏھن ئي ان جي لطف جو اندازو ٿيندو.

بيت 66- "سندن منھن سرھا يا خوش آھن، ۽ ڪلھن تي ڪينرا (ساز) اٿن، يعني خوشيءَ جا راڳ پيا ڳائين، ڇاڪاڻ جو رات سپڙ جام سان ويھي ڪچھري ڪئي اٿن.

بيت 67- ”هنجن جو اصل ماڳ مڪان ڪهڙو آهي، ۽ وري ڪيرا ڪٿي تا پائين؟! خدا ڪين ساجهہ ڏئي تہ پنهنجي ماڳ تي موٽي اچن.“ يعني انسان پنهنجو وطن وساري دنيا ۾ مستغرق ٿي ويو آهي، اللہ تعاليٰ ڪيس معرفت جي راهہ ڏيکاري ۽ هو پنهنجي دل جي درياءَ کان ليئو پائي، حق کي سڃاڻي.

بيت 68- ”اي! امڙ خواب لهڻ اجايو آهي، ڇاڪاڻ جو ان تي ڪير اعتبار ڪندو؟ سمهڻ وقت گڏ هئا، پر جڏهن جاڳيس تہ دوست نهي ئي ڪونہ.“ يعني هيءَ دنيا فاني آهي، جنهن کي حقيقي وجود ڪونهي. اهڙين جيئن خواب، جنهن تي ڪوبہ ڀروسو نہ ڪندو. جيئن خواب اڇي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪابہ شيءِ نہ ٿي رهي، تيئن دنيا جي حياتي بہ خواب وانگر گذري ويندي.

بيت 69- اهو ملڪ (يعني وحدت جو مڪان، لامڪان) ٻين ملڪن جهڙو نہ آهي. جتي پکين جو پير بہ نہ ٿو پهچي، اتي ڪاهوڙين (اللہ وارن) ور ور ڏيئي پئي وحدت جي باغ جا ميوا چونڊيا آهن. شاهہ لطيف بہ فرمايو آهي:

”اتي آديسين جو لڳو ڏڳ درو.“

بيت 71- جيستائين اکين کي روئي روئي خشڪ نہ ڪبو، تيستائين محبوب جو مشاهدو حاصل نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ جو جن اکين ۾ ڪن ڪچرو يعني دوئي هوندي اهي پرين پسي نہ سگهنديون. مطلب آهي تہ، جيستائين خدا جي خوف کان اوئي، دل کي ڌوئي پاڪ نہ ڪبو تيستائين واحد جو وصال نہ ٿيندو.

بيت 73- هي بيت سيد صاحب، قاضي قاضن جي هيٺين بيت جي جواب ۾ فرمايو آهي:

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙئي،
هيڪائين هيڪ ٿيو، ويئي سڀ جهت.

ان جو مطلب آهي، تہ ”درياهہ لت ڏيئي هيٺياهين مٿاهين زمين ٻوڙي ڇڏي، جنهن ڪري يڪي لس ٿي ويئي، ۽ سڀ طرف متجي هڪ ٿي ويا.“ ان جو مطلب آهي تہ جهڙيءَ طرح درياهہ جي ٻوڏ کان پوءِ هيٺاهيون مٿاهيون هڪ ٿي وينديون آهن، ۽ طرف جو سماءُ نہ پوندو آهي، تهڙيءَ طرح وحدت جي درياهہ ۾ ڪثرت ملي، هيڪڙائي ٿي ويئي. يعني: جز ڪل ۾ سمائجي ويو.

سيد صاحب ان بيت جي جواب ۾ هي بيت فرمايو، جنهن جو مطلب آهي، تہ درياهہ سڀ ڪنهن هيٺاهين مٿاهينءَ کي ختم نہ ٿو ڪري، ۽ نہ طرف ئي نابود ٿين ٿا، پر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. يعني جز

جي ڪل ۾ ملڻ کان پوءِ بہ ان جي انفراديت ختم نہ ٿي ٿئي، پر ان جي انفراديت يعني اڪيلائي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. مطلب آهي، تہ طالب پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ کان پوءِ صفا ختم ٿي نہ ٿو وڃي.

شاهہ ڪريم جو هي خيال امام رباني جي وحدت الشهود جي ترجماني ڪري ٿو. امام رباني لکيو آهي، تہ ابن عربي وحدت الوجود جو بنياد ظل ۽ اصل جي عينيت تي رکيو آهي. پر ظل شيءِ عين شيءِ ٿي نہ ٿي سگهي. ظل تہ اصل جي مشابہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري اصل ۽ ظل هڪ چئي نہ ٿو سگهجي. مثلاً جيڪڏهن ڪنهن شخص جو پاڇو ڊگهو ٿي وڃي، تہ ائين نہ چئبو، تہ اهو ماڻهو ڊگهو ٿي ويو. حضرت سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان اهو خيال پاڻي ۽ لهر جو مثال ڏيئي هن طرح سمجهايو آهي:

پاڻي لهر پسڻ ۾ برابر ٿيا،

ڪي اتي ئي اڙيا، ڪي لنگهي مقصد مڙيا.

بيت 74- ”محبوب جون ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جي ڪٿي ڏٺيون، نہ ٻڌيون. اهي واقعا ڏسي عقل حيران ٿي وڃي ٿو.“ سيد صاحب جنهن ڪيفيت جو اظهار ڪيو آهي، ان کي صوفين حيرت جو مقام سڏيو آهي. يعني انساني ذهن قادر جي قدرت جي سيني ڳالهين کي جڏهن سجاڻي نہ ٿو سگهي، تڏهن حيرت زده رهجي وڃي ٿو. آخر عقلِ ڪل جا عجائبات جز ۾ ڪيئن سمائجي سگهندا؟!

بيت 75- ”پاڻ ئي بادشاهہ آهي، ۽ پاڻ ئي پيغام ٿو موڪلي، پنهنجو انت پاڻ ئي لهي ٿو، ۽ پاڻ کي پاڻ ئي سڃاڻي ٿو.“ هن ۾ همہ اوست جو نظريو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن موجب هر شيءِ ان ذات مطلق کان ئي ظهور ورتو آهي. انهيءَ ڪري صوفي چوندا آهن تہ هر شيءِ انهيءَ ئي وجودِ ڪل جو مظهر آهي. ڀٽ ڌڻي فرمائي ٿو:

”پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.“

سچل سرمست ساڳيو خيال، ساڳي ئي نموني بيان ڪري ٿو:

پنهون پنهون ٿي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ،

اديون ٿيس اجاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.

اهو ساڳيو ئي خيال شاهہ ڪريم پنهنجي ٻين بيتن ۾ بہ بيان ڪيو آهي.

بيت 77- ”شروعات ۾ توکي ”لا“ مان پيدا ڪيائون.“ يعني اللّٰه تعاليٰ سڄيءَ ڪائنات کي عدم مان وجود ۾ آندو. انهيءَ ڪري شاهہ ڪريم چئي ٿو، تہ جيئن هيءَ ڪائنات ڪين مان وجود ۾ آئي آهي،

تنهن ڪري هن ڪي حقيقي وجود آهي ئي ڪونہ. ٻانهي کي اها حقيقت ذهن نشين ڪرائڻ کان پوءِ ڪانئس پڇي ٿو تہ، "جڏهن توکي حقيقي وجود ئي ڪونهي، تہ باقي ڇا تي ٿو تڏين ۽ مان مان ڪرين؟!"

بيت 72- "لا" کي لوڏي نہ ڪڏ، ۽ نہ وري "الا" کي ئي لحظي جيترو دل تان لاهہ. اهو جيڪو ماڻهن جو مظهر آهي، ان کي ڪيئن ٿو وڃين؟!" يعني: نفيءَ جي منزل بہ ضرور ماڻ، جنهن جو مطلب آهي، پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ. پر ان کان پوءِ اثبات جي واديءَ ۾ بہ پير پاءِ، جنهنجو مطلب آهي، فقط هڪ ذات مطلق جي وجود جو اقرار ڪرڻ.

بيت 78- "جنهن چشمي جو اهو نور آهي، اوڏانهن ئي اهو رهنمائي ڪندو. ڳالهہ جو مقصد بہ اهوئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان ئي پيارو دوست پسجي ٿو." يعني: عربي مقولي "ڪل شيءُ يرجع اليٰ اصلہ" (هر شيءِ پنهنجي اصل تي ويندي آهي) موجب فرمائي ٿو، تہ جهڙيءَ طرح سان هر ڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي، تهڙيءَ طرح سان انسان جي اندر ۾ بہ جيڪو جانب جي جمال جو جلوو جاري ۽ ساري آهي، اهو بہ پنهنجي اصل ڏانهن رجوع ڪندو. مطلب آهي تہ، جنهن پنهنجو پاڻ سڃاتو، ان پنهنجي رب کي سڃاتو: "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ."

بيت 79- "اي سرتيون! پرين جو پير ڏاڍو ڏکيو آهي. جن کي ان جي ڄاڻ هئي، اهي بہ ان کي پروڙي نہ سگهيا." يعني: قادر جي قدرت بي انت آهي، جنهن جو نہ آهي شرو نہ شمار. وڏا وڏا سياڻا ۽ سمجهہ دار، فيلسوف ۽ مفڪر، هيئت دان ۽ رياضي دان بہ ان کي پوريءَ طرح سان سمجهي نہ سگهيا. هڪ صوفي شاعر چيو آهي:

"انت بحر دي ڪل نہ ڪائي، رنگي رنگ بنايا هي."

بيت 81- جن جو هنيون حاضر نہ آهي، ۽ جن جي اکين جي آڏو پنهنجي پياري دوست جو تصور نہ ٿو رهي، اهي ڇڻ نلهن، ڍانڍين ۽ بيڪار شين وانگر اجائي ۽ بي مقصد حياتي گذاري رهيا آهن.

بيت 82- "دوست انهيءَ هنڌ ئي آهي، جنهن کي تو جهوپڙي ڪري سمجهيو آهي. جيڪڏهن در جو تاڪ پٽين تہ لوڪ کي خبر پئجي وڃي." يعني: پرين پاڻ ۾ ئي آهي. شاهہ لطيف فرمايو آهي:

"نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو."

شاهہ ڪريم اهو ساڳيو خيال هڪ ٻي بيت ۾ بہ بيان ڪيو آهي.

بيت 84- اي الله تعاليٰ سڀ ڪجھہ تون ئي ڏيندڙ آهي، هي پڻ تنهنجو پينو آهي. انهيءَ پن يا گهر جي ڪري پاڻ هو بيوقوف آهي، ڇاڪاڻ جو هو ڇئي پنهنجو قدر وڃائي ٿو.

بيت 85- ”طرن وارا مڱڻا، انن تي سوار ٿيو، خوشيءَ مان جهونگاريندا تا وڃن، ڇاڪاڻ جو رات سپڙ ڄام ڪين نوازيو آهي، ۽ هو ڏينهن ڏٺي جو پرنور نظر اچن ٿا. انهن چارڻن جي چنتا لهي ويئي ۽ هاڻي گهوٽ (ڪامياب) ٿي گهر وڃن ٿا.“ يعني: حق جا طالب پنهنجي پيرِمغان کان مستفيض ٿي منزل مقصود تي پهچي ويا. پٽ ڌڻي پنهنجي پيرِمغان کي فيض لاءِ هن طرح ٿو عرض ڪري:

”تون پارس آءُ لوهہ، جي سيرن تہ سون ٿيان.“

بيت 87- ”مجازي عشق توکي پنهنجي موھ ۾ گرفتار ڪري، ڪڏهن ڪسڪي هليو ويندو. پوءِ متان اکين کي راضي ڪري ڀروسو رکي ويهي رهين.“ يعني: مجازي شيءِ کي زوال ۽ فنائيت آهي. انهيءَ ڪري جنهن شيءِ ۾ بقا ۽ پختگي ڪانهي، انهيءَ جي آسري ۾ رهڻ حماقت آهي. انهيءَ ڪري صوفي چوندا آهن تہ جيڪڏهن مجازي عشق مان حقيقي واٽ حاصل نہ ڪئي ويئي، تہ وڻواند ٿي وڃبو. يعني فقط مجازي عشق تي ڀروسو ڪرڻ نقصانڪار آهي.

فقير قادر بخش بيدل، پنهنجي عربي ڪتاب ”فوائدالمعنوي“ ۾ فرمايو آهي: ”جنهن مجازي عشق مان، حقيقي عشق جي واٽ نہ ورتي، تنهن جڻ بت پوڄا ڪئي.“

بيت 88- هن بيت ۾ ٻڌايو ويو آهي، تہ عمل جو دارومدار اعتقاد تي آهي. جيڪڏهن اعتقاد صحيح آهي، تہ عمل ڪرڻ سان سٺو نتيجو ملندو. پر جنهن جو اعتقاد درست نہ آهي، اهو واٽواند ٿي ويندو. اها ڳالهہ اسلامي تعليم مطابق آهي. اسلام، ايمان لاءِ اعتقاد کي اوليت ڏئي ٿو. سيد صاحب هن بيت ۾ ٻڌايو آهي، تہ جن جو اعتقاد پختو آهي، اهي سولائي سان وڃي پار پهچندا. جن جي دلين ۾ شڪ شبها آهن، اهي پار پهچي نہ سگهندا.

بيت 89- هن بيت ۾ سيد صاحب آزي ۽ نيزاري جي واٽ ٻڌائي آهي. چوي ٿو، تہ انسان خطا جو گهر آهي. هن کان ڪمزوريون، ڪوتاهيون، ۽ غلطيون ٿينديون رهن ٿيون. ان حالت ۾ جيڪڏهن هٺ ۽ وڏائي ڪندو ۽ پنهنجن ڪن نيڪين تي پاڻ پڏائيندو، تہ مالڪ کي نہ وڻندو.

بيت 92- ”گهوٽن جي اک جو اشارو ابتو آهي، ۽ سندن پڳ جا پيچ ڏنگا آهن. ڪمانون ڪڇي، پيڏي پر ڏيو، ڪڇ ولايت ۾ پيا گهمن.“ يعني: حقيقي عاشق پنهنجي عشق ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ منزل

مقصود جا مزا ماڻين ٿا. مطلب آهي، تہ پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ کان پوءِ حياتِ جاوداني‍ءَ جو لطف حاصل ٿئي ٿو.

بيت 92- جنهن کي تو خامي سمجهيو آهي، اها سموري تو ۾ آهي. سڄڻن جو جيڪو ڪجهہ آهي، اهو سڀ سچ آهي. پٽ ڌڻي‍ءَ فرمايو آهي:

”پرين سندي پار جي مڙئي مٺائي.“

ٻي هنڌ فرمايو اٿس:

”ڪا مون ۾ گهٽ، نہ تہ سڄڻ ٻاجهندڙ گهڻو.“

قاضي قاضن جا بيت

سوانح

قاضي قاضن بن قاضي ابو سعيد بن زين العابدين بکري، جا وڏا ٺٽي ۽ سيوستان ۾ رهندا هئا. سندس تڙ ڏاڏو قاضي ابوالخير بکر ۾ رهندو هو. جيڪو وڏو عالم فاضل ۽ زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. قاضي قاضن پاڻ بہ وڏو عالم ۽ فاضل هو. قرآن حڪيم جو حافظ ۽ قرات ۽ تجويد جو ماهر هو. حديث، فقہ، تفسير، اصول، انشاء، تصوف ۽ ٻين عقلي ۽ نقلي علمن ۾ مهارت حاصل هئس. جواني‍ءَ ۾ سيد ميران محمد جونپوري جو مريد ٿيو. جيڪو مهدي سڏائيندو هو.

سن 927هہ (1520) ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪري، ٺٽي ۾ قتل عام ڪيو، تڏهن قاضي قاضن جو اهل عيال بہ ٺٽي ۾ هو. قاضي قاصن هڪ درد انگيز خط شاهہ بيگ ارغون کي لکيو ۽ ان کان پوءِ اهو خوني طوفان اجهاڻو.

ان کان پوءِ قاضي قاضن جو شاهہ بيگ ارغون سان گهاٽو رستو ٿي ويو، ۽ هو ملڪي ڳالهين ۾ ڪانئس صلاح مصلحت وٺڻ لڳو. ڄام فيروز جي پيش پوڻ کان پوءِ سيوهڻ جي پرسان تلتي‍ءَ وٽ، شاهہ بيگ جي خلاف ڪيترائي سنڌي محبِ وطن پنهنجا لشڪر وٺي اچي ڪٺا ٿيا. انهن ۾ دريا خان جا پٽ: محمود خان ۽ منڌ خان، سوڍا سورهيہ: سارنگ خان ۽ رڻمل ۽ ٻيا شامل هئا. حضرت مخدوم بلال بہ انهن جي مدد ڪري رهيو هو. شاهہ بيگ، قاضي قاضن کي انهن ڏانهن موڪليو، تہ جيئن ڪين سمجهائي آڻ مڃڻ تي آماده ڪري، پر هنن قاضي قاضن کي پاڻ وٽ اچڻ ئي نہ ڏنو. آخر لڙائي ٿي، ۽ سمورا سنڌي سورما ڪسجي، سنڌ جو مان مٿانهون ڪري ويا.

ان کان پوءِ قاضي قاضن، شاهہ بيگ سان گڏجي سيوهڻ کان بکر ويو، جتي هن ڪيس بکر جو قاضي مقرر ڪيو. شاهہ بيگ جي وفات (22 شعبان سنہ 928هہ مطابق 8 جولاءِ 1522ع) کان پوءِ سندس پٽ مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ بہ بکر جو قاضي هو. ويهہ سال نهايت احتياط ۽ ديانتداري سان قضا جو عهدو هلايائين. پڇاڙيءَ ۾ (شايد 947هہ) ڏاري استعفيٰ ڏنائين، ۽ قضا جو عهدو سندس ڀاءُ قاضي نصرالله کي مليو. پڇاڙيءَ جا ڏينهن مديني منوره ۾ گذاريائين، جتي سنڌ جا بہ مشهور عالم قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم راهوتي ۽ شيخ عبدالله متقي ابن مولانا سعد در ڀيلوي سندس صحبتي هئا. سن 958هہ مطابق 1551 ۾ وفات ڪيائين. مشهور بزرگ حضرت ميان مير سيوهاڻي لاهوري جي والده، قاضي قاضن جي نياڻي هئي.

بيت

قاضي قاضن جا ست يا اٺ بيت بيان العارفين ۾ ملن ٿا، جيڪي متن ۾ ڏنا ويا آهن. راقم الحروف هڪ ڀيري (سکر جي سوکڙي- سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، سال 1968ع، ص 4) لکيو هو، تہ "قاضي قاضن جي بيتن جي فن ۽ فڪر جي پختگي ٻڌائي ٿي، تہ سندس بيت اٺ يا ست نہ هوندا، پر بيتن جو تعداد گهڻو هوندو، ڇاڪاڻ جو ڪوبہ پختو شاعر فقط بہ ٽي بيت چئي بس ڪري نہ ويهندو آهي." اهو رايو صحيح ثابت ٿي رهيو آهي. تازو روزاني هلال پاڪستان مورخہ 8 سيپٽمبر 1976 ۾ خبر آئي آهي:

"اوائلي سنڌي شاعر قاضي قاضن جا 116 بيت هريانہ ۾ روهتڪ لڳ راڻيلا مان هٿ آيا آهن. اها خبر آل انڊيا ريڊيو ڪلهہ شام جو پنهنجن سنڌي خبرن ۾ ڏني آهي. نوان هٿ آيل بيت، پراڻي ديوناگري سنڌي ۾ لکيل آهن."

اهي بيت هيري ٺڪر گڏ ڪري، موجوده رسم الخط ۾ هندستان مان ڇپايا آهن. انهن جو جائزو سہ ماهي مهراڻ ۾ اچي چڪو آهي.

بيان العارفين مان شاهہ ڪريم جي زباني جيڪي ٽورا بيت هينئر اسان جي سامهون آهن، انهن مان ثابت ٿئي ٿو، تہ هو سنڌي زبان جو باڪامل شاعر هو. اسان جي ڪلاسيڪي شاعري صحيح نموني قاضي قاضن کان شروع ٿئي ٿي. شاهہ ڪريم، ڪيترائي بيت سندس بيتن جي پيران ڇيا آهن. اهو ڏيکاري ٿو، تہ سندس بيت سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو بنيادي پٿر آهن. معنوي لحاظ کان سندس

بيتن ۾ تصوف جا نڪتا بيان ٿيل آهن. وحدت الوجود جو فڪر ظاهري مثالن ذريعي سمجهايو اٿس. هو ظاهري علمن کي نندي ٿو. ۽ انهن کي حقيقت جي واٽ ۾ وڏو اٽڪاءُ سمجهي ٿو. هيٺ سنڌس بيتن مان مکيہ بيتن جي شرح ڏجي ٿي:

سي ئي سيل

جيڪو ظاهري علم مون پڙهيو هو، اهو طريقت جي واٽ ۾ واڳون ٿي اڳيان آيو. يعني: ظاهري علم باطني اسرارن جي سمجهڻ ۾ وڏو اٽڪاءُ يا حجاب آهي. اهو نظريو گهڻن ئي صوفين بيان ڪيو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،

مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

قاضي قاضن جا ٻيا بيت، "ڪنز قدوري ڪافيا ڪينڪي پڙهيوم"، "ڪنز، قدوري ڪافيا، پڙهي پڙهيوم سڀ"، ۽ "لوڪان نحو صرف." انهيءَ ئي خيال جي اپٽار ڪن ٿا.

لا لاهيندي

هن ۾ قاضي صاحب همہ اوست جو نظريو بيان ڪيو آهي، جنهن موجب: سڀ ڪنهن شيءِ انهيءَ ئي وجود ڪل ڪان وجود ورتو آهي. انهيءَ ڪري قاضي صاحب چوي ٿو، تہ حقيقت ۾ نفي آهي ئي ڪانہ، يعني دنيا ۾ ڪنهن کي بہ وجود ڪونهي. انهيءَ ڪري هو چوي ٿو، تہ جيئن تہ نفي آهي ئي ڪانہ، تنهن ڪري ان کي دور ڪرڻ جو بہ ڪو ضرور ڪونهي. قاضي صاحب پنهنجي بيان کي زوردار بنائيندي، قسم کڻي چوي ٿو، تہ: خدا جو سنهن پرين کان سواءِ مون کي ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

سڄڻ منجهہ

پرين پاڻ ۾ ئي آهي، پر ان جي جوت جو جلوو پسڻ لاءِ ظاهري حواسن تان دست بردار ٿيڻو پوي ٿو. پرينءَ جي پسڻ کان پوءِ دنيا ۽ ماسوا جو خيال نہ ٿو رهي. قاضي قاضن جو مطلب آهي، تہ جيڪڏهن هڪ دفعو اکيون کليون ۽ جسماني علم جو احساس ٿيو، تہ اهو محبوب من مان هليو ويندو. پوءِ ڪيتري بہ ڪوشش ڪبي ۽ واجهہ وجهبا، تڏهن بہ اهو هٿ نہ ايندو.

بيان العارفين ۾ آيل ٻيا بيت

ڦٽيون ڪر

چتين لڳل ڪپڙا نہ پاءِ، پر جيڪي ڪپڙا وڻني سي پاءِ، ۽ پٽڪي ڪي پلي ڏنگا وڪڙ ڏي. يعني فقيريءَ لاءِ ظاهريءَ طرح سادي پوشاڪ ضروري نہ آهي.

اڪڙيون ملير

”جن جون اڪيون رات ڏينهن ملير ۾ آهن، انهن آسائتن سان، اي عمر تون هينئر ڪهڙي ڪار ڪندين؟“

يعني: جن جي دل هميشہ پنهنجي رب سان رليل رهي ٿي، انهن ڪي دنيا جي طمع جي لهر لوڏي نہ سگهندي.

چارئي پلوَ چڪ

”چادر جا چارئي پلو چڪ ۾ خراب ٿيل اٿيئي، ۽ وري پڇين ٿو، تہ چادر ڪي ڪبوتر جي وٺ تہ نہ لڳي؟ اهڙي احتياط ڪان توتي حيف هجي.“ يعني: اندر، ڪوٺ ۽ ٻيائي سان خراب ٿيل آهي،۽ هوڏانهن تنهنجو زور آهي ظاهري صفائيءَ تي. اندر جي صفائيءَ ڪانسواءِ ظاهري صفائي ڪهڙي ڪم جي.

فصل پيو

اهي بزرگ، جن جو ذڪر بيان العارفين ۾ آيل آهي

سيد ابراهيم

پرڏيهي پير جي نالي سان مشهور آهي. سندس مقبرو بلڙيءَ جي پسگردائي ۾ آهي.[1]

شيخ ابراهيم

رڪن پور جو وينل هو، ۽ شيخ ريحان جي اولاد مان هو شيخ ريحان جهنگليءَ جو اصل نالو چنيسر هو ۽ ذات جو سومرو هو. تحفته الڪرام جي روايت موجب: حضرت قلندر شهباز ۽ شيخ رڪن الدين ملتاني، شيخ ريحان سان ملاقات ڪئي هئي. شيخ رڪن الدين جي آمد جي ڪري ئي ان ڳوٺ تي اهو نالو پيو هو.[2] حضرت قلندر شهباز ۽ حضرت رڪن عالم، حضرت رڪن الدين ملتانيءَ جو گڏجي اچڻ صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ جو حضرت رڪن عالم، حضرت قلندر شهباز جي دوست حضرت غوث بهاءُالحق جو پوٽو هو. تحفته الڪرام جي روايت موجب: شيخ ابراهيم سيد صاحب جو عمعصر هو ۽ سيد صاحب جو دوست ۽ پير پائي سيد علي ثاني سندس زيارت لاءِ آيو هو[3].

مخدوم آجب لانگاهہ

مخدوم صدو لانگاهہ جو فرزند ۽ نصرپور جو وينل هو. مخدوم وڏو بزرگ ۽ توڪل جو صاحب هو. تحفته الڪرام موجب: متيارن جا سيد گهڻو ڪري مخدوم صدوءَ جا مريد هئا.[4] مخدوم صاحب بہ پيءُ وانگر وڏو بزرگ ۽ توڪل جو صاحب ٿي گذريو آهي.

مخدوم احمد ولد هوتي لاڪو

شيخ هوتي دشت باران جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي، ۽ ساگري جي ڪناري تي ”مورياٽي“ ڳوٺ ۾ مدفون آهي. ڪيس محمد ۽ احمد نالي بہ فرزند هئا، جي ٻئي پائر الله وارا بزرگ هئا. سندن تربتون پيءُ جي تربت جي پر ۾ آهن.[5]

احمد رونجهو

ذات جو رونجهو هو. ”اپلان“ جو وينل ۽ سيد صاحب جو همعصر هو.[6]

آچر

اصل ٺٽي جو پوڳڙي ھو، پر پوءِ اھڙيءَ ڪماليت جو صاحب ٿيو، جو سيد علي ثاني شيرازيءَ بہ ڪائنس فيض پرايو. سيد علي ثاني سندس ايتري تہ خدمت ڪندو ھو، جو عام ماڻھن جي منھن تي، بزار وچ ۾ ويھي ڪيس زور ڏيندو ھو. سيدن جڏھن ڏٺو تہ سندن اولاد ھڪ پوڳڙي جي خدمت ڪري رھيو آھي، تڏھن ڪيس شھر ڪان ٻاھر ڪڍائي ڇڏيو. ھو گجرات ھليو ويو. سيد علي ثانيءَ پڇائي وجي سڪرات جي حالت ۾ ڪيس لڌو.[7] سيد علي ثاني ان ڪان پوءِ مخدوم نوح جو مريد ٿيو.

مخدوم آدم سميجو

”ڪلي“ ڳوٺ جو وينل ھو. تحفتہ الڪرام موجب سيد صاحب ھن بزرگ ڪان بہ فيض پرايو.[8]

مخدوم اسماعيل

اگھم ڪوٽ جو وينل ھو. جنھن تي اھو نالو اگھم لوھاڻي جي نالي پٽيان پيو. تمام شاھوڪار ھوندو ھو. ۽ قسمين قسمين طعام ۽ شربت ناھي حقدارن، شاگردن ۽ مسافرن ڪي ڏيندو ھو. پر پاڻ جَوَنِ جي ماني ڪائيندو ھو. 998ھ ۾ وفات ڪيائين[9].

بادو

ھي درويش نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) پرڳڻي جي ڳوٺ ”ناياھو“ جو وينل ھو. مخدوم نوح جو مريد ھو.[10]

مخدوم بلال

وڏو محب وطن بزرگ ٿي گذريو آھي. وڏو عالم، فاضل ۽ زھد ۽ تقويٰ جو صاحب ھو. تصوف جي سھروردي، طريقي جي شاخ ڪبرويہ سھرورديہ سان وابستہ ھو، جنھن جو باني، سھروردي طريقي جي باني حضرت شيخ ابو نجيب عبدالقاھر سھروردي جي وڏي خليفي عمار ياسر جو مريد شيخ نجم الدين ڪبريٰ ھو. مخدوم بلال جي فيض مان جيڪي مستفيض ٿيا، انھن مان سيد حيدر سنائي (وفات 937ھ)، مخدوم ساھڙ لنجار (جنھنجو مقبرو انڙپور جي مٿان آھي)، قابل ذڪر آھن. جڏھن شاھ بيگ ارغون 966ھ ۾ سنڌ تي ڪاھي آيو، ۽ فيروز تغلق کي شڪست ڏيئي، ٺٽي تي قبضو ڪري، اچي سيوھڻ ۾ ويٺو. تڏھن مخدوم صاحب سنڌ جي محبت وطن سردارن کي شاھ بيگ جي خلاف اپاريو. نتيجي ۾ ٺلتيءَ جي ميدان تي قومي ڏ لڙندي ڪي ئي ڪونڌر ڪسي ويا، سنڌ غيرن جي غلاميءَ ۾ اچي ويئي. ھي واقعو سن 537ھ ۾ ٿيو. عوامي روايت آھي، تہ ان ڪان پوءِ شاھ حسن ارغون ڪوڙي

فتويٰ وني ڪيس شهيد ڪرايو. 927ھ ۾ مخدوم صاحب شهيد ٿيو. پارسيءَ ۾ شعر بہ چيو اٿس. مير علي شير قانع سندس هيءَ رباعي ڏني آهي:[11]

در راه خداز سر قدم بايد ساخت

سرمايۂ اختيار- خودمي بايد باخت

ڪفر است بخود نمائي بردن بجهان

ازخويش برون شده سويس ببايد تاخت

بهاءُالدين گودڙيو

ذات جو ميمڻ، ۽ ٺٽي جو وينل هو. پهريائين ٺٽي جي درويش موسيٰ جو مريد هو، پوءِ مخدوم نوح جو مريد ٿيو. وڏو عالم فاضل هو. لکڻ پڙهڻ سان ايڏو شوق هوندو هوس، جو ڪائڻ وقت، گرھ وات ۾ وجهي، ٻي گرھ کڻن تائين ڪجھ لکي وٺندو هو. هڪ عاليشان لئبرري هيس، جا ان وقت جي ٺٽي جي مغل گورنر شريف الملڪ يڪ چشم ٻي درديءَ سان ساڙائي ڇڏي. جنهن ڪري نادر ڪتابن جو وڏو ذخيرو اسان تائين پهچي نہ سگهيو. حقيقت هن طرح آهي، تہ 1035ھ ۾ شهزادو شاھ جهان پيءَ کان ناراض ٿي سنڌ ۾ آيو. شريف خان ڪيس نہ سٺو، ۽ مقابلو ڪيو. اهڙيءَ طرح ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ شهزادو دعا پنڻ لاءِ حضرت گودڙئي جي خدمت ۾ آيو. حضرت گودڙئي، گورنر جو ڪوبہ لحاظ نہ رکندي، شهزادي جو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ ڪيس مهماني ڏني. انهيءَ تي گورنر ڪاوڙجي سندس عظيم الشان ڪتب خاني کي باھ ڏياري، هينئر سندس هٿ جي لکيل ڪتابن مان حضرت مخدوم نوح جو قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير باقي بچيو آهي. جو هن 1013ھ ۾ مخدوم نوح جي ٻي مريد سيد ابوبڪر لکياريءَ (لکياري واري) لاءِ لکيو. اهو قلمي نسخو هينئر جناب طالب المولىٰ جن وٽ آهي. تازو اهو فارسي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي. سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ آهي. غالباً يارهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سندس وفات ٿي. سندس مزار مڪليءَ تي ميان مٺي جي مزار جي پرسان آهي.

پير پٺو

سندس ٿورو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سندس اصل نالو حسين لقب شاھ عالم ۽ ڪنيت ابوالخير هئي، پر "شيخ پٺو" جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس والد جو نالو راڄپار ۽ والده جو نالو سلطاني هو.

جا مراد بن شرفو جي نياڻي هئي. ذات جو اپلان هو ۽ ٺٽي جي پرسان ”آري“[12] جو وينل هو. سنڌ جي قديم بزرگن مان هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. تحفة الڪرام جي صاحب لکيو آهي[13] تہ. شاهہ جميل گرناري (سيد عبدالهادي بن سيد عبدالعطاس) بہ سندس مريد هو. سندس مقبرو شيخ پٺي جي پرسان آهي، ۽ شيخ پٺي جي جتي هينئر مزار آهي، اتي هميشہ عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول هوندو هو. تحفتہ الڪرام جي صاحب سندس بزرگي ۽ ڪمال جي اعتراف ۾ علامہ قاضي محمود جا لفظ نقل ڪيا آهن.[14]

حضرت قلندر لعل شهباز جو همعصر هو. روايت آهي تہ حضرت قلندر شهباز ۽ حضرت غوث بهاؤالحق سير و سفر ڪندا اچي ساٽس غار ۾ مليا. ٻنهي بزرگن جي نظر فيض اثر ڪري پير پٺو ولايت جي ڪماليت کي وڃي پهتو. تحفتہ الڪرام جو بيان آهي تہ: سندس سجاده نشين صاحب ڪمال بزرگ ٿي گذريا آهن. تحفتہ الڪرام جي صاحب جي ڏينهن ۾ ”شيخ ساجن“ سجاده نشين هو.[15] 646هہ ۾ وفات ڪيائين[16] ۽ انهيءَ پهاڙ تي ڪيس دفن ڪيو ويو. جنهن جي غار ۾ عبادت ۾ مصروف هوندو هو. 12 ربيع الاول تي، سندس مزار تي ميلو لڳندو آهي. ٺٽي جي عوام جي ساٽس ڏادي عقيدتمندي رهي آهي. حديقة الاولياءَ جي صاحب سندس تعريف ۾ شعر لکيو آهي.

فيروز شاهہ تغلق سنہ 772هہ ۾ ٺٽي تي ڪاهہ ڪئي. ان وقت ٺٽي جو حاڪم ڄام بابينو هو. هن سندس مقابلو ڪيو. قدرت ڏٺيءَ جي فيروز شاهہ جي لشڪر ۾ ڏڪر اچي پيو. اهو حال ڏسي فيروز شاهہ لشڪر وٺي گجرات هليو ويو. ٺٽي جا ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ان کي پير پٺي جي برڪت سمجهيائون.

فيروز شاهہ جي مؤرخ شمس سراج عفيف تاريف يروز شاهيءَ ۾ لکيو آهي:

”و اول کرت کہ سلطان فيروز از ٺهٽہ بہ غرض سمت گجرات باز گشت ٺهٽيان اين سخن راورد حجت ساختندو ميگفتند ”برکت“ شيخ پٺها اک موا اک کٹها“. هت ”اک موا“ محمد تغلق ڏانهن اشارو آهي، جو ٺٽو فتح ڪري نہ سگهيو ۽ واٽ تي مري ويو جڏهن تہ ”اک ڪٽها“ فيروز تغلق ڏانهن اشارو آهي، جو ٺٽو فتح ڪرڻ کان سواءِ هليو ويو. اصل عبارت هن طرح بيهندي: ”ببرکت پير پٺو، هڪ مئو ٻيو ٺٽو“ درويش پلي

ذات جو سميجو هو ۽ ساگري درياھ جي ڪناري تي رهندو هو. شيخ هوتي بن لاکي جو دوست هو. ڏاڍو خوش طبع هوندو هو.[17]

فقير جوڻو

هي بزرگ بتوري پرڳڻي جي ڳوٺ "دبي" جو وينل هو ۽ شاھ ڪريم جو همعصر هو. بزرگي ۾ مشهور هو.

درويش چرڪس

"ڏنو" سرڪيءَ جو فرزند ۽ چاچڪن جي سرڪار جي ڳوٺ "نگو" جو وينل هو. وڏو سالڪ ۽ ڪامل هو. ڪيترائي سنڌس نظر فيض اثر کان مستفيض ٿيا. مخدوم بلال جو همعصر هو. ان سان محققانہ ملاقات بہ ڪئي هئائين.[18]

مخدوم حسن هربره (هرپائي)

"ڏرڪ" پرڳڻي جي ڳوٺ "دائرو" جو وينل هو. وڏو بزرگ ۽ ولايت جو صاحب ٿي گذريو آهي.[19]

قاضي حسن

بتوري پرڳڻي جي "هتڙي" ڳوٺ جو وينل هو. وڏو عالم، ۽ سلوڪ جو صاحب ٿي گذريو آهي. شاھ ڪريم جو همعصر هو.[20]

شيخ حسين سيتو

بتوري پرڳڻي جي ڳوٺ "ڳلهوٽ" جو وينل هو. سماع جو ايترو تہ شائق هو، جو هڪ دفعي ڪنهن عالم کان پڇيائين، "بهشت ۾ سماع هوندو؟" عالم وراڻيو "نہ" فقير چيو، "پوءِ اسان جو بهشت سان ڪهڙو ڪم"[21]

درويش حسين گاذر

سهاڙ جو وينل ۽ شاھ ڪريم جو همعصر هو. حال ۽ قال جو هي صاحب اصل ڌوٻي هو.[22]

سيد حيدر

سن جو وينل هو. ۽ متياري سيدن جي قبيلي "مئين پوٽہ" مان هو. عمر هليءَ ۾ مخدم بلال جي صحبت ۾ رهي وڏي مرتبي کي پهتو. مخدوم بلال جو وڏو خليفو هو. ۽ ٿلٽيءَ واري قومي يڌ ۾، جا

شاهه بيگ ارغون جي خلاف سنڌ جي قوم پرستن طرفان لڙي وئي. قوم پرستن جو وڏو مددگار هو. شاهه بيگ سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪيس سن ۾ نظربند رکيو هو. ايتري تائين جو هن 937ھ ۾ وفات ڪئي.[23] سنڌ جو برک ليڊر سيد غلام مرتضيٰ شاهه (جي.ايم.سيد) سندس اولاد مان آهي.

درويش دائود

ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ دائود ڏنڊ تي سندس مزار آهي، جا سندس نالي پٺيان مشهور آهي. تحفته الڪرام جي صاحب لکيو آهي: ٻڌجي ٿو ته سيد مراد شيرازيءَ جو همعصر هو."[24] سيد مراد، سيد علي اول جو پاءُ ۽ سيد احمد جو فرزند هو. سندس ولادت 831ھ ۾، ۽ وفات 893ھ ۾ ٿي.[25] يعني هو نائين "صديءَ هجريءَ ۾ ٿي گذريو.

رڪن الدين

"ڏنو" جو فرزند ۽ دشت باران پرڳڻي جو وينل هو. وڏو درويش ۽ الله جو مقبول بندو هو. گهڻو ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف رهندو هو. پوين ڏينهن ۾ وجد جي غلبي ۽ ذڪر جي جوش کان سندس عجيب حالت ٿي پيئي هئي. 988ع ۾ وفات ڪيائين.[26]

حاجي سورو

جوڻ پرڳڻي جي ڳوٺ "دڙو" جو وينل هو. مخدوم نوح، اسماعيل چاڪي، سيد رڪن الدين ۽ سيد عبدالڪريم جي صحبتن مان فيض پرايائين. ڪيترائي مريد هئس.[27]

مخدم ساهڙ لنجار

انڙپور جو وينل هو، جو جام انڙ آباد ڪيو. مخدوم بلال جو مريد ۽ خليفو هو. مٽيارين جا سيد سندس مريد هئا. انهن مان سيد رڪن الدين جو نالو قابل ذڪر آهي، جو وڏو عالم، فاضل ۽ تقويٰ جو صاحب هو ۽ مٽياري سيدن جي "جرار پوٽہ" شاخ مان هو. تحفته الڪرام جي روايت آهي، ته مخدوم ساهڙ جي مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهن نه هلندي هئي، جنهن تي به توجهه ڪندو هو. اهو ولايت جي درجي کي رسي ويندو هو.[28] تحفة الڪرام جي صاحب سندس هڪ قول به ڏنو آهي. جو هن طرح آهي. "مون پير کان ٻڌو آهي، ته جنهن ۾ تي گڻ ڏسو، انهيءَ مان ضرور فائدو وٺو. هڪ ته سندس اڳيان وهو، ته اوهان کي خدا ياد اچي، ٻيو ته جيڪي ڳالهائي سو توهان جي دل ۾ ويهي وڃي، ٽيون سندس محبت

چڙڻ توهان ڪي ڏکي لڳي"[29] مخدوم صاحب جي وفات ڏهين صدي هجري جي ٻي چوٿائيءَ ۾ ٿي. سندس مقبرو انڙپور اسٽيشن جي پر ۾ ٽڪريءَ تي آهي.

درويش سليمان

اگهم ڪوٽ يا اگهماڻي ڪوٽ جو رهاڪو هو. سيد صاحب جو همعصر هو.

صابو سومرو

بنوري پرڳڻي جي ڳوٺ "هنڙي" جو وينل هو. مخدوم نوح جي فيض کان مستفيض هو.[30]

صالح

"ڪڪرالي" جو وينل هو. هزار هجريءَ کان اڳ تي گذريو آهي. وڏو اهل الله هو.[31]

صدو لانگاهه

"بنوري" پرڳڻي جي ڳوٺ "نصير سومري" ۾ سندس مزار آهي. ملا آجب جو والد هو. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

سيد عبدالحڪيم

سندس مزار ٺٽي جي پسگردائيءَ ۾ درويش دائود جي قريب زيارت گاهه آهي. درويش آچر جو همعصر هو. جنهن جو ذڪر مٿي تي آيو آهي.[32]

---

[1]. تحفته الڪرام، ج 3، ص 171-172

[2]. ايضاً، ص 76-177

[3]. ايضاً، ص 177

[4]. ايضاً، ص 168

[5]. ايضاً ص 143

[6]. تحفته الڪرام، ج 3، ص 170

[7]. ايضاً ص 172

[8]. ايضاً ص 72

[9]. ايضاً ص 161

[10]. ايضاً ص 177

[11]. مقالات الشعرا، ص 92

[12]. "آري" ٺٽي جي ڏکڻ ۾ ڏيڍ ميل جي مفاصلي تي آهي. مخدوم ملا آري هڪ بزرگ هو، جو حضرت سيد علي شيرازي جي ارادتمندن مان هو. پهريائين ڪينجهر ڍنڍ جا ملاح ۽ مڇي مارينڊڙ قوم گندرا پير آريءَ جا مريد هئا. پر جڏهن سيد علي شيرازي جو مريد ٿيو، تڏهن انهن کي نذر طور انهي سلسلي ۾ داخل ڪيائين. (تحفته الڪرام ج 3، ص 181، ۽ تحفته الطاهرين، ڇاپايل سنڌي ادبي بورڊ ص 9) جيئن ته ملا آري، پير پٺي کان پوءِ جو آهي، تنهن ڪري اهو نالو پوءِ مروج ٿيو آهي.

[13]. ايضاً ج، 3 ص 252 ۽ 53

[14]. ايضاً، ج 3، ص 252

[15]. تحفة الڪرام ص 353

[16]. ايضا، ص 154

[17]. ايضاً، ص 171

[18]. تحفته الڪرام، ج 3، ص، 65-166

[19]. ايضاً ص 171

[20]. ايضاً

[21]. ايضاً ص 174

[22]. ايضاً ص 186

[23]. معصومي ص، 205 ۽ تحفة الڪرام، ج 3، ص 142

[24]. تحفة الڪرام، ج 3، ص 252

[25]. ايضاً ص 189-190

[26]. ايضاً ص 147

[27]. ايضاً ص 163

[28]. تحفته الڪرام، ج 3، ص 154

[29]. ايضاً ص

[30]. ايضاً ص 171

[31]. ايضاً ص 174

[32]. ايضاً، ص 352

مخدوم عبدالرشيد "بصير"

تحفة الڪرام ۾ عبدالرشيد جي نالي سان ڪيترائي بزرگ ۽ عالم ڄاڻايل آهن. هڪ، هالا ڪنڊيءَ جو مخدوم عبدالرشيد، جنهن کان پٽي بزرگن مخدوم محمد ۽ احمد فيض پرايو.[1] ٻيو، ٺٽي جو عالم

سڳورو[2] ٺيون لاهري بندر جو ملا عبدالرشيد، جو مشهور فقيہ ۽ نالي وارو شاعر هو. مرزا غازيءَ سندس صحبت ۽ شعر پسند ڪري، ڪيس گهرائي پاڻ وٽ رکيو، ۽ ”خاني“ جي خطاب سان سرفراز ڪيو.[3] چوٿون، شيخ عبدالرشيد جو نٽي جي قاضي عتيق الله جو پٽ هو.[4] اسان جو مخدوم عبدالرشيد، ”ملا عبدالرشيد“ لاهري بندر وارو ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو مرزا غازي، شاهہ عبدالڪريم جو همعصر هو.

سيد علي ثاني

وڏو عالم، اديب، شاعر ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو آهي، نہ فقط عوام جي ساڻس عقيدت هئي، پر حاڪم بہ وڏي عزت ڪندا هئس. حاڪمن وٽ وڏو اثر رسوخ هوس. سيد صاحب ٺٽي جو انجوي شيرازي سيدن مان هو. سندس والد بزرگ جو نالو سيد جلال بن سيد علي اول هو. سندس پڙ ڏاڏو سيد احمد (تولد شيراز 757ھ وفات سنہ 845ھ) پنهنجي والد بزرگوار سيد محمد (وفات 10 محرم 800ھ) سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سيد صاحب مخدوم نوح جو مريد ۽ شاهہ ڪريم جو صحبتي هو. ان کان سواءِ وقت جا ٻيا بزرگ، فقير، عالم ۽ درويش بہ ساڻس ملاقاتون ڪندا هئا. مخدوم نوح کان اڳ هن درويش آچر کان فيض پرايو، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ اچي چڪو آهي. ڪيس سماع جو ڏاڍو شوق هوندو هو. قاضين ۽ مولوين جي روڪڻ جي باوجود مڪليءَ تي سماع جون محفلون باقاعده لڳارائيندو رهندو هو. عالم ۽ فاضل هجڻ سان گڏ، سنڌي ۽ فارسيءَ جو سٺو شاعر بہ هو.
معارف الانوار جي صاحب سندس هڪ سنڌي ڏوهيڙو ڏنو آهي، جو هيٺ ڏجي ٿو:

سرتن سانگ سکن جو، مون کي رويو رهائين،
آءُ تي هلان هوت ڏي، هو ٿيون واريو وهارين،
وريتيون ورن سين، وينيون گهر گهارين،
کهندا ٿيون ڪارين، ڪانہ هلندي هوت ڏي.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ ڪريم جي زماني ۾ بيت چئن سٽن تائين چوڻ ۾ آيو ٿي. تحفة الڪرام (ص 188) ۾ سندس وفات جو سن 971ھ آهي. تاريخ معصومي ۾ بہ 971ھ ڄاڻايل آهي، پر جيڪو فقرو ڏنل آهي. ان مان 981ھ بآمد ٿئي ٿو. حديقة الاولياءِ جي صاحب سيد عبدالقادر بہ 981ھ برآمد ٿئي ٿو. حديقة الاولياءِ جي صاحب سيد عبدالقادر بہ 981ھ ڄاڻايو آهي. معارف الانوار

واري بہ 981ھ ڏنو آهي. اسان بہ 981ھ صحيح سمجهون ٿا. معارف الانوار ۾ سندن ولادت جي تاريخ 891ھ آيل آهي.

عمر بودلو

هڪ مجذوب بزرگ هو. پهرين ڏينهن ۾ ماٺهن ڪان ٿهندو هو، ۽ جهنگلن ۽ جبلن ۾ گذاريندو هو. پوين ڏينهن ۾ اچي "اگهم" ڳوٺ ۾ رهيو. وفات اتي ئي ڪيائين، ۽ دفن بہ اتي ئي ٿيو. درويش "ونهيون" ساڻس مريد جهڙيون صحبتون ڪندو هو.[5]

قاسم ڪوري

هالن جو وينل جو، ۽ مخدوم نوح جو مريد هو. ڪورڪو ڪم ڪندو هو.[6]

درويش قطب

مخدوم نوح جو مريد هو. هڪ دفعي ڳوٺ بوبڪ ۾ تصوف جي مسئلن تي عالمن سان سندس مباحثو ٿيو. جنهن ۾ تصوف جا مسئلا عقلي دليلن سان سمجهائيندي عالمن کي لاجواب ڪري ڇڏيائين.[7]

لڏو بهار

هي بزرگ بہ مخدوم نوح جو مريد هو.[8]

پير لاکو

ڪڪرالہ پرڳڻي جي "بڪار" ڳوٺ ۾ مدفون آهي. شاهہ ڪريم جي وقت ۾ ممتاتي ۾ هو.[9]

شيخ محمد

شيخ هوتي لاکي جو فرزند، ۽ شيخ احمد جو پاءُ هو.

مهراڻ نهڙيو

شاهہ ڪريم جو همعصر هو. سندس وڌيڪ احوال نہ ٿو ملي.

ميرڻ ڪاتيار

نصرپور پرڳڻي جو ڳوٺ ڪاتيار جو وينل هو. پهريائين مجذوبيت جي ڪيفيت طاري هئس. شاهہ ڪريم کيس مخدوم نوح جي خدمت ۾ وٺي ويو، جنهن جي هڪ ئي نظر کيس معرفت جي وڏيءَ منزل تي پهچائي ڇڏيو.[10]

درويش موسو

جوڻ جي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ هو. بهاؤالدين گودڙيو پهريائين هن بزرگ جو مريد هو.

مراد شيرازي

سندس نالو سيد محمد حسين ۽ لقب مراد هو. انجوي شيرازي سيدن مان سيد احمد جو فرزند هو. سيد علي ثاني سندس ڀاءُ سيد علي اول جو پوٽو هو. 831هه ۾ سندس ولادت ٿي، جا "قرة العين" مان نڪري ٿي. ڄمڻ سان اکيون نه ٿي کوليائين. جڏهن شيخ عيسيٰ لنگوٽي آيو، تڏهن اکيون کوليائين. شيخ عيسيٰ انهيءَ وقت سندس مريديءَ جو اظهار ڪيو. ڪيترن ئي الله جي ٻانهن کي فيض ڏنائين. حضرت غوث بهاءالحق جو پڙ پوٽو شيخ صدرالدين جڏهن سنڌ ۾ آيو، ته ننڍي ۾ سندس ملاقات لاءِ به آيو. سندس صحبت کان ايڏو متاثر ٿيو، جو چيائين، ته "تون مشائخن جي مراد آهين." ان کان پوءِ مٿس "مراد" لقب پئجي ويو. ان جي بدلي ۾ شيخ صدرالدين کي "حليم" جو لقب عطا ڪيائين. سندس فضيلتون حاجي محمد حسين صفائي جي ڪتاب "تذڪره المراد" ۾ بيان ٿيل آهن. 893هه ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ٽي پٽ ۽ ٽي نياٽيون ٿيون. ڪائنس پوءِ سندس پٽ "منصور" سندس سجاده نشير ٿيو.[11]

سيد ميران محمد جونپوري

سيد محمد المعروف به ميران محمد جونپوري سن 847هه (1443ع) ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو سيد حسن هو. سندس نسب جو سلسلو امام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو. وڏو عالم، فاضل ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي، جونپور کان نڪتو، ۽ مالوه، گجرات ۽ دکن مان ٿيندو مڪه معظمه ويو، جتي 901هه (1495ع) ۾ مهدويت جي دعويٰ ڪيائين. ان کان پوءِ مدينه منور وڃڻ کان سواءِ ئي پوئتي موٽيو. وات تي ڪجهه ماڻهو سندس مريد ٿيا. جن مان ڪي ساڻس گڏجي هليا. موٽي اچي احمد آباد ۾ رهيو. ۽ وعظ ۽ نصيحب ذريعي ماڻهن ۾ روحانيت جي تبليغ ڪيائين. مهدويت جي دعويٰ سبب عالمن سندس سخت مخالفت ڪئي، جنهن ڪري گجرات جي حاڪم سلطان محمد کيس احمد آباد مان ڪيرائي ڇڏيو.

اتان نڪري "سوله تيج"، نهرواله"، "پيران پٽن"، "ناگور بڙلي" ۽ "جيسلمير" کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿيو. پهريائين نصرپور آيو، ۽ پوءِ ٺٽي ۾ اچي 18 مهينا سلطان سامتئي جي خانقاه ۾ رهيو. هتي ساڳيو ئي

وعظ ۽ نصيحت جو سلسلو جاري رکيائين. ٺٽي ۾ قيام واري زماني ۾ سنڌي زبان جو قديم شاعر قاضي قاضن، مولوي مرزا شاهين بکري، شيخ صدرالدين، مولوي شيخ الياس، پير آسات، شيخ جھنڊو پاٽڻي، قاضي شيخ محمد اڇي جعفري، ميان ابوبکر بکري، سنڌ جي حاڪم ڄام نندي جو وزير دريا خان ۽ ٻيا ڪيترا عالم سندس مريد ٿيا. سنڌ جا ڪيترائي عالم سندس عقيدن جي ڪري سندس مخالف ٿيا، جنهن ڪري کيس سنڌ مان نڪري وڃڻ جو حڪم مليو. سنڌ مان نڪري 360 ساٿين سان قنڌار پهتو. هتي به سندس عقيدن جي ڪري سندس مخالفت ٿي. البت شاهه بيگ ارغون سندس معتقد ٿيو جنهن ڪري عالمن جي مخالفت ڪجهه گھٽي. آخر اتان به نڪرڻ تي مجبور ٿيو. ۽ "فراه" شهر ۾ پهتو. جتي سنه 910ھ (1504ع) ۾ وفات ڪيائين.

مخدوم نجيم

شيخ موسيٰ، ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو پنجون ڏاڏو، نائين صدي هجريءَ ۾ اڇي، سيوستان پرڳڻي جي سرزمين "ريل" ۾ رهيو. مخدوم نجيم ان بزرگ جي پيڙهيءَ مان ريل جي بزرگن جو سردار ۽ مخدوم نوح جو همعصر هو[12].

مخدوم نوح

شاهه ڪريم جو مرشد حضرت مخدوم نوح وڏو الله وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. ڪيترن ئي وڏن وڏن بزرگن ڪانئس فيض پرايو. روايتن موجب سندس نسب جو سلسلو حضرت صديق اڪبر سان ملي ٿو. سهروردي سلسلي جو باني حضرت شيخ ابونجيب ضياءُالدين عبدالقاهر سهروردي سندس وڏو ڏاڏو هو. سندس والد بزرگوار جو نالو مخدوم نعمت الله هو. 17 رمضان 911ھ برابر 1500ھ ۾ سندس ولادت ٿي. سندس اصل نالو لطف الله هو، پر پوءِ "نوح جي نالي سان مشهور ٿيا، جنهن لاءِ مختلف روايتون آهن. ستن سالن جي عمر ۾ کين هالا ڪندي جي مشهور عالم عربي ڏياڻي عرف شاهه ڏني وٽ پڙهڻ وهاريائونس 251 سيپارا پڙهيائين، ڪن روايتن موجب فقه جا ڪجهه ڪتاب به پڙهيائين. ظاهري تعليم ايتري نه هوندي به قرآن حڪيم جو جڏهن تفسير ڪندا هئا، ته عالم دنگ رهجي ويندا هئا. سندن قرآن حڪيم جو پارسي ترجمو ۽ تفسير، حضرت گوڏڙئي جي هٿ لکيل، اڄ به موجود آهي. تحفة الڪرام موجب "14 سالن جي عمر ۾ جيڪي کين ملڻو هو، سو حضور ﷺ جن وٽان، حضرت علي رضہ ذريعي مليو." انهي ڪري تحفة الڪرام جي صاحب کيس "اويسي" ڄاڻايو آهي، ۽ لکيو

اٿس، تہ مخدوم نوح تي سهروردي طريقو ختم ٿيو.[13] سراج العارفين ۾ بہ ائين ڄاڻايل آهي، تہ مخدوم صاحب پنهنجي فيض جي پالوت سان سنڌ کي سرسبز بنائي، 27 ذي القعد 998ھ برابر 1586 تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.[14] سندس روضو هالن ۾ زيارتگاھ آهي، جو سندس پوٽاڻ مان مخدوم محمد زمان 1205ھ ۾ تعمير ڪرايو.

هوتي اگهمي

اگهم جو وينل، ۽ شاھ ڪريم جو همعصر هو.

سيد يوسف بکري

سيد محمد يوسف بن جادم بکر جي رضوي ساداتن مان هو. سيد مبارڪ شاھ کان فيض پراپائين. جو سيد محمد جونپوريءَ جي هڪ وڏي مريد شيخ دانيال جو تربيت يافتہ هو. سندس پاءُ سيد عبدالرزاق ۽ پاڻ، بکر ۾ رهندڙ پائرن ۽ سوٽن کان جدائي اختيار ڪري اچي ٺٽي رهيا. سيد يوسف گهٽو ڪري مڪليءَ تي انهيءَ جاءِ تي عبادت ۾ گذاريندو هو، جتي سيد ميران محمد جونپوري اچي منزل انداز ٿيو هو، جتي سراين جي شادماني جي جاءِ هئي، ۽ سلطان سامتيو آرامي آهي. ٺٽي جي عباسي قاضين مان شادي ڪيائين. سندس نياڻي وڏي ٿي، تہ پنهنجي پاءُ مير ڪمال الدين جي فرزند سيد اسحاق کي بکر مان گهرائي، شادي ڪرايائين. سندس وفات جي تاريخ نہ ٿي ملي، غالباً ڏهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سندس وفات ٿي، سندس مزار شيخ جماد جماليءَ جي مقبري جي پويان قاضي عبدالله جي چوڪنديءَ ۾ آهي. ڪانئس پوءِ سندس فرزند سيد ابراهيم سندس سجاده نشين ٿيو. سيد يوسف کان شاھ ڪريم جي فيض پرائڻ جو ذڪر اچي چڪو آهي.

فصل ٽيون

بيان العارفين ۾ آيل سنڌ جا شهر ۽ پرڳڻا

عربن جي فتح کان اڳ، سنڌ تمام وسيع هئي، موجوده سنڌ کان سواءِ پنجاب، بلوچستان، ۽ ڪشمير جو ڪجهہ حصو بہ منجهس اچي ٿي ويو. راءِ گهراڻي جي وقت اپرندي جي حد ڪشمير ۽ قنوج، الهندي جي مڪران، ديبل ۽ سمنڊ، اتر جي قنڌار، سيستان ۽ سليمان جبل ۽ ڏکڻ جي سورت بندر هئي. ان زماني جي گاديءَ جو هنڌ "اروڙ" هو ۽ ملڪ ۾ چار وڏا قلعا هئا. انهن ۾ حاڪم رهندا هئا، جي آسپاس جي ملڪ تي حڪومت ڪندا هئا. يعني عظيم سنڌ چئن وڏن حصن ۾ ورهايل هئي. ملتان جو صوبو، تہ مغلن جي حڪومت زماني تائين سنڌ سان شامل هو. آئين اڪبريءَ ۾ سنڌ جون هيٺيون سرڪاريون ڏيکاريل آهن، ۽ انهن جا هيٺين طرح جدا جدا محل يا تعلقا آئين اڪبري ۽ تحفة الڪرام ۾ ڏيکاريل آهن:

ملتان- ملتان، اچ، مئو، ماٿيلو، سيتپور

بکر- بکر، اوباوڙو، الور، دربيلو، سيوي وغيره- ڪل 12

سيوستان- سيوستان، پاٽ، باغبان، ڪاهان، لاڪاٽ، لڪعلوي، دشت باران وغيره- ڪل 9

چاچڪان- چاچڪان، جوڻ، بدين، ونگو، ولهار، ڪوچو، تلهار، پراڻ وغيره، ڪل 11 محل

چاڪر هالہ يا هالہ ڪنڊي- پاٽوٽ، خانوٽ (ڪانوٽ) پٽ، غازيپور، جهيجا، ڪيمر، انڙپور، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)

ٺٽو- ٺٽو، لاهري بندر، ٻنورو، بهرامپور، ڪڪرالو، ساڪرو وغيره ڪل 18 محل

نصرپور- نصرپور، عمرڪوٽ، ستيار، پليجار وغيره ڪل 7 محل

"ملتان جي سرڪار" مان "ماٿيلو" تعلقو هينئر گهوٽڪي ضلعي ۾ آهي، بکر سرڪار ۾ سکر، خيرپور ۽ جيڪب آباد ضلعا، بلوچستان جو ڪجهہ حصو، ۽ نواب شاهہ جو حصو اچي ٿي ويا. سيوستان سرڪار ۾ لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعا، ۽ ٺٽي ضلعي جو پاڳو اچي ٿي ويا. چاچڪان سرڪار ۾ حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن جا حصا اچي ٿي ويا. هالہ ڪنڊي سرڪار ۾ حيدرآباد، دادو ۽ نواب شاهہ ضلعن جا حصا اچي ٿي ويا. ٺٽو سرڪار ۾ هاڻوڪو ٺٽو ضلعو اچي ٿي ويو. "نصرپور" سرڪار ۾ سانگهڙ ضلعو، ٿرپارڪر ۽ نواب شاهہ ضلعن جا حصا اچي ٿي ويا.

بيان العارفين ۾ هيٺين پرڳڻن جا نالا آيل آهن: بتورو، بهرامپور، جوڻ، ڏرڪ، ستيار، سيوستان، گرهڙ ننڍو، گرهڙ وڏو لنڊ، نصرپور، نيرون ڪوٽ، هالا ڪنڊي، بتورو، بهرامپور ۽ انهن مان ڪجهه ٺٽي سرڪار جا علائقا هئا. ”جوڻ، چاچڪان سرڪار جو علائقو هو. ستيار، نصرپور سرڪار جو علائقو هو. سيوستان سرڪار به هئي ته علائقو به هو. نصرپور، سرڪار به هئي ته علائقو به هو نيرون ڪوٽ ۽ هالا ڪنڊي، هالا ڪنڊي سرڪار جا علائقا هئا. گرهڙ ننڍو، گرهڙ وڏو ۽ لنڊ ۽ غالباً چاچڪان سرڪار جا تعلقا هئا. انهن پرڳڻن مان جن شهرن جا نالا بيان العارفين ۾ آيل آهن، انهن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

اپلان: بتوري پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو. جنهن تي اهو نالو اتي رهندڙ اپلان قوم جي نالي پٺيان پيو.

ارموسڙي: پرڳڻي ”گرهڙ ننڍو“ جو هڪ ڳوٺ هو.

اگهم: پرڳڻي ”نيرون ڪوٽ“ جو هڪ ڳوٺ، جنهن تي اهو نالو اگهم لوهاڻي جي نالي پٺيان پيو.

انڙپور: هالا ڪنڊي پرڳڻي جو ڳوٺ، جو سمي حاڪم ڄام انڙ ٻڌايو. ڄام انڙ پهريون سمون حاڪم هو. جو سومرن جي زور ختم ٿيڻ کان پوءِ ڄام جو لقب اختيار ڪري 752ه ۾ سنڌ جي ڪجهه حصي تي قابض ٿيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته انڙپور 752ھ ۾ ٻڌو ويو. مخدوم ساهڙ لنجار هن ڳوٺ ۾ رهندو هو. هينئر به هي ڳوٺ درياهه جي ساڄي ڪناري تي دادو ضلعي ۾ موجود آهي. جيئن ته درياهه جي بلڪل ڪناري تي آهي. تنهن ڪري درياهه هر سال هن شهر ۾ ٻوڏ ڪري ٿو. تحفة الڪرام ۾ به آيو آهي، ته تازو درياهه سندس سموري زمين پائي ويو آهي. 998ھ (1089ع) ۾ خانخانان اڪبر جو سپهه سالار سنڌ تي ڪاهي آيو. لڪيءَ وٽ، مرزا جاني بيگ، سنڌ جي خود مختار حاڪم سان سندس لڙائي ٿي. جاني بيگ، پڇي انڙپور ۾ آيو ۽ يڪدم هڪڙو پهڻن جو قلعو ٺهرائي پناهه وٺي ويهي رهيو. خانخانان ڪاهي اچي ان کي گهيرو ڪيو. زوردار لڙائي لڳي. آخر صلح ٿيو. خانخانان سن ويو ۽ جاني بيگ ٺٽي ويو.

بگهاڙ: ٺٽي جي هيٺان درياهه شاخون ڪري وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. انهن مان هڪ جو نالو بگهاڙ آهي، جنهن تي ”بگهاڙ“ نالي ڳوٺ آباد هو.

ٺٽو: سنڌ جو مشهور شهر ٺٽو، اڄ هڪ ننڍو شهر آهي، پر ڪو وقت هو، جو هي هڪ عظيم شهر هو. ۽ علم ۽ فضل ۽ تجارت ۽ حڪومت جي لحاظ کان عظيم اسلامي شهرن قرطبه ۽ بغداد سان ڪلهو

هنيون بيٺو هو. ڪيترو وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. جنهن ڪري ڌارين جي بريءَ نظر جو هميشه شڪار ٿيندو رهيو. تحفة الڪرام (ص 185) جي لکئي موجب: ڄام نظام الدين هي شهر 900ھ ۾ ٺهرايو. پر تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ٺٽو ان کان بہ اڳ آباد هو. خود تحفة الڪرام جي صاحب بہ ان حقيقت جي هڪ هنڌ تصديق ڪئي آهي. لکي ٿو، ”محمد تغلق ٺٽي ۾ 751ھ ۾ آيو“ (ص 34). نہ فقط سمن جي ڏينهن ۾، پر سومرن جي ڏينهن ۾ بہ ٺٽي جو ذڪر آندو اٿس. لکيو اٿس: جڏهن ”خسرو، علاؤالدين جي پٽ قطب الدين کي مارائي دهليءَ جي تخت تي ويٺو، تڏهن سومرا بغاوت ڪري ٺٽي تي متصرف ٿي ويٺا.“ (ص 34) البت ايترو ضرور هوندو، تہ ڄام نظام الدين، هن کي نئينءَ طرح آباد ڪري، گاديءَ جو هنڌ بنايو هوندو.

هن شهر تي انهيءَ نالي پوڻ بابت تحفة الڪرام جي صاحب لکيو آهي:

”ٺهہ، ٺهہ.“ يعني ”هيناهين، هيناهين“ مان ”ٺٽو“ لفظ جڙيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هي شهر ڪيترا دفعا هڪ ٻي مٿان آباد ٿيندو رهيو آهي. ٻي روايت آهي، تہ ٺٽو، ٺٽ مان بنيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ.

هن شهر جي ڀرسان مڪلي ٽڪري آهي، جنهن تي ٻي انداز بزرگ، عالم، فاضل، حاڪم وغيره مدفون آهن.

پليجا: نصرپور پرڳڻي ۾، نصرپور جي ويجهو هڪ ڳوٺ هو.[15]

پيرار: ”گرهڙ وڏو“ پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

جوڻ: قديم زماني جو مشهور شهر هو، ۽ جوڻ پرڳڻي جي گاديءَ جو هنڌ هو. مغل دور ۾ چاچڪان، سرڪار جو مشهور شهر هو[16] باغن، ميون، نهرن ۽ واپار کان سڄي سنڌ ۾ ممتاز هو. واپار جون وڏيون وڏيون ڪوٺيون منجهس هونديون هيون، ۽ پري پري کان واپاري واپار لاءِ ايندا هئا. ياچ وقت، همايون جڏهن هن شهر وٽان لنگهيو، تڏهن شهر جي باغات جي وچ ۾ ڪجهہ وقت ڪئمپ هڻي ويهي رهيو، چاڪاڻ جو فرحت بخش نظارن کان ڏاڍو متاثر ٿيو.[17]

اڪبر جي ڏينهن ۾ جڏهن سندس سپهہ سالار خانخانان سنڌ تي حملو ڪيو، تہ ان جو لشڪر بہ جوڻ وٽان لنگهيو هو.

چانيہ هالا پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

دائرو: ڏرڪ پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.[18]

ڏبي: ٻنوري پرڳڻي جو هڪ ڳوٺ هو.[19]

ڏڙو: جڻ پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

ڏرڪ: ڏرڪ پرڳڻي جي گاديءَ جو هنڌ هو. سومرن جو قديم تخت گاهه. محمد طور بہ هن پرڳڻي ۾ هو.[20]

ڏندي: "ستيار" پرڳڻي جو هڪ مشهور ڳوٺ هو.[21]

رائوٺ يا راهوٺ: ٻنوري تعلقي ۾ هڪ مشهور ڳوٺ هو. مخدوم صدرالدين سندس پٽ مولانا ضياءُالدين ۽ شيخ عبداللطيف، هن ڳوٺ ۾ زبردست عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن.[22]

رڪن پور: نيرون ڪوٽ پرڳڻي ۾ هڪ مشهور ڳوٺ ۽ شيخ ريحان جهنگليءَ جو مسڪن هو. تحفة الڪرام جي روايت آهي تہ: حضرت غوث بهاؤالحق ملتانيءَ جي پوٽي شيخ رڪن الدين جي اچڻ جي ڪري هن شهر تي اهو نالو پيو.[23] ۽ شيخ ريحان جا پٽ شيخ قطب ۽ شيخ دودو اهل الله ٿي گذريا آهن. شيخ دودو کي شهادت نصيب ٿي. ان موقعي تي حضرت قلندر شهباز عذر خواهيءَ لاءِ آيو هو.[24]

سن: سيوستان پرڳڻي ۾ هڪ مشهور ڳوٺ هو. هينئر دادو ضلعي ۾ آهي. ڄام خيرالدين بن ڄام تماچي جي ڏينهن ۾ فيروز تغلق سنڌ تي ڪاهي آيو هو. ڄام ساٽس مهاڏو ڏيئي، واپس ورڻ تي مجبور ڪيو هو. هڪ ڀيري ڄام سن تائين سندس تعاقب ڪيو هو.[25] سن جي پرسان هڪ وڏي نئن آهي، جيڪا سنڌو درياءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي. ان کي "سن" سڏيو وڃي ٿو. سنڌ جو مشهور ۽ منفرد قلعو "رني ڪوٽ" سن کان ٿورو پريان جبلن ۾ آهي.

هتي مخدوم بلال جي وڏي خليفي سيد حيدر جي مزار آهي، جيڪو متياري سيدن جي خاندان مان هو، جنهن مان شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو بہ هو. مشهور سياستدان ۽ اهل قلم محترم جي. ايم. سيد، سيد حيدر جي اولاد مان آهي.

سونڊا: تحفة الڪرام جي روايت کي نئين موجب: هت هڪ ڪامل فقير رهندو هو. جنهن کي سر "سونڊر" ڏاڍو وڻندو هو. انهيءَ ڪري هي هنڌ انهي راڳ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. ڄام تماچيءَ هن

شهر کي نئين سر اڏايو، پر نالو اهوئي ڏنائينس. عوام جي زبان تي ”سونبر“ مان ”سونڊا“ مشهور ٿي ويو.[26]

وڏيڪ لڪيو اٿس: هن ڳوٺ جي ويجهو قديم زماني ۾ ”هيمر ڪوٽ“ نالي پراڻو قلعو هوندو هو، جو پوءِ هندن جو تيرٿ گاهه بڻيو. هن ڳوٺ جي پرسان هڪ ٽڪر مان پاڻي سمندو هو. ان جي هيٺان هڪ قدرتي چشمو هو، جنهن کي ”جهم“ چيو ويندو هو. هندن پوڄا لاءِ اتي هڪ پٿر کوڙيو هو.[27]

قديم زماني ۾ هڪ مشهور ڳوٺ هو. ڄام تماچي ۽ نوريءَ واري ڪينجهر ڍنڍ به هن ڳوٺ جي ويجهو آهي.[28] هتي ڪيترائي بزرگ ۽ ولي ٿي گذريا آهن. مخدوم رمضان ويداني، مخدوم ملا آري، سندس پٽ مخدوم ملا با يزيد، ۽ ان جو پٽ ملا ابوبڪر ۽ ان جي اولاد مان ملا نارو هن ڳوٺ ۾ آرامي آهن.[29]

سيد پور: بهرام پور پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

ڪڪرالو: سمنڊ جي ڪناري سان لاڳيتي هڪ سرزمين جو نالو ڪڪرالو هو. ان علائقي جي گاديءَ جو هنڌ شهر ”ڪڪرالو“ هو. پهريائين سنڌ جي حڪومت جي حدن ۾ هو. پر پوءِ ڪجهه وقت ڪڇ جي سمن ڄامن جي هٿ هيٺ رهيو.[30] ترخان دور ۾ ڄام ”ڏيسر“ هتي جو حاڪم هو. ڄان بابا، جڏهن مرزا باقي کان شڪست کاڌي، تڏهن ڄام مهر ڄام ڏيسر وٽ مدد لاءِ ويو، پر نااميد ٿي موٽيو.[31] مرزا غازي بيگ ترخان جي ڏينهن ۾ ڄام ڏيسر جي پٽ ڄام هالي، مرزا جي ڪنهن جاگيردار کي سندس حدن اندر قتل ڪرائي ڇڏيو. وير وٺڻ لاءِ مرزا مٿس حملو ڪيو. ڄام جو مائٽ ڄام دائودي غداري ڪري، مرزا جي لشڪر جو سونهون ٿيو. جنهنڪري ڄام هالي کي شڪست ملي، ان کان پوءِ مرزا ڪڪرالي کي ٽن حصن ۾ ورهائي، هڪ حصو دائود کي ڏنو، ۽ باقي ٻه حصا خالصه ڪري ڇڏيا.[32]

مغلن گورنرن جي ڏينهن ۾ به ڪڪرالي جي ڄامن بغاوت ڪئي هئي. گورنر ”شريف“ جي ڏينهن ۾ هنن مغلن لشڪر جي بازار تي حملو ڪيو هو. نواب امير خان جڏهن سنه 1037هه ۾ ٺٽي جو گورنر ٿيو، ته هن ڪڪرالي جي ڄام کي شڪست ڏني.[33]

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ به ڪڪرالي جي ڄام بغاوت ڪئي. ڏاريجا علائقي جو حاڪم راڻو اڄپال ۽ ڪڪرالي جو ڄام، ميان جي لشڪر جي مقابلي ۾ ساموندي آرماڙ، درياءَ اندر گهيري آيا. انهي ڪري پاڻيءَ توڙي خشڪيءَ تي ڪيترين جنگيون لڳيون. آخر ميان جي لشڪر

هتان ڪين شڪست آئي.[34] آخر ميان جي سپهه سالار شيخ شڪرالله سنه 1157ھ ۾ ڪڪرالي جي ڄام هوتيءَ کي ختم ڪري، سندس جاءِ تي ڄام "موهر" کي مقرر ڪيو.[35] محمد مراد ملقب بہ سربلند خان جي ڏينهن ۾ ڪڪرالي جي ڄام جي بغاوت وري منهن ڪڍيو. پر ان کي ڪچليو ويو ۽ ڄام کي ڪودارت ڪان ايري ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو ويو.[36] ميان غلام شاھ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ڄام "ڏيسر" ڪڪرالي جي حڪومت هٿ ڪري ويو. ڇاڪاڻ جو هن ميان سان وفادار تي رهڻ جو انجام ڪيو هو. پر پوءِ هن بغاوت ڪئي، جنهن ڪري ميان ياران محمد صديق ڏيسر ۽ ٻين اميرن کي شڪست ڏئي 7 صفر 1174ھ تي قلعي مان ڪڍي، ڪڇ ڏانهن ملڪ بدر ڪيو. سندس پٽ "هردور" ميان کي ميان جي خدمت ۾ رهايو ويو.[37] اهڙيءَ طرح ميان غلام شاھ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ هي علائقو سنڌ جي حاڪم جي هٿ هيٺ ٿيو.

---

[1]. تحفة الڪرامؒ ص 149

[2]. ايضاً ص 222

[3]. ايضاً ص 242

[4]. تحفتہ الڪرام، ج 3، ص 226

[5]. تحفتہ الڪرام، ج 3، ص 193

[6]. ايضاً ص 191

[7]. ايضاً، ص 168

[8]. ايضاً

[9]. ايضاً 174

[10]. تحفتہ الڪرام، ج 3، ص 161

[11]. ايضاً ص 89- 190، تحفة الطاهرين، تذڪره المراد، معارف الانوار ۽ آداب المريدين. سيد علي ثاني

[12]. تحفتہ الڪرام، ج 3، ص 43-144

[13]. تحفتہ الڪرام، ج

[14]. ص 43-144

[15]. شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام : ڊاڪٽر دائود پوٽو- سال 1937ع ص 23

[16]. تحفتہ الڪرام سنڌي ترجمو ص 409

[17]. ايضاً، ص 161- معصومي، ص 213

[18]. ايضاً، ص 430

[19]. ايضاً، ص 430

[20]. ايضاً، ص 120

[21]. ايضاً، ص 450

[22]. ايضاً، ص 430

[23]. تحفة الڪرام، ص 445

[24]. ايضاً، ص 446

[25]. تاريخ معصومي، ص 79- تحفته الڪرام، ص 126

[26]. تحفته الڪرام، ص 454

[27]. ايضاً

[28]. ايضاً 455

[29]. تحفته الڪرام، ص 455

[30]. ايضاً، ص 437

[31]. تحفته الڪرام، ص 176

[32]. ايضاً ص 205

[33]. ايضاً، ص 236

[34]. ايضاً، ص 268

[35]. تحفته الڪرام، ص 270

[36]. ايضاً ص 247

[37]. ايضاً ص 80-379

هن سرزمين ۾ ڪيترائي بزرگ ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: درويش صالح، پير لاڪو، شيخ اسماعيل، شيخ راڄن، شيخ مغل پين، شيخ ابڙو هالائي، پير ڪجريو، شيخ لال، مخدم جلال محمد، قاضي قطب الدين وغيره.[1] پير لاڪي بابت آيو آهي، تہ سندس مزار تي جيڪڏهن ڪو ڪوڙو قسم کڻندو هو، تہ رت ٿي چڙندو هو. شاهہ ڪريم سندس مزار تي اچي چيو هو: اي لاڪا! ماڻهن حياتيءَ ۾ شوخي ۽ ڪاوڙ ڇڏي ڏني، پر تون مرڻ کان پوءِ بہ نہ ٿو ڇڏين" ان کان پوءِ اها ڳالهہ بند ٿي ويئي.[2]

ڳاهوٽ: ٻنوري پرڳڻي جو مشهور ڳوٺ هو. "حسن سهتو" هتي ڪامل ولي ٿي گذريو آهي.[3]

نارو: ٺٽي جي پرسان هڪ قديم ڳوٺ هو.[4]

ناياهو: نيرن ڪوٽ پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو. درويش ”بادو“ هتي اهل الله ٿي گذريو آهي. مخدوم نوح جو همعصر هو.[5]

نصرپور: سلطان فيروز سنہ 751ھ ۾ ”نصر“ نالي هڪ امير کي درياءَ جي ڪناري تي هڪ قلعي اڏڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ طرح هي شهر آباد ٿي نصرپور جي نالي سان مشهور ٿيو. درياءَ جي ڪناري تي هجڻ ۽ باغن جي گهڻائيءَ جي سبب شهر هڪ خوبصورت ۽ وڻندڙ تفريح گاهہ ٿي پيو.[6]

شاهہ بيگ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شاهہ حسن نصرپور ۾ تخت نشين ٿيو.[7] مرزا غازي بيگ ترخان جي ڏينهن ۾ جڏهن ابوالقاسم سلطان باغي ٿيو. تڏهن مرزا نصرپور وٽ ساڻس مقابلو ڪيو. ترخاني سردارن ساري سنڌ مان هن سرزمين کي پنهنجي رهائش گاهہ لاءِ پسند ڪيو.[8]

شهر جي سرسبزي جو دارومدار درياهہ تي هو. انهيءَ ڪري جڏهن درياهہ رخ ڦيرايو. تہ شهر جو اوج گهٽجي ويو. تحفة الڪرام جو بيان آهي، تہ ڪجهہ سالن کان درياهہ انهيءَ پاسي (نصرپور جي پاسي) کان رخ ڦيرايو آهي، جنهن ڪري اتي جا باغات ويران ٿي ويا آهن. ۽ باغن جي جاءِ تي ڪلر پيو پسجي[9]

هن سرزمين ڪي ئي عالم، فاضل ۽ بزرگ پيدا ڪيا آهن. شاهہ لطيف جو وڏو معاصر ۽ سنڌي زبان جو اعليٰ درجي جو شاعر شاهہ عنات رضوي هتان جو هو. ويجهڙائي واري دور ۾ هتي ”مصري شاهہ“ سنڌي ڪافيءَ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. انهن کان سواءِ بيا بہ ڪيترائي عالم، فاضل ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ: قاضي خيرالدين، شيخ محمدو عرف شاهہ سيستان قادري، شاهہ هاشم رضوي وغيره[10].

نصريو: بنوري پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.[11]

نيرون ڪوٽ: قديم زماني ۾ سنڌ جي هڪ راجا ”نيرون“ نالي هي شهر ٻڌايو. فتحنامي عرف چچ نامي موجب: نيرون ڪوٽ ڇهين صدي عيسوي ڏاري راءِ گهراڻي جي حڪومت ۾ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو ۽ منجهس قلعو هو.[12] ان مان معلوم ٿئي ٿو، نيرون ڪوٽ قديم زماني کان آباد هو. محمد بن قاسم جي فتح وقت، يعني اٺين صدي عيسوي جي ضروعات ۾ بہ هتي قلعو هو. محمد بن قاسم جڏهن ديبل فتح ڪري اڳتي وڌيو تہ نيرون ڪوٽ وٽ پهتو. نيرون ڪوٽ جو حاڪم ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ پندرڪو شمني هو. هن اڳ ۾ ئي حجاج بن يوسف سان خط و ڪتابت ڪري، امان جو پروانو

حاصل ڪيو هو. جڏهن محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ پهتو، تہ نيرون ڪوٽ جي حاڪم امان جو پروانو موڪلي، ساڻس صلح ڪيو، قلعي جا دروازا کولا ريائين ۽ محمد بن قاسم جو آڌر ڀاءُ ڪري ڪيس. وفاداريءَ جو يقين ڏياريائين.[13] محمد بن قاسم ڪيس سروپاءِ پهرائي عزت بخشي، ۽ مٿس گهڻيون مهربانيون ڪيون. ان کان پوءِ محمد بن قاسم قلعي ۾ مسجد ٺهرائي[14].

ڏهين صديءَ عيسويءَ جي عرب سياحن، جهڙوڪ: اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسيءَ جو بيان آهي، تہ نيرون ڪوٽ جو قلعو ديبل کان منصوره جي شاهي رستي جي وچ ڌاري واقع هو، پر البت منصوره کي ويجهو هو. ارغونن ۽ ترخان جي دور ۾ يعني 16 ۽ 17 صدي عيسوي ۾ ”نيرون ڪوٽ“ ڏانهن اشارا ملن ٿا.[15] ڪلهوڙن جي دور تائين هي هڪ ننڍو ڳوٺ وڃي بچيو هو. تانجو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي 1182ھ برابر 1759ع ۾ قديم قلعي جي مٿان نئين قلعي ٻڌائڻ جو ڪم شروع ڪيو. ميان نئين قلعي تي نئون نالو رکيو: ”حيدرآباد. ۽ پنهنجو رهڻ جو هنڌ بنايو. اهڙيءَ طرح سان ڪلهوڙن جي زماني ۾ نيرون ڪوٽ، نئين روپ ۾ نئين نالي حيدرآباد سان سنڌ جي گادي جو هنڌ بنيو. ميرن جي دور ۾ بہ گاديءَ جو هنڌ هو. انگريزن، ڪراچيءَ کي گادي بنايو، پر حيدرآباد جي حيثيت بہ قائم رهندي آئي.

ونگو: چاچڪن جي سرڪار کان مٿي، هڪ جهونو ۽ معروف ڳوٺ هو ۽ هڪ الڳ سرزمين هئي. درويش چرڪس ولد ”ڏنو“ سرڪي هتي جو مشهور اهل اللّٰه ٿي گذريو آهي.

هالا ڪندي: هالا سنڌ جي هڪ قديم قوم جو نالو آهي، جيڪا هن سرزمين ۾ رهندي هئي. ڪنڊ جي معنيٰ آهي: تلاءُ. هاٽوڪن پراڻن هالن جي پرسان هڪ تلاءُ هو، جنهن جي پرسان هالا قوم پنهنجي رهڻ لاءِ ڳوٺ ٻڌايو انهيءَ ڪري ڳوٺ تي نالو پيو ”هالا ڪندي“. ان ڳوٺ جي بلڪل لڳ ”توڙي“ نالي ڳوٺ هو، جتي حضرت مخدوم نوح جا وڏا اچي رهيا هئا. مخدوم نوح بہ ان ڳوٺ ۾ ئي تولد ٿيو. هالا نوان مخدوم نوح جي اولاد مان مخدوم مير محمد 1140ھ ۾ ٻڌايو. چاڪاڻ جو هالن پراڻن کي ٻوڏ جو خطرو هو. ٻوڏ جي خطري جي ڪري مخدوم ميرمحمد پنهنجي بزرگن جي جسم مطهر جون صندوقون ڪڍائي اچي نئين شهر ۾ مدفون ڪرايون، جتي مخدوم نوح جي فرزند مخدوم حامد جو مقبرو اڄ ئي موجود هو. نئين شهر تي ”مرتضيٰ آباد“ نالو رکيو ويو، پر جيئن تہ هي شهر ”هالا“ جو بدل هو، تنهن ڪري هن تي عام نالو ”هالا نوان“ ۽ پراڻي شهر تي ”هالا پراڻا“ مشهور ٿي ويو. حضرت

مخدوم نوح جو لاش مبارڪ 1250ھ مطابق 1790ع ۾ نون هالن ۾ آڻي مدفون ڪيو ويو. موجوده مقبرو سندس اولاد مان پير محمد زمان ٺهرائڻ شروع ڪيو ۽ مير فتح علي خان ٽالپر مڪمل ڪرايو. حضرت مخدوم نوح جي مقبري لڳ مخدوم پير محمد جو مقبرو آهي، جيڪو پڻ مير فتح علي خان ٽالپر 1795ع ۾ ٺهرايو. پرسان واري مسجد 1222ھ ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر جوڙائي. پراڻا هالا، نون هالن جي ڏيڍ ميل اولهہ ۾ آهن.

هٽري: بنوري پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ هو.

بيان العارفين ۾ آيل درياهن جا نالا

پراڻ: ٻہ پراڻ هئا: الهندو پراڻ ۽ اڀرندو پراڻ. هي شاخون مهراڻ (سنڌو درياھ) مان نڪري،هاڪڙي درياھ ۾ پونديون هيون، جنهن جو نالو ماموئي جي بيتن ۾ آيل آهي.[16]

هاڪڙو قديم زماني ۾ اڀرندي، پنجاب، اتر راجپوتانا ۽ ٿرپارڪر ضلعي کي آباد ڪندو هو. هاڪڙي جو ٻيو نالو "وهندو" بہ هو هي، سنڌو درياھ کان جدا درياھ هو ۽ "انبالہ" کان مٿان هماليہ جي شاخن "سيوالڪ" جبلن مان نڪري، اڀرندي پنجاب، بيڪانير ۽ سنڌ جي اڀرندي حصي کي پنهنجن شاخن وسيلي آباد ڪندو هو ۽ لکپت ڪوريءَ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هندن جي ڏند ڪٿائن موجب: هاڪڙو، سر سوتي، دروشاد تي نديون مهاڀارت جي زماني ۾ يعني 1400 ق سڪي ويئون. پر هاڪڙي جون ڪي شاخون عربن جي زماني تائين موجود هيون، جن کي سنڌو درياھ مان پاڻي ملندو هو. هاڪڙي جي ويران ٿيڻ ڪري، ته "بر" تي ويو. موجوده سکر بئراج جو واھ "اڀرندو نارو" هاڪڙي جي قديم پيٽ مان وهي رهيو آهي. قتل هاڪڙي جا آثار سکر، خيرپور ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ اڄ بہ موجود آهن. اترين ۽ الهندو پراڻ، سنڌو درياھ مان نڪري ونگاھ جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ هاڪڙي ۾ ڇوڙ ڪندا هئا. اترئين پراڻ جي ساڄي ڪپ تي ونگاھ، سندري، علي بندر، ۽ الهندي پراڻ تي سومرن جو پهريون تخت گاھ "تري" اگهماٽي، ۽ "ڏيرڪ" جا وڏا شهر هئا. انهن شاخن ۽ خود هاڪڙي جي ذريعي سنڌ جي شهرن جو ڪڇ جي بندرن لکپت، ڪوٽيشور ۽ نارائڻ سر سان واپار هلندو هو. پراڻ ۾ ڪلهوڙن جي زماني تائين ڪجهہ قدر پاڻي موجود هو. 1763ع ۾ ميان غلام شاھ ڪلهوڙي ڪڇ جي راءِ کان سندري، بستا ۽ لکپت جا بندر فتح ڪري، تہ کي آباد ڪرڻ لاءِ "موري" وٽ پراڻ کي بند ڏياريو هو، جو 1819ع جي زلزلي ۾ ڊهي ويو. پراڻ جا قتل آثار اڄ بہ ٿرپارڪر ضلعي ۾ موجود آهن.

ريڻ: ٻنهي پراڻن جي الهندي ۾ ”ريڻ نالي هڪ وڏي شاخ هئي، جا سنڌو درياهہ مان نڪري، موجوده سکر، گهوٽڪي، حيدرآباد، سانگهڙ ۽ ٿرضلعن مان وهي ڪڇ جي رڻ ۾ ختم ٿيندي هئي. هن شاخ تي جوڻ ۽ فتح ڳڙهہ جا شهر هئا، جي باغات ۽ سرسبزيءَ ڪان مشهور هئا. ارغونن جي زماني ائين پراڻ ۽ ريڻ وارين شاخن ۾ پاڻي جام هوندو هو، جنهن ڪري ”چاچڪان“ جو علائقو زرخيزيءَ ڪان مشهور هو، شاهہ حسن ارغون هي علائقو، همايون کي ڏيڻو ڪيو هو، جڏهن همايون سنڌ ۾ آيو هو. انهن شاخن ۾ پاڻي ايترو جهجهو هوندو هو. جو ”سندري“ قلعي جي پسگردائيءَ ۾ سارين جي پوک ٿيندي هئي. آخرهنن شاخن جو پاڻي سڪندو سڪندو، سڪجي ويو، ۽ ماموئي درويش جي هيءَ پيشنگوئي پوري نڪتي.

اچي ويجها ماڙهئا، ننگرجي آڌار

پراڻا پرار، نوان مَ اڏج نجهرا

سانگهڙو: هيءُ بہ هڪ شاخ هئي، جا سنڌو درياهہ مان نڪري، ”هاڪڙو“ ۾ پوندي هئي. نصرپور جو شهر بہ هن شاخ تي هو.

شاهہ ڪريم جا بيت

(1)

اِنَ در سندي مڱڻي، اڳي اِيءَ مَ هيرَ،

جِئَن ڏکها ڪري پيرَ، سڄيون راتيون سُمهين.

(2)

تون چَوُ الله هيڪَڙو، وائي ٻي مَ سِکُ،

سچو اکرمن ۾، سوئي لکِئو لِکُ.

(3)

ڏَڪين ذات پئو، هينئڙو لَهُ سنداڻَ جِئَن،

سنياري کي سَڄٽين، ورجي تان نہ وِئو.

(4)

[17] چرئِن جَئَنُ چت ڪري، سَڳُ سيئي چِنُ

جي پائيين پريءَ مِڙان، تہ مَتِ مُوجي ڳِنُ.

(5)

پريان سندي ڳالڙي، جيڪو ٻئي ڪري،
مَتِ موجي ڪن ڪري، تي ڪي جاب مَ ڏي.

(6)

وائي ٻي مَ پُلَ، مروئان، موران پَڪَٽا،
بلا، سندو سَجَٽين، هوهُلاچوهُل.

(7)

متيون ميڙي ڪانءِ، واچا ڪِجي وِچ پَوُ،
جو تو سائر پائيو، سو هُرٻوئِي ناهہ.

(8)

هنيون ڏجي حبيب کي، لِڳ گڏجن لوڪ،
ڪڏيون ۽ ڪَروتون، ايُ پڻ سگِر توڪ.

(9)

وهاٽِي ئي وچ، تو نہ سرندي تَن ري،
تان سا وجي پچ، پيئي جا ڪاڻِ پرين سي.

(10)

جي جاڳندي من ۾، سِتي پڻ سيئي،
مَنُ پريان نيئي، ٻَڳِهيو پاڻ ڳري.

(11)

مُٺِ پيڙيائي پلِي، جُهُ اُپَتي تہ واءُ،
جُهُ پَڏَرِ وِڏي ڳالَڙي، تہ چِڏي وجي ساءُ.

(12)

پاٽيهاري سَيَ ڪا، جا سِرِ گهڙو ڏري،

ڪا ليءِ سَندي سَڄڻي، ڪا پورهئي ڪاڻ پري.

(13)

وَرُ وِسَري تہ ڪوهہ، پر وَرُ نہ وِسَرئوس،

ڪوچُوَندو ڪڏهين، تہ اڳڻ اوندا هوس.

(14)

پاڻيهاري سِرِ ٻهَڙو، جر تي پڪي جِئن،

اسان سَڄَڻُ تِئن، رهيو آهي روح ۾.

(15)

اسين تِئان آئيون، جت ڪُونبو ناهِ،

وَڃهون جي وِياهہ، تہ پُڻ متهون لوئيون.

(16)

پنجين ڊرمين ڊرم، ڪيجي ڪي سَڄڻين،

تہ پُڻ توهين ڪِتئو، جي سو سَرُءِ ڪم.

(17)

جي مون سَڏَ ڪِئا، پنيوران ٻهار تي،

جي سي پِريءَ سُئا، تہ هوند نہ وِئا نِڪَري.

(18)

وَرُ سا سجي ويڙ، جتي سجڻ هيڪَلو،

سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ ڪُمائُوئين.

(19)

جي تجريدا نِڱَئا، پينا ۾ تفريد،

ڪِنين ڪڏهين ٿئي، هِنين ڏِياڙي عيد.

(20)

پنيوران ٻہ ٽوڪ، ڪِهہ نہ نئا پاڻ سين،

سِڪڻُ سُپيرِيَنِ سين، ٻئو لاڳاپوسين لوڪ.

(12)

وِنگا وَرَ پاڳُنِ، گھور اُبَتيِ گھوتيين،

سينگِڙين پَرِ ڏِٺو، وٺا ڪَجُ چرنِ.

(22)

نيِهُ نياپي نہ ٿِئي، سَڌَين سيڻَ نہ ھُونِ،

ڪَارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُونِ.

(23)

پيرين پاڻُ وڃاءِ، پاڻ وڃائي ھو لَهُ،

تُھا ڌار نہ سُپَرين، مُرُهُ مَنجھين پاءِ.

(24)

مجازي مَ مِٽَ ڪر، اڪيون اِيَ مَ ڦير،

ھارِي حقيقتن جي، پڇي ٿيين نہ پير.

(25)

اي مجازي ماءِ، جي تو پائيا سُپَرين،

ھاري حقيقي پرِي، ڪڇو ڪوھُ ٿِئامِ.

(26)

ھي ڪَنَ گاڏَھان وِڪَٽِي، ڪن ڪي ٻئا ڳينج،

سندي پران ڳالڙي، تِنِين سين سُٽيج.

(27)

ڪرھا ڪامٺا، جَرُ اَئو چو نہ پيوءِ،

مون آن گھٽو سِڪارِئو، وَسا لڌو نہ ھوءِ.

(28)

مُنڌَ مَ مَنَہِ ويھہ، اُپِي اوسَڙِڪ اُسَ ۾،

تو سيئي سيڻ ڪِئا، ڏور جنين جو ڏيهہ.

(29)

جي لياڪا لوڪ ڏون، جان جان سي نہ لِتاءِ،
تان تان تئي نہ ماءِ، پورو پَسَڻُ پرِي سين.

(30)

امڙ کُوءِ گَھرِوءِ، مُنهان ساڻُو وڃي نِڱَئُو،
هنيڙو ڏيئي وَتِ جِئن، مون جِئن تا نہ ٻَروءِ.

(31)

چوريَ پاهَتُ ڳُجَهہ سين، پَدَرِ ناهہ اَرَتُ،
پيرين پاڻ لڪائين، تِهان پوءِ وَتُ.

(32)

سِڪان جي نہ سُٽين، پارايا پريءَ جا،
سي ساتي نہ ٻُجَهٽا، جي تِنين کي ڏين.

(33)

ڳالِ اُو هيڪَڙي، جا مون ڪالَ ڪِئي،
پينر ڪمِ پُڪَتِئُو، ٽيندي تان نہ ٻئي.

(34)

تُند مَ تاءِ ڪَتاءِ، ٻوڏ چوني جِي چَوُ،
جي پائين پرِي مڙان، تہ ڏوهنُون ڳنَ پاءِ.

(35)

فڪر ڪر قڙَڪِيين، وَرَ وِنگائي پاءِ،
جا تون اندر ڪاءِ، سا معلوم محبوب کي.

(36)

ڪاٽياريون ڪِيَ ڪَنِ، عمر اڃا ڪَپڙا؟

جِني جا تَرِنِ ۾، وَرَ تا ويڙ سَهَنِ.

(37)

متارڪا ڳَيرو، گَرتُ نہ ڀڌن گوڏ.

آئيا اگڻ هوڏِ، سِرُ ڏِئو سَرو پئن.

(38)

جا تو گهيڙي گَهتِ، ماڪَرِياڙِي مَڇَڙا،

اُنَ ڪنديءَ ڪدي ڪيترا، نيئي پڇاڙئا پَتِ.

(39)

ڏورا پَسي ڏُورِ، جي وِئين وِهَرو ڪري،

ماڪَرِياڙي مَڇَڙا، هُندَ نہ وِڏين هور.

(40)

[18]ڪنز قدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙئين سَبُ،

تہ ڪَرَ منڊي ماڪوڙي، ڪوهہ ۾ پيئي ڪڇي اُبُ.

(41)

جيڪي گهران مَ وَڄُ، جيڪي موتُ مَ سوهَٽي،

هيڪَڙيائي هَتِ ڪَرِ، ٻيون پيري پَڄُ.

(42)

سوئي هيڏاهہ، سوئي هوڏاهہ، سوئي مَنِ وَسي،

تِنهِين سندي سوجَهري، سوئي سو پسي.

(43)

جي پُڇَٽا، سي نہ مُنجَهٽا، جي پڇن سي وِيرَ،

جو لَڪَڻُ منج ماڙوئين، سو مَڪَڻُ منج ڪير.

(44)

چاڇِرِ چڱيرَنِ، گُهورَ نہ اچي گهاتوئين،

اَڪيون اُنين سَندَيون، ڪَڏا ڪرون پڇن.

(45)

هنج تتهين هوءِ، اُوني ۾ اوڙاھ جو،
اِيُ ڪانرو ڪوءِ، جو ڇاڇِر ۾ ڇيرون ڪري.

(46)

جي اُتَرجي لاَھ، سڄڻ سَڀَ پَرڪِئا،
ري پاجي ڪَنئي، سُيَر ٻري نہ باھ.

(47)

قرب ۾ ڪِبرياءَ، ماءِ ملاقي نہ ٿئي،
صوفيءَ جو صلح ۾، پوروِ اِيُ پرياءُ.

(48)

سَڄَڻ جان سَھُو، تہ ڪر روح رُڃنديُون،
سندو ڪاٺ ڪَھُو، ڀُتوئي ڀَر سهي.

(49)

پَرِ ۾ پَڇي پرِيءَ ڪي، پَسَجي پَرڏيھ،
جِتي ساڄَنُ سُپجي، ساھ ڪي سو ساڙيھُ.

(50)

سَڏَ نہ سلامي ٿئا، وَهِيءَ نہ وَرئا جي،
هاٽي تِنين ڪي، ناهِ ماڳ مليرِ ۾.

(51)

پاٽيءَ اُتي جهوپَڙا، مورڪَ اُڄَ مرن،
دانهون ڪن مُنَنِ جئن، دَمُ تہ سجاڻن.

(52)

سوئي صلح سَڄَڻين، سوئي قوڙائونِ،

والله خيرالماڪرين، اِيُ هِيُ ميڙائون.

(53)

ڪاڪ وَٽِن ساڻُ، اوتيين نہ اورڳي،
جي ڳُڻَ هُوَنِ گهڻا، تہ بہ راڻا توءِ رُئندا وِئا.

(54)

جاڳي جاڳي سسئي، جان هيجا هَٿَ وِڌاءِ،
تان سجي سيج پريءَ ري، پُنو پَٽِرِ ناهہ،
نڪرندي چُئاءِ، گهوڙا گهرِ نہ سپرين.

(55)

مورِ ڪَ مورِ نہ ٻُجهڻا، هيڏا هوڏا ڪَنِ،
ڪَنَرَ جن اکين ۾، سي ڪِيَ پِرِي مِڙَنِ.

(56)

ساڪيئو سائي ڪَنِ، سُپَريان جي ڳالڙي،
هيڪَڙائي سڪئا، ٻي نہ اُجهي تَنِ.

(57)

پنندي پرين سين، ويلا ڪندي وَتُ،
ڪو پائيندُءِ مانيون، ڪو پائيندُءِ پَت و.

(58)

ڏوهہ نہ ڏَمَرِئوءِ، ڏِنوءِ جي ڏاتار موهہ،
ماڻڪين هَٿَ پري، پاڻا آڏو اُسَرِئوءِ.

(59)

متو واهڻ ڪُنَ ڪري، سنبويين ساجَ،
پِرِي نہ پِئا پِنَ ۾، مون پائيندي واجَهہ.

(60)

صورت ليکي هٿ، معنيٰ ليکي ماروئين،
عمر مون جي چت، اوطاقون ٿرن ۾.

(61)

جُوري اُتي جَنِ، داغ تُهجو داسڙا،
تون ڪِئن مٿا تَنِ، چنيسر چت ڪٽين؟

(62)

ڪلاچي ڪُنا، موتي ڪونہ آئيو،
ڪِنين رَڃ وڃائيا، ڪنين توبھ تاءُ.

(63)

ڪُن ڪلاچي پارِ، سَڌُ نہ سُڃي ساٿيين،
گهاتوئين سندا مَڪَڙا، ڪي تڙِ ۾ِي نهار.

(64)

ڳورِيءَ ٻي نہ تاتِ، مِهار ئي مَنَ ۾،
جو پُڻُ پيئي راتِ، تہ هو سائِر هوءَ سوهٽي.

(65)

هوتُ نہ ڏنائون، ڏوھُہ نہ ڏان جيڏيين،
مٿي ڪري هَٿَڙا، مون جِئُنَ رتائون.

(66)

مجاڪِئا مُهانِ، ڪلين مٿي ڪيترا،
سَپَڙُ ڄام سيٽانِ، ويهي رات وِرُوهيو.

(67)

ڪِہ سَرَ سندا هَنجَڙا، ڪٿي تا لَمَنِ،
ٻجا مانَ پون، مَنَ اُڏامن مَن ۾.

(68)

آيل، سوهڻو وَڏُ، سوهڻي ڪامَ وِسَهي،
ستي هُئڙا گَڏ، جان جاڳان تان ناهِ پِري.

(69)

ڏيهُه ڏِهائين ناهه، جتي پير نہ پڪئا،
تتي ڪاهوڙيان، وَرَ ڏيئي وَڻَ چوندِيا.

(70)

مون پريان جا پَڪَڙا، تِها پَري ٿئا.

(71)

پائيون جان نہ ڪَجِنِ، روئي ڏوئي اکڙيون،
جُرَ ڪُجَرَ جن اکين ۾، سي ڪِئَنَ پِري پَسَنِ.

(72)

[19]لا مَ لوڏي ڪَڍُ، الا مَ لاهِ لِڪَ سين،
جو مظهر سندو ماڙوئين، تِهِ کي ڪريين وَڏُ.

(73)

سائر ڏي نہ لَتَ، اوچي نيچي سڀ ڪِنهِن،
نابودي نہ ٿئي، اِي ناديدي جِهَتَ.

(74)

ڪاجا پَرِ پرين، نہ سا ٻَڌي نہ سُئي،
متيون سَڀِ مُنجهن، اِهي ڏِٺي قضيي.

(75)

پاڻَ ئي سلطانُ، پاڻ ئي ڏي سَنِيهڙا،
پاڻَ ڪَرِ پاڻَ لَهي، پاڻ سُجائي پاڻُ.

(76)

اسين سڪَهُون جن کي، سي تا اسين پاڻَ،

هاٽي وَڄ گمانَ، صحيح سڄاڻا سَپَرين.

(77)[20]

توکي توڙائين، لا سين لاتائون،
اڃا پڻ آئون، واريو وڄهين وچ ۾.

(78)

ڄه سَرَ سندو نُورُ، جيلاهہ سو سونهون ٿئي،
تيلاهہ لَيَنِ سُپَرين، ڳالِ لهجي مُورُ.

(79)

آهي اُهڃائُو، پيرُ پريان جو جيڏيون،
جِنين ساڃائُو، تِنين ان بہ پَروڙئو.

(80)

سَڄَڻُ ساعت هِيڪَڙي، جي ٿِيَنِ اڪيئُون ڌارَ،
تہ ڪَرَ سَيَ جمارَ، ڏنوسين نہ ڪڏهين.

(81)

هنيون نہ حاضُرجِنِ، پِري نہ اڪِرِيَنِ ۾،
ٿلها ڍنيا سڪَڻا، هِيئين جاڙ جين.

(82)

انهيءَ ۾ آهي، جي تون پائيين جهوپَڙا،
تاڙي جي لاهي، تہ چارو لوڪَ ٿِئي.

(83)

مُ رُه ڪَرِ منجاران، بَهَرِ ڍونڊِ مَ ڍورَ جِئَنُ،
اُڪَرِي آرارا، ڪنڍِي پُڄَڻَ ڏاڪڙا.

(84)

تون ڏانُ، توتي ڏانُ، هي پاڻ اُتي مَڱڻو،

اهو پارين اَسئو، ڪوچئي وجائي پاڻُ.

(85)

جهوريرا جُهڙِڪَن، متي مبين مگڻا،
سَپَڙَ راتِ سگڻا، ڏکيا ڏينهه ڏسن،
گَهرِ تا گهوٽ وجن، چندا لٿي چارٽين.

(86)

تان ڪي ٻوري چُلُ، جان لاڙائو سج ٿئو،
هاڙهي ڏاري هُلُ، وجي هوتن جو ٿئو.

(87)

مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نِڪَري،
اکَڙيون توهي، مَجَڻُ وِهين وِسَهي.

(88)

ويساهه وارن لنگهئو، اَويساهن تار،
ملووجي ڪُنَ ڪَرَ، تون ڪُنرَ ڪوڙِ نهار.

(89)

چارَئي پلوءَ چڪَ ۾، اديون مُون آهين،
پانئڻ جي پائين، سي ترڪَنِ تڪَڙي.

(90)

مون ڏورائين لڪئا، تہ هي گهاتوئين وياءُ.
[21]هن بيت جي ٻي ست (ستون) مل نہ سگهي آهي.

(91)

خرقان خوش ڪري، اچي ويناسون،
جائين ڏني حسن ڪي، تائين ڏيندهين مون.

(92)

اِيَ ڪچائي منج تو، جو تو پائيو ڪَچُ،
جيڪي سندو سَڄڻين سو سيوئي سَچُ.

قاضي قاضن جا بيت

(1)

سَجَڻَ منج هُئامِ، مون اتي وئا اوٺيا،
هيڏانہ هوڏانہ هَٿَڙا، هُنئين جاڙ وِڏامِ.

(2)

ڪَنزُ قُدوري ڪافئا، ڪِ ڪين پڙهئومِ،
سو پارئي ٻِئوڪو، جِئان پِرِي لڌومِ.

(3)

لوڪان نَحوَ صرف، مون مطالعو سُپَرين،
سوئي پڙهئو سوئي پڙهان، سوئي سو حرف.

(4)

سيئي سيل تئامِ، پَڙئامِ جي پاٽان،
اکرا اڳيان اُپَرِي، واڳون تي ورئامِ.

(5)

سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙِئي،
هيڪائين هيڪُ تئو، ويئي سيِ جِهَت.

(6)

"لا" لاهيندي ڪن ڪي، "لا" موراهين ناهہ،
"بلا" ري پريا ڪِتِ نہ ڏسي ڪو ٻئو.

(7)

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تِهان پوءِ تئوسِ، سندي پريان پيچري.

نوٽ: شاهه ڪريم جي بيتن مان بيت نمبر 40، 76 ۽ 77 ٻه قاضي قاضن جا معلوم ٿين ٿا. انهيءَ لحاظ کان بيان العارفين ۾ قاضي قاضن جا ڏهه بيت آيل آهن.

ٻين شاعرن جا بيت

(1)

ڦِٽيون ڪَرِ ڦَڙَڪيون، وَرَ ونگائي پاءِ،
جا تن اندر ڪاءِ، سا معلوم محبوب کي.

(2)

ڪارين ڪَنين ڪَڪَڙا، ڪَرَهَ ولاڙ وڃن،
ويلو ڪن نه وچ ۾، نه اوڳار پچن.

(3)

چندن چور ڪريندي، رَتو مُنهه ڪُهاڙَ،
سَجَڻ ڏُجڻ نه ٿيي، جي رسي سَوُ وارَ،
پَروڙئو پراڙَ، ته ڪرهيندي قرب ٿيي.

(4)

وائي وجيم شالَ، ۽ ڪنين سين ڪِيمَ سُٽان،
جي پلو ڪري پالَ، ته اکين سين انڌو ٿئان.

(5)

اکڙيون ملير ۾، جنين راتو ڏينهه،
عمر آسائن سين، هاٽي ڪندي ڪِيءَ.

(6)

چارئي پلوءَ چڪَ ۾، پچي پارِيَر وٽ،
اِن اهڙي احتياط سين، ڦٽ پچاٽا ڦِٽ.

ڪم آندل ڪتاب

نوٽ: بيان العارفين جي قلمي ۽ ڇاپي نسخن ۽ شاھ ڪريم جي ڪلام متعلق ڇپيل ڪتابن جو تعارف اڳ ۾ اچي چڪو آھي. انھن کان سواءِ ٻيا ڪيترا ڪتاب خاص طرح سان ھيٺيان سامھون رھيا:

شاھ جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي، 3 جلد (سال 1923، 1924 ۽ 1931ع)

لطف اللطيف: مولانا دين محمد وفائي، ڪراچي، 1951ع

پيغام لطيف: جي. ايم. سيد، اداره انسانيت حيدرآباد.

تاريخ معصومي: (سنڌي ترجمو): سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع

تحفة الڪرام: (سنڌي ترجمو): سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

چچ نامہ (سنڌي ترجمو): سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع

جنة السنڌ: مير رحيمداد خان مولائي شيدائي، 1957ع

سنڌي ادب جو تاريخي جائزو: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1974ع

لغات قديمي: مرزا قليچ بيگ، 1924ع

تحقيق لغات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 1955ع

غياث اللغات: مولوي غياث الدين، 1941ع

فصوص الحڪم (اردو ترجمو): محي الدين ابن عربي، ڪراچي، 1968ع

ملفوظات رومي (اردو ترجمو فيہ ما فيہ): 1956ع

مثنوي مولانا روم (اردو ترجمہ سان)، لاھور

آداب المريدين (اردو ترجمو): ابو نجيب عبدالقاھر سهروردي

ڪشف المحجوب (اردو ترجمو): مخدوم علي هجويري داتا گنج بخش، فيروز سنز، لاھور، 1972ع

لطائف لطيفي (فارسي): مير عبدالحسين سانگي، 1967ع

هندستاني_ انگلش ڊڪشنري: جي. ٽي پليٽس، 1983ع

ڪاشف الغموض: آخوند فتح محمد، 1888ع

---

[1]. ايضاً ص 621

[2]. ايضاً ص 437

[3]. ايضاً، ص 435

[4]. ايضاً، ص 621

[5]. ايضاً ص، 445

[6]. تحفتہ الڪرام، ص 394

[7]. ايضاً ص 146

[8]. ايضاً 494

[9]. ايضاً ص 394

[10]. ايضاً ص 394 ڪان 402

[11]. ايضاً، ص 425

[12]. فتح نامہ عرف چچ نامہ، سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ- سال 1954ع، ص 21-22

[13]. ايضاً ص 188

[14]. فتح نامہ عرف چچ نامہ: سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد- سال 1954 ص 188

[15]. ايضاً ص 188

[16]. هاڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي پند ڏا روڙ، بہ مچي ۽ لوڙهہ، سمين ويندي سوڪڙي.

[17]. ٻي موقعي تي هيءَ سٽ هن طرح بہ چيائين:

"اُتي جُلُ چَرئن جِئن، سِڱ سپيئي چِڻُ."

[18]. هي بيت مضمون، سٽا ۽ تسلسل جي لحاظ ڪان قاضي قاضن جو معلوم ٿئي ٿو البت قاضي قاضن جي بيتن ۾ نہ ڏنو ويو آهي.

[19]. اڳتي هلي هي بيت ٻيو پيرو بہ آيو آهي.

[20]. بيت 76 ۽ 77 جو ترجمو بزرگن جي قديم تذڪره گلزار ابرار ۾ ڏنل آهي، ۽ انهن ڪي قاَضي قاضن جا بيت ڪري ڏيکاريو ويو آهي. انهيءَ ڪري هي بہ بيت قاضي قاضن جا سمجهڻ گهرجن.

[21]. هن هيت جي ٻي سٽ (ستون) ملي نہ سگهي آهي.

پيشڪش : آن لائين ڪتاب گهر

ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

12/05/2014